# قافيا ڪوش

مخدوم جميل الزمان

Gul Hayat Institute

طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا

# قافيا ڪوش

مخدوم جميل الزمان

Gul Hayat Institute

طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا
2010ع

**ڪتاب جا حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ**

ڪتاب جو نالو: قافيا ڪوش
ليکڪ: مخدوم جميل الزمان
پهريون ڇاپو: 2010ع
ڪمپوزر: طارق حسن هيسباڻي
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: نديم احمد سولنگي
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
ڇپائيندڙ: طالب المولىٰ اڪيڊمي، هالا

قيمت: 150/= روپيا

**ملڻ جا هنڌ**

سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديہ پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 071-5628368،
سنڌيڪا بوڪ شاب، جتوئي منزل حيدر چوڪ حيدرآباد فون: 03013594679 —
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521 ، 0300-343115
ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي - رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ، رهبر بوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو - رحيم ڪتاب گهر مهراڻ چوڪ بدين-جنيد بوڪ اسٽور ۽ رشيد بوڪ اسٽور نئون چوڪ دادو - گل ڪتاب گهر لکي در شڪارپور - ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار نوشهروفيروز - ڪنول ڪتاب گهر، مورو - حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه - ٽر ڪتاب گهر، عمر ڪوٽ - ديدار بوڪ ڊپو، ٽنڊوالهيار - رفعت بوڪ هائوس، ماتلي - مرچو لال پريمي، بدين - عطار ڪتاب گهر، بدين، مهراڻ ڪتاب گهر، عمر ڪوٽ، حافظ ڪتاب گهر، ڪپرو، سنڌ ڪتاب گهر، مورو

Gul Hayat Institute

# پيش لفظ

مون کي هي لفظ لکندي ڏاڍي خوشي ٿي رهي آهي جو مون کي هن ڪوش کي چڱيءَ طرح پڙهي اُن کي مڪمل ڪرڻ جو موقعو مليو. هي ڪوش جناب مخدوم جميل الزمان جي ڄاڻ، شوق ۽ محنت جو ثمر آهي. مخدوم صاحب هن ڪوش کي تيار ڪرڻ ۾ جنهن محنت کان ڪم ورتو آهي اها قابل ستائش آهي. مخدوم صاحب پنهنجي ڄاڻ سان گڏ ان ڳالهه جو خيال رکيو آهي ته اسان جو سنڌي شاعر عربي، فارسي، سنسڪرت ۽ ٻين ٻولين جي لفظن کي ڪهڙيءَ طرح ۽ ڪهڙي معنيٰ ۾ استعمال ڪري سگهي ٿو ۽ انهن جي مختلف پهلوئن کي مدنظر رکي انهن کي اها معنيٰ ڏني آهي جيڪا اصل مطلب مطابق شعر ۾ ٺهڪي بيٺي آهي. مان مخدوم صاحب کي هن ڪوش جي تيار ڪرڻ تي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو ۽ اميد ٿو رکان ته اسان جو موجوده وقت جو پڙهڻ وارو ۽ مستقبل جو شاعر هن ڪوش مان گهڻي رهنمائي حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ سنڌي ادب ۾ وڏيڪ ۽ نئين جدت پيدا ڪري سگهي ٿو ۽ گڏوگڏ پنهنجي پڙهندڙن کي انهن لفظن جو تعارف ڪرائي سگهي ٿو جيڪي اڄڪلهه جي شاعريءَ ۾ ڪي خال خال آهن.

سنڌي ادب ۾ هي ڪوش هڪ نئين راهه ڏسيندڙ ۽ سکڻ وارن جي سکيا جو هڪ نئون ذريعو بڻبي ۽ گڏوگڏ پراڻن شاعرن کي سمجهڻ ۾ وڏيڪ مددگار ثابت ٿيندي.

عبدالرشيد ميمڻ

ڪراچي

19 مئي 2010



Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# پنهنجي طرفان

الله تعاليٰ وٽان انسان کي جيڪي بہ نعمتون مليون آهن، انهن ۾ ٻولي ۽ ٻوليءَ جو علم بہ وڏي نعمت آهي. دنيا ۾ جيتريون بہ ٻوليون ڳالهايون ۽ لکيون وڃن ٿيون اهي سڀ محترم آهن پر سنڌي زبان انهن ٿورين زبانن مان آهي، جن وقت جي لوڏن لمن ما،ن گذرندي پاڻ کي سنواريو ۽ نکاريو آهي.

خليفه اول حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه، امير المومنين حضرت علي بن ابو طالب رضي الله عنه، امام شافعي رحمة الله عليه، فردوسي، عمر خيام، شمس تبريزي، غالب، علامہ اقبال ۽ جوش مليح آبادي جهڙين شخصيتن جو ڪلام پڙهي انسان جي دل ۽ دماغ تي جادو ٿيو وڃي ۽ ماڻهو بيخود ٿيو وڃي. وري جڏهن سرتاج الشعراء شاهہ ڀٽائي رحمة الله عليه، مخدوم طالب المولي رحمة الله عليه ۽ مصري شاهہ جا شعر ٿا پڙهجن تہ دل ۽ دماغ سان گڏ لفظن ۾ بہ روح پئجيو وڃي.

آءٌ اڪثر سوچيندو آهيان تہ حضرت مخدوم عثمان مرونديءَ، المعروف قلندر لعل شهباز رحمة الله عليه، مخدوم بلاول رحمة الله عليه ۽ مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه جي زماني ۾ سنڌي ڪهڙي لهجي ۾ ڳالهائي ويندي هئي. حضرت قبلہ طالب المولي سائين جن چوندا هئا تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم

Gul Hayat Institute

جن جي خدمت ۾ سنڌي ماڻهو حاضر ٿيا ۽ کين سنڌي جو بيت ٻڌايائون. روايتن ۾ به ائين آيل آهي ته پيغمبر ڪريم ﷺ هڪ ڀيري پنهنجي صحابين سڳ ۾ فرمايو ته: "اڄ به وفد آيا ۽ انهن اسلام قبول ڪيو. هڪ سنڌ مان، هڪ آفريڪا مان." آئون پهرئين ڀيرو دمشق ۾ صحابي رسول الله ﷺ سيدنا حضرت بلال حبشيءَ ﷛ جي روضي مبارڪ تي حاضري ۽ دعا لاءِ ويس، ڏٺم ته سندن مزار شريف جي الهندي واري پٽ تي، قبلہ طالب المولیٰ سائين جن جيڪو شعر ٻڌائيندا هئا اهو نهايت سهڻن اکرن ۾ فريم ٿيل لڳل هو جيڪو هيٺن آهي:

قال سيدنا بلال رضہ
"ارهہ برهہ ڪنڪر ڪراڪري مندر"
فاعربہ الصابي سيدنا حسان بن ثابت رضہ
اذا المكارم في آفاقنا ذكرت
فانما بک سمينا يفر المثل

منهنجو خاندان اٺن نون سؤ سالن کان سنڌ ۾ رهي ٿو اسان جي مادري ٻولي سنڌي آهي. آئون سنڌ جي قديم باشندي هئڻ جي ناتي سان اها خواهش ٿو رکان ته سنڌي زبان جي عزت ۽ شان ۾ روزانو واڌارو ٿئي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي پاڪستان جي قومي ٻوليءَ جو درجو ملي. انهيءَ سان دنيا ۾ پاڪستان جي عزت وڌندي ڇو ته ملڪ ۾ ڳالهائجندڙ علائقائي ٻولين مان سنڌي اها واحد ٻولي آهي جيڪا رسول الله ﷺ جن جي مجلس ۾ ڳالهائي وئي ۽ پنهنجي سيني عظمتن، نواڻ ۽ مناڻ سان گڏ صدين کان قائم دائم ۽ روان دوان آهي.

منهنجو هي ڪتاب "قافيا ڪوش" خاص طور تي شاعرن لاءِ عام طور تي علم و ادب سان لاڳاپيل سيني طالب علمن جي لاءِ مددگار ٿي سگهي ٿو. مون هي ڪتاب سن 1988ع ۾ لکڻ ۽ سهيڙڻ شروع

ڪيو. ساڳئي سال ۾ پ پ پ جي حڪومت قائم ٿي ۽ اسان جي اڳواڻ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو پاڪستان جي وزير اعظم منتخب ٿي. 1988ع کان 1997ع تائين سياست جي منظرنامي تي اک ٻوٽ جو سلسلو هلندو رهيو. پ پ پ کي ختم ڪرڻ جي سازش ختم نہ ٿي. ملڪ جي پرده پٺيان رهندڙ اختيارن پورو زور لڳايو تہ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ ۽ سندس چاهيندڙن کي مکڻ مان وارَ وانگر ڪڍي ٻاهر ڪن، پر سلام آهي پاڪستان جي غريب ماڻهن ۽ پ پ پ جي ورڪرن کي جن هر قدم تي شهيد محترمہ بينظير صاحبہ جو ساٿ ڏنو ۽ ساڳئي وقت شهيد محترمہ بينظير ڀٽو کي بہ خراج تحسين ٿو پيش ڪريان جنهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي پارٽيءَ جي رات ڏينهن هڪ ڪري خدمت ڪئي ۽ پارٽي کي بلندين تي پهچايو. ان سڄي دور ۾ قافيا ڪوش تي بہ ڪم هلندو رهيو. جڏهن 1997ع ۾ آئون سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيس تہ علمي ادبي مصروفيتون گهٽجي ويون. سياسي ذميوارين مان ٿورو ٿورو وقت ڪڍي هن ڪتاب کي ڇپجڻ لاءِ ڏنم، جيڪو 2005ع ۾ ڪمپوزنگ جا مرحلا پورا ڪري ٻترن تائين پهتو ۽ انهيءَ حالت ۾ رهيو. 2005ع کان پوءِ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ مون کي پ پ پ حيدرآباد ڊويزن جو صدر مقرر ڪيو ۽ ذميواريون اچا وڌي ويون ۽ الله سائين جو ٿورائتو آهيان تہ پنهنجي پارٽيءَ جون سڀئي ذميواريون ڀرپور نموني سان نڀائڻ جو موقعو مليو. مون کي اهو لکندي خوشي محسوس ٿي ٿئي تہ سنڌ ۾ جيترو پ پ پ حيدرآباد جي ورڪرن پنهنجو پاڻ ملهايو آهي اهو سڀني ضلعن جي ڀيٽ ۾ مثالي آهي.

مون کي منهنجي پارٽيءَ جڏهن کان سنڌ جي بين الصوبائي رابطن واري کاتي جو وزير مقرر ڪيو آهي تڏهن کان منهنجي کاتي صوبائي خودمختاري، سنڌي ٻولي ۽ پاڻيءَ جي



Gul Hayat Institute

مسئلي تي واضح بيهڪ ورتي آهي ۽ صوبي سنڌ جو موقف وڏيڪ چٽو ۽ پختو بڻايو آهي.

تازو هالا ۾ پنهنجي لائبريري ۾ پراڻا دستاويز ۽ ڪاغذ ڏسندي "The Days & Dates" ۽ "قافيا ڪوش" جا مسودا ڏٺم. ارادو ڪيم تہ بئي ڪتاب شايع ڪرايان. "The Days & Dates" 8 مئي 2010ع تي ڇپجي مليو آهي ۽ قافيا ڪوش توهان جي هٿن ۾ آهي.

هن ڪتاب جو نالو "قافيا ڪوش" منهنجي دوست ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ صاحب تجويز ڪيو ۽ لغت جي ماهر محترم عبدالرشيد ميمڻ صاحب نظرثاني ڪئي. جن لاءِ آئون پنهي جو ٿورائتو آهيان. الله سائين جي مهربانيءَ سان هيءُ ڪتاب بہ پنهنجي پڙهندڙن جي مدد ڪندو.

21 مئي 2010ع
7 جمادي الثاني 1431هہ

جميل الزمان
ڪراچي سنڌ

Gul Hayat Institute

# فہرست


**الف/آ**

گروپ-۱ 15
گروپ-۲ 15
گروپ-۳ 21
گروپ-۴ 23
گروپ-۵ 29

**ب**

گروپ-٦ 31
گروپ-۷ 31
گروپ-۸ 34
گروپ-۹ 34
گروپ-۱۰ 35
گروپ-۱۱ 36
گروپ-۱۲ 37
گروپ-۱۳ 38
گروپ-۱۴ 39
گروپ-۱۵ 41
گروپ-۱٦ 42
گروپ-۱۷ 44
گروپ-۱۸ 44

**ت**

گروپ-۱۹ 45
گروپ-۲۰ 46
گروپ-۲۱ 47
گروپ-۲۲ 47
گروپ-۲۳ 53
گروپ-۲۴ 54
گروپ-۲۵ 55
گروپ-۲٦ 55
گروپ-۲۷ 56
گروپ-۲۸ 56

**ث**

گروپ-۲۹ 57
گروپ-۳۰ 57

**ج**

گروپ-۳۱ 58
گروپ-۳۲ 58
گروپ-۳۳ 59
گروپ-۳۴ 60
گروپ-۳۵ 60


Gul Hayat Institute

گروپ-۳٦ 61

ح

گروپ-۳۷ 61
گروپ-۳۸ 63
گروپ-۳۹ 63
گروپ-۴۰ 64
گروپ-۴۱ 64
گروپ-۴۲ 65
گروپ-۴۳ 66
گروپ-۴۴ 66

خ

گروپ-۴۵ 67
گروپ-۴٦ 67
گروپ-۴۷ 68
گروپ-۴۸ 68
گروپ-۴۹ 69
گروپ-۵۰ 69

د

گروپ-۵۱ 71
گروپ-۵۲ 72
گروپ-۵۳ 76
گروپ-۵۴ 76
گروپ-۵۵ 77
گروپ-۵٦ 78
گروپ-۵۷ 78
گروپ-۵۸ 79
گروپ-۵۹ 81
گروپ-٦۰ 81
گروپ-٦۱ 82
گروپ-٦۲ 82
گروپ-٦۳ 84
گروپ-٦۴ 86
گروپ-٦۵ 86
گروپ-٦٦ 87
گروپ-٦۷ 89
گروپ-٦۸ 91
گروپ-٦۹ 92
گروپ-۷۰ 94
گروپ-۷۱ 95
گروپ-۷۲ 96
گروپ-۷۳ 96
گروپ-۷۴ 98
گروپ-۷۵ 98
گروپ-۷٦ 100
گروپ-۷۷ 101

ر

گروپ-۷۸ 103
گروپ-۷۹ 106
گروپ-۸۰ 110
گروپ-۸۱ 114
گروپ-۸۲ 118
گروپ-۸۳ 122
گروپ-۸۴ 126
گروپ-۸۵ 126
گروپ-۸٦ 129
گروپ-۸۷ 130
گروپ-۸۸ 130
گروپ-۸۹ 132


Gul Hayat Institute

گروپ-۹۰ 134
گروپ-۹۱ 136
گروپ-۹۲ 137

ز

گروپ-۹۳ 143
گروپ-۹۴ 144
گروپ-۹۵ 145
گروپ-۹۶ 145
گروپ-۹۷ 147
گروپ-۹۸ 148
گروپ-۹۹ 148
گروپ-۱۰۰ 149

س

گروپ-۱۰۱ 149
گروپ-۱۰۲ 150
گروپ-۱۰۳ 150
گروپ-۱۰۴ 152
گروپ-۱۰۵ 152

ش

گروپ-۱۰۶ 153
گروپ-۱۰۷ 154
گروپ-۱۰۸ 154
گروپ-۱۰۹ 155
گروپ-۱۱۰ 156
گروپ-۱۱۱ 159
گروپ-۱۱۲ 160
گروپ-۱۱۳ 160
گروپ-۱۱۴ 161
گروپ-۱۱۵ 162
گروپ-۱۱۶ 163
گروپ-۱۱۷ 163

ص

گروپ-۱۱۸ 164
گروپ-۱۱۹ 165

ض

گروپ-۱۲۰ 165
گروپ-۱۲۱ 167
گروپ-۱۲۲ 167
گروپ-۱۲۳ 168
گروپ-۱۲۴ 168
گروپ-۱۲۵ 169
گروپ-۱۲۶ 169
گروپ-۱۲۷ 170

ط

گروپ-۱۲۸ 170
گروپ-۱۲۹ 171
گروپ-۱۳۰ 171
گروپ-۱۳۱ 172
گروپ-۱۳۲ 172
گروپ-۱۳۳ 173
گروپ-۱۳۴ 173
گروپ-۱۳۵ 174

ظ

گروپ-۱۳۶ 175
گروپ-۱۳۷ 175
گروپ-۱۳۸ 175
گروپ-۱۳۹ 176
گروپ-۱۴۰ 176


Gul Hayat Institute

گروپ-۱۴۱ 177

ع

گروپ-۱۴۲ 177

گروپ-۱۴۳ 179

گروپ-۱۴۴ 180

گروپ-۱۴۵ 181

گروپ-۱۴٦ 182

غ

گروپ-۱۴۷ 183

گروپ-۱۴۸ 184

گروپ-۱۴۹ 184

گروپ-۱۵۰ 184

ف

گروپ-۱۵۱ 185

گروپ-۱۵۲ 186

گروپ-۱۵۳ 186

گروپ-۱۵۴ 187

گروپ-۱۵۵ 188

گروپ-۱۵٦ 188

گروپ-۱۵۷ 189

گروپ-۱۵۸ 189

ق

گروپ-۱۵۹ 190

گروپ-۱٦۰ 192

گروپ-۱٦۱ 193

گروپ-۱٦۲ 194

گروپ-۱٦۳ 195

گروپ-۱٦۴ 197

گروپ-۱٦۵ 197

گروپ-۱٦٦ 198

گروپ-۱٦۷ 199

گروپ-۱٦۸ 199

گروپ-۱٦۹ 200

گروپ-۱۷۰ 200

ک

گروپ-۱۷۱ 200

گروپ-۱۷۲ 201

گزوپ-۱۷۳ 202

گ

گروپ-۱۷۲ 202

گروپ-۱۷۵ 203

ل

گروپ-۱۷٦ 204

گروپ-۱۷۷ 205

م

گروپ-۱۷۸ 206

گروپ-۱۷۹ 207

گروپ-۱۸۰ 208

گروپ-۱۸۱ 209

گروپ-۱۸۲ 211

ن

گروپ-۱۸۳ 214

گروپ-۱۸۴ 215

گروپ-۱۸۵ 218

گروپ-۱۸٦ 219

گروپ-۱۸۷ 220

گروپ-۱۸۸ 221


گروپ-۱۸۹ 222


Gul Hayat Institute

گروپ-۱۹۰ 223
گروپ-۱۹۱ 224
گروپ-۱۹۲ 226
گروپ-۱۹۳ 229
گروپ-۱۹۴ 231
گروپ-۱۹۵ 233
گروپ-۱۹۶ 235
گروپ-۱۹۷ 244
ي
گروپ-۱۹۸ 244
گروپ-۱۹۹ 245
گروپ-۲۰۰ 248
گروپ-۲۰۱ 248
گروپ-۲۰۲ 250
گروپ-۲۰۳ 251
گروپ-۲۰۴ 251
گروپ-۲۰۵ 252
گروپ-۲۰۶ 253
گروپ-۲۰۷ 253
گروپ-۲۰۸ 254
گروپ- ۲۰۹ 254


***

Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جَزا | (ع) | جَ ـ زا | بديءَ جو]. ٢ـ بخشش ـ نفعو. |
| جفاء | (ع) | جَ ـ فا | بي مهري (ڪرڻ) ـ منهن مٽڻ. ظلم ـ زيادتي ـ ڏاڍائي. بي وفائي. |
| جفاء | (ع) | جَ ـ فا | بيهوده ـ اجائي. [هر اها شيءِ جنهن ۾ نہ فائدو هجي نہ نقصان]. |
| چڱا | (س) | چَ ـ ڱا | سنا ـ سُلڇڻا. تيار ـ تندرست. صحتمند. |
| حرا | (ع) | حِ ـ را | مڪ معظم جي ويجهو هڪ ٽڪري، (جنهن جي غار ۾ رسول پاڪ ﷺ عبادت ڪرڻ فرمائيندا هئا ۽ اتي ئي مٿن پهرئين وحي نازل ٿي). |
| حنا | (ع ـ ف) | حِ ـ نا | ميندي. |
| حَيا | (ع) | حَ ـ يا | شرم ـ لڄ. پرهيز ـ حجاب. پَتِ. |
| خُدا | (ف) | خُ ـ دا | خالق ـ پالڻهار ـ مالڪ ـ صاحب ـ آقا ـ الله تعاليٰ. |
| خطاء | (ع) | خَ ـ طا | ڀُل ـ چُڪ ـ غلطي. گناه ـ ڏوهہ ـ (ثواب جو ضد). |
| خفاء | (ع) | خِ ـ فاء | لِڪَ ـ پوشيدگي. (ظهور جو ضد). |
| خفا | (ف) | خَ ـ فا | ناراض ـ ڪَڪَ ـ رنج ـ ناخوش ـ بيزار |
| خَلا | (ع) | خَ ـ لا | ١ـ خالي جاءِ ـ وٿي ٢ـ فضا جو پولار وارو حصو. |
| رهاء | (ع) | رَ ـ ها | وڏي ۽ ويڪري جاءِ. |
| خَوشا | (ف) | خَ ـ شا | اي خوش! ڇا خوب ـ مبارڪ. |
| دَرا | (ف) | دَ ـ را | ڇڙو (مال جو) ـ گهنڊ. (مونکان تہ منتِ بانگ درا ڪڍهن بہ نہ ٿي.) |
| دُعاء | (ع) | دُ ـ عا | درخواست ـ گهر ـ آرزو ـ سڌ. مناجات (جمع: ادعيہ). |
| دغا | (ف) | دَ ـ غا | مڪر ـ مڪر ـ فريب ـ ٺڳي ـ ڪُپت ـ نادرست. |
| دواء | (ع) | دَ ـ وا | ڦڪي ـ دارو. (جمع: ادويہ). |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| صَلا | (ع) | صَ ـ لا | ڪوٺَ- دعوت- سڏ. |
| ضِياء | (ع) | ضِ ـ يا | روشني- چمڪ- تجلي- نُور. |
| عباء | (ع) | ع ـ با | وڏو ۽ ويڪرو جُبو [عموماً ريشمي] جيڪو ڪپڙن مٿان پائيندا آهن. |
| عَصا | (ع) | عَ ـ صا | لٺ [هٿ ۾ کڻڻ جي]. |
| عطاء | (ع) | ع ـ طا | بخشش- ڏاتُ- دان- انعام. |
| عَناء | (ع) | عَ ـ نا | رنج- ايذاءُ- اهنج- آزار. |
| غذا | (ع) | غِ ـ ذا | خوراڪ- کاڌو- کاڄ. |
| فِداء | (ع) | فِ ـ دا | سر جي قيمت- سربها - نڇاوَر- عاشق- مفتون. |
| فَضَاء | (ع) | فَ ـ ضاء | ويڪري جاءِ- ڪشادو ميدان. |
| فَضَا | (ع) | فَ ـ ضَا | ماحول- چوگرد جون حالتون- وايون منڊل- هوا. |
| فناء | (ع) | فَ ـ ناء | ختم- برباد- چَٽُ- نابود. |
| قَباء | (ع) | قَ ـ با | ٻيڙن کان سوا جُبو [ريشمي يا سوٽي]. |
| قُبا | (ع) | قُ ـ با | سعودي عرب ۾ واقع هڪ مشهور تاريخي مسجد جو نالو. |
| قضاء | (ع) | قَ ـ ضا | خدا جو حڪم- فرمان- تقدير- عبادت جو وقت گسي وڃڻ. |
| ڪبا | (س) | ڪَ ـ با | ڪيا ويندا- (محبّت ۾ وفا ڇا ۽ خطا ڇا؛ لڳائي دل وري ليڪا ڪبا ڇا) |
| ڪُتا | (س) | ڪُ ـ تا | ڪُتَل- ڪُهي ڇڏيل (جمع). |
| ڪَڙا | (س) | ڪَ ـ ڙا | ڪسارا- ناپسنديده (جمع). |
| ڪُشا | (س) | ڪُ ـ شا | کوليندڙ- ڇوڙيندڙ- ڇڏائيندڙ. (مثال: مشڪل ڪُشا.) |
| ڪَما | (س) | ڪَ ـ ما | ڪمائتا- ڪم وارا. |
| ڪنا | (س) | ڪَ ـ نا | شوخ- خراب- اڻ وڻندڙ. |
| ڪُٽا | (س) | ڪُ ـ ٽا | فال وجهڻ لاءِ ڪاغذ جا ٽڪرا (ف: قرعہ). |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | بيهڪ. | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| پيما | (ف) | پَيـ ـ ما | ماپ ڪرڻ وارو، ڳھمندڙ. |
| جانا | (ف) | جا ـ نا | اي جان!ـ اي حيات! اي محبوب. |
| جلوا | (س) | جَلـ ـ وا | جلوه جو سنڌيءَ ۾ جمع. ڏيک. |
| جملا | (س) | جُمـ ـ لا | جُملہ جو سنڌي جمع. گفتگو جو حصو. فقره. |
| چرچا | (س) | چَر ـ چا | ٻوگَ. مذاق. ٽوڪون. |
| حملا | (س) | حَمـ ـ لا | حَملہ جو سنڌيءَ ۾ جمع جنگ ۾ وڌي وڙهڻ. |
| حَوّاء | (ع) | حَوّ ـ وا | گهاٽو ڳاڙهو. ڪٽڪ رنگي عورت. حضرت آدم ع جي زوجہ جو نالو. مارگير [نانگ جو قسم]. |
| حلواء | (ع) | حَلـ ـ وا | مٺائي. مٺي شيءِ. حلوو. |
| خطرا | (س) | خطـ ـ را | فارسي خطره جو سنڌي جمع. ڊپ. خوف. انديشا. |
| دارا | (ف) | دا ـ را | مالدار. دولت مند ٢. ايران جي هڪ قديم حشمت دار بادشاه جو نالو. |
| دريا | (ف) | دَر ـ يا | اٿاه پاڻي. سمنڊ. ساگر. بحر. |
| دعويٰ | (ع) | دعَ ـ وا | گهُرَ. طلب. مطالبو. حقَ. تڪرار. تقاضا. |
| دنيا | (ع) | دُنـ ـ يا | جهان. حاضر زندگي. جڳُ. ڌرتي. آخرت جو ضد. |
| راجا | (ھ) | را ـ جا | بادشاه. سلطان. هندو حڪمرانن جو نالو. |
| رُتبا | (س) | رُتـ ـ با | رُتبہ (ع) جو جمع. دَرجا. مرتبا. |
| رُسوا | (ف) | رُسـ ـ وا | پڌرو. بدنام. خوار. شرمندو. بي آبرو. |
| رعناء | (ع) | رَعـ ـ نا | اها عورت جيڪا پاڻ کي ناهندي، سينگاريندي رهي ٢. سُست. نادان. |
| رعنا | (ف) | رَعـ ـ نا | خوشنما. وڻندڙ. قدڪاٺ ۾ سونهن دار. سٺي جسماني بيهڪ. |
| رؤيا | (ع) | رُو ـ يا | خواب. خيال. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| | | | هڪٻئي سان ٽڪرائجڻ. |
| صَهبا | (ع) | صه ـ با | [اصهب جو مؤنث: سرخ و سفيد] سُفيد انگورن جو شراب. |
| طَاها | (ع) | طا ـ ها | قرآن پاڪ جي هڪ سُورت جو نالو. |
| طُوبيٰ | (ع) | طُو ـ با | خوشخبري- خوشبودار (بهشت جي هڪڙي وڻ جو نالو]. |
| طوبيٰ | (ع) | طُو ـ با | طيب جو مؤنث: پاڪيزه تر. |
| عَذراء | (ع) | عَذ ـ را | ڪنواري ڇوڪري- دوشيزه- ناسفته ٢- وامق جي معشوق جو نالو. |
| عُظميٰ | (ع) | عُظ ـ ميٰ | اعظم جي مؤنث. |
| عُقبيٰ | (ع) | عُق ـ با | آخرت- پڇاڙي- ٻيو جهان. |
| عيسيٰ عہ | (ع) | عيـ ـ سيٰ | نجات ڏياريندڙ. عيسائن جي نبي سڳوري جو نالو. |
| غُنچا | (س) | غُنـ ـ چا | غُنچہ جو جمع- مکڙيون. |
| فتويٰ | (ع) | فَتـ ـ وا | فقيه جي راءِ يا حڪم- شرعي حڪم- قانوني فيصلو. |
| فَردا | (ف) | فَر ـ دا | سڀاڻ. |
| قِصَا | (ع) | قِصَ ـ آ | قصہ جو جمع- آکاڻيون- ڳالهيون- خبرون- سرگذشت. |
| ڪِسريٰ | (ع) | ڪِسـ ـ را | خسرو جو معرب- ايراني [ساساني] بادشاهن جولقب (خصوصاً نوشيروان کي چوندا هئا). |
| ڪلمَا | (س) | ڪلـ ـ مَا | عربي ڪلمہ جو سنڌي ۾ جمع. سُخن- ساراه- قصيده. معنيٰ دار لفظ. |
| ڪوشَا | (ف) | ڪُو ـ شا | ڪوشش ۾- وڻ پڪڙ ۾ [ڪم ڪار ۾ جدوجهد ڪندڙ]. |
| گرما | (ف) | گر ـ ما | اونهارو- گرميءَ جي موسم. |
| گنگا | (ه) | گنـ ـ گا | هندستان جي جاڙن دريائن مان هڪ جو نالو. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| گويا | (ف) | گو - يا | ڳالهائڻ وارو- ڳالهائيندڙ. |
| گيتا | (ھ) | گيـ - تا | هندو مذهب جي مقدس ڪتاب جو نالو. |
| لَمحا | (س) | لَمـ - حا | عربي لَمحه جوسنڌي جمع. ڪنوڻ جو چمڪاٽ. نهايت قليل وقت- گهڙيون |
| ليليٰ | (ع) | لِيـ - ليٰ | مجنون جي معشوقه جو نالو. |
| ليليٰ | (ع) | لِيـ - لا | شراب يا مستي جي ابتدائي تاثير. |
| ماويٰ | (ع) | ما - وا | ٽاڪ- جاءِ- پناهگاه |
| مُروا | (ف) | مُر - وا | خير جي دعا- نيڪ فال. سياڳو- ڀلارو. |
| مَعنيٰ | (ع) | مَعـ - نيٰ | مراد- مطلب- سمجهاڻي. |
| مُلاَّ | (ع) | مُلـ - لاَ | آخوند- استاد- معلم- درس ڏيندڙ. |
| مُوسا | (ع) | مُو - سا | پاڪي (مٿن ڪوڙڻ واري) (جمع: مواسي) |
| مُلجاء | (ع) | ملـ - جا | پناه جي جاءِ- پناهگاه. |
| مَنشا | (ف) | مَنـ - شا | مزاج مطابق- خواهش مطابق. |
| مُوسيٰ | (ع-ب) | مُو - سا | مشهور پيغمبر جو نالو. |
| مَوليٰ | (ع) | مَو - لا | مدد گار- مالڪ- سردار- سائين- سرور. |
| مهٺا | (س) | مَهـ - ٺا | طعنا- ٽُنڪا. |
| مينا | (ف) | مِي - نا | صراحي- شراب رکڻ جو ٿانو- گگهي. |
| نَخرا | (ف) | نَخـ - را | ناز- لاڏ- عشوه. |
| وُزَراء | (ع) | وُزَ - را | وزير جو جمع. |
| وهوا | (ف) | وَهـ - وا | فارسي واه واه جو مُخفف. |
| هاڄا | (س) | ها - ڄا | ظُلم- سِتَم- تڪليف- قهر- جبر- ڏاڍ. |
| هالا | (س) | ها - لا | (منهنجي) ڳوٺ جو نالو- هڪ ذات جو نالو. |
| هرجا | (ف) | هر - جا | هر هنڌ- جتي ڪِٿي. |
| يحيٰ | (ع) | يحـ - يٰ | مشهور پيغمبر جو نالو. هڪ سخي جو ٻـ نالو. |
| يَڪتا | (ف) | يَڪـ - تا | بي مثل. الله پاڪ جو نالو. واحد- احد- هڪ عدد. هيڪڙو. |
| يَلدا | (ف) | يلـ - دا | اونداهي رات- ٢٠ ڊسمبر جي رات جيڪا بنهه ڪاري ٿيندي آهي. |

Gul Hayat Institute

| لغظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مُبَادا | (ف) | مُ ـ با ـ دا | خدا نہ ڪري. ائين نہ ٿئي جو. دُعائيہ ڪلمو آهي. متان. شايد. |
| مُداوا | (ف) | مُ ـ دا ـ وا | علاج ڪرڻ. دوا ڪرڻ. درمان ڪرڻ. |
| مَسيحا | (ع) | مَ ـ سيِ ـ حا | مِلايل. دوست. مبارڪ مددگار. حضرت عيسيٰ جو لقب. سچو شخص/ سهڻو مرد. علاج ڪندڙ. ڊاڪٽر |
| مصلا | (ع) | مَ ـ صَ ـ لا | نماز پڙهڻ جو ڪپڙو. جاءِ نماز. نمازگاهه |
| مُعَليٰ | (ع) | مُ ـ عَ ـ ليٰ | بلند ڪيل. مٿاهون. |
| مُعَمَا | (ع) | مُ ـ عَمَ ـ مَا | پوشيده. ڳجهارت. |
| مُهيَا | (ف) | مُ ـ هَ ـ يا | موجود. تيار. حاضر. |
| هُويدا | (ف) | هُ ـ ويِ ـ دا | ظاهر. پڌرو. آشڪار. کُليل. |
| يَهُودا | (ع) | يَ ـ هُو ـ دا | حضرت يوسف ع جي وڏي ڀاءُ جو نالو. حَمد. |
| آلا | (ع) | آ ـ لا | نعمتون. نيڪيون. اوزار. هٿيار. |
| بالا | (ف) | با ـ لا | مَٿي. ڊگهو. بلند. دراز. |
| حالا | (ع) | حا ـ لا | هينئر. هاڻ. هِن وقت. في الحال. |
| ڪالا | (ف) | ڪا ـ لا | متاع. سامان. |
| لالا | (ف) | لا ـ لا | خدمتگار. نوڪر. بنده. روشن. چمڪندڙ. |
| والا | (ف) | وا ـ لا | قدرت. بزرگي. بلندي. مرتبہ. رفعت. (مثال: جناب والا! حضورِ والا.! ) |
| ازالا | (س) | اِ ـ زا ـ لا | عربي جي اِزالہ جو سنڌي ۾ جمع. دور ڪرڻ. هٽائڻ ـ نقصان جو پورائو. |
| پيالا | (س) | پِ ـ يالا | عربي پِيالہ جو سنڌي جمع. جام. ساغر. گلاس. محفل. مجلس. |
| حِلالا | (س) | حِ ـ لا ـ لا | حلال ڪيل. جائز. روا. |
| حَوالا | (س) | حَ ـ وا ـ لا | عربي حَوالہ جو سنڌي جمع. اصطلاحاً: سندون. ضمانتون. |
| دَلالا | (س) | دَ ـ لا ـ لا | عربي دَلاَلة جو سنڌي ۾ ترجمو. دلال جي |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| | | | مؤنث۔ دلي. |
| قِبالا | (س) | قِ ۔ با ۔ لا | عربي قِبالة جو سنڌي ۾ جمع۔ اصطلاحاً: ضمانت۔ ڪفالت. |

**گروپ ٦**

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| قاب | (ع) | قا ۔ ب | ڪمانڻ. مقدار۔ اندازو. |
| آب | (ف) | آ ۔ ب | پاڻي. اصطلاحاً: عزت۔ آبرو۔ حيا۔ تيزي. |
| باب | (ع) | با ۔ ب | دروازو. ڪتاب جو حصو. |
| تاب | (ف) | تا ۔ ب | گرمي۔ تئه. چمڪ۔ روشني۔ شُعاع. اُس طاقت۔ توانائي. |
| ناب | (ف) | نا ۔ ب | پاڪ۔ صاف. خالص۔ نِجُ. |
| ياب | (ف) | يا ۔ ب | موجود۔ حاضر۔ حاصل ڪر۔ هٿِ ڪر. (مثال: ڪامياب۔ دستياب۔ فيضياب.) |

**گروپ ٧**

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| تُراب | (ع) | تُ ۔ را ۔ ب | مٽي۔ زمين. |
| ثواب | (ع) | ثـ ۔ وا ۔ ب | اُجرت۔ نيڪ بدلو، جيڪو آخرت ۾ ملندو۔ جزا. |
| جَناب | (ع) | جـ ۔ نا ۔ ب | آستانو۔ درگاه. مجازاً: حضرت۔ سائين. |
| جَواب | (ع) | جَ ۔ وا ۔ ب | سوال جو ضد. ترديد۔ انڪار. نظير۔ اَملهه۔ ثاني. |
| چِناب | (ف) | چِ ۔ نا ۔ ب | پنجاب جو مشهور دريا، جيڪو باقي چئن دريائن کي پاڻ ۾ مدغم ڪري، درياءِ سنڌ ۾ شامل ٿئي ٿو. |
| حُباب | (ف-ع) | حُ ۔ با ۔ ب | پاڻيءَ جو ڦوٽو ٢۔ محبوب۔ حُب وارو. شيطان۔ ديو. |
| حِجاب | (ع) | حِ ۔ جا ۔ ب | پردو۔ لِڪَ. چادر۔ نقاب اها شيءِ |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| شُهاب | (ع) | شُ ـ ها ـ ب | ڪير جنهن ۾ ٻه حصا پاڻي شامل هجي. |
| شهاب | (ف) | شِ ـ ها ـ ب | شاه آب جو مخفف- ڳاڙهو رنگ. |
| شِهاب | (ع) | شِ ـ ها ـ ب | باه جو پيڙ. روشن چمڪندڙ ستارو. |
| صِحَاب | (ع) | صِ ـ حا ـ ب | صاحب جو جمع- دوست- يارَ- هم صحبت- سنگتي. |
| صَواب | (ع) | صَ ـ وا ـ ب | خطا جو ضد. دُرست- صحيح- نيڪ- حق. |
| طَناب | (ع) | طَ ـ نا ـ ب | رَسو- نوڙي. |
| عتاب | (ع) | عِ ـ تا ـ ب | ڪاوڙ- ملامت ڪرڻ- سرزنش ڪرڻ. |
| عَذاب | (ع) | عَ ـ ذا ـ ب | ڏک- تڪليف. سزا. تڪليف- اهنج- آزار- قهر. |
| عُقاب | (ع) | عُ ـ قا ـ ب | مشهور پکي. |
| قطاب | (ع) | قِ ـ طا ـ ب | گريبان. |
| ڪَباب | (ف-ع) | ڪَ ـ با ـ ب | باه تي سينڪيل گوشت. |
| ڪِتاب | (ع) | ڪِ ـ تا ـ ب | لِکيل پنا- جلد ٿيل ڇپيل ڪاغذ. پِستڪ-پوٿي- جلد ڪاتو- خط- صحيفو. |
| گُلاب | (ف) | گُ ـ لا ـ ب | مشهور گل. ٢- گل جو عرق. |
| لُباب | (ع) | لُ ـ با ـ ب | هر شيءِ جو تَتُ- شيءِ جو مغز. |
| لُعاب | (ع) | لُ ـ عا ـ ب | ٿڪ- اهو پاڻياٺ جيڪو چنبڙي. |
| مَتاب | (ع) | مَ ـ تا ـ ب | ڦُرڻ- ڦُرڻ جي جاءِ. |
| مُثاب | (ع) | مُ ـ ثا ـ ب | جنهن کي ثواب ڏنو وڃي. ثواب ڏنل. |
| مُجاب | (ع) | مُ ـ جا ـ ب | جنهن کي جواب ڏنو وڃي. جواب ڏنل. |
| مُصاب | (ع) | مُ ـ صا ـ ب | مصيبت زده- ڏکيو. |
| مَهاب | (ع) | مَ ـ ها ـ ب | هيبتناڪ ماڻهو. ڊپ جهڙو شخص يا شڪل. |
| نصاب | (ع) | نِ ـ صا ـ ب | سرمايو- واجب الزڪواة مال. |
| نَصاب | (ع) | نَ ـ صا ـ ب | اصل. مجازاً: بنياد- پيڙهه. |
| نِقاب | (ف) | نِ ـ قا ـ ب | اهو ڪپڙو جنهن سان مُنهن ڍڪجي- رَوبَند. |
| نڪاب | (ف) | نِ ـ ڪا ـ ب | ڦِتڪي- ڦتڪي وارو پاڻي. چمڙي جو دستانو. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| **گروپ ۸** | | | |
| آفتاب | (ف) | آ ـ ف ـ تا ـ ب | سِجُ، سج جو نُور. اُسَ. |
| اِجتناب | (ع) | اِجـ ـ تِ ـ نا ـ ب | پرهيز ڪرڻ. پاسو ڪرڻ. |
| اَحتجاب | (ع) | اِحـ ـ تِ ـ جا ـ ب | پردو ڪرڻ. لڪڻ. حجاب ۾ رهڻ/هئڻ. |
| اِحتساب | (ع) | اِحـ ـ تِ ـ سا ـ ب | حساب ڪرڻ. ناجائز ڪم ڪان روڪڻ. آزمائڻ. |
| اِرتڪاب | (ع) | اِر ـ تِ ـ ڪا ـ ب | گناه ڪرڻ. ڏوهه ڪرڻ. ناجائز ڪم ڪرڻ. ڪم جي شروعات ڪرڻ. مرتڪب ٿيڻ. |
| اِستطاب | (ع) | اِسـ ـ تِ ـ طا ـ ب | خوشي ملڻ. خوشيءَ جو حاصل ٿيڻ. خوشبو لڳائڻ. مني پاڻيءَ جي طلب. |
| اضطراب | (ع) | اِضـ ـ ط ـ را ـ ب | بيقراري. اُڻ تُڻ. بي آرامي. |
| اِنتساب | (ع) | اِنـ ـ تِ ـ سا ـ ب | لڳاءُ. منسوب ڪرڻ. پاڻ کي ڪنهن سان نسبت رکڻ/ ڏيڻ. |
| اِنقلاب | (ع) | اِنـ ـ قِ ـ لا ـ ب | بدلجي وڃڻ. بدلجڻ. حالت جي تبديلي. |
| اَنتخاب | (ع) | اِنـ ـ تِ ـ خا ـ ب | چُونڊَ. |
| بارياب | (ف) | با ـ ر ـ يا ـ ب | ڪچهري ۾ اچڻ وارو. بامُراد. |
| ماهتاب | (ف) | ما ـ هه ـ تا ـ ب | چانڊوڪي. چانڊاڻ. |
| مُستجاب | (ع) | مُسـ ـ تَ ـ جا ـ ب | مقبول. مَجيل. الله وٽ قبول ٿيل. |
| مُستَطاب | (ف) | مُسـ ـ تَ ـ طا ـ ب | پاڪ. پاڪيزه. |
| **گروپ ۹** | | | |
| آبَ | (ع) | آ ـ ب | والد. پيءُ (جمع: آباءِ) |
| تَبَ | (ف) | تَ ـ ب | تپ. بخار. |
| حِب | (ع) | حِـ ـ بَ | محبوب. معشوق. دوست. پيارو. |
| دَب | (ع) | د ـ ب | لڪائڻ. |
| رَبَّ | (ع) | ر ـ ب | پالڻهار. پروردگار. يار. وڏو ياءُ. |
| زَب | (ف) | ز ـ ب | رائگان. مفت. ڏني نہ ورتي. |
| شَب | (ف) | ش ـ ب | رات. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| طَب | (ع) | ط ـ بّ | صحتمند ڪرڻ جو علم- ميڊيڪل سائنس. |
| لَب | (ف) | لَ ـ ب | چَپ. مجازاً: ڪنارو- پاسو. |
| يَب | (ف) | يَـ ب | لوهي چهنب وار تير. |

گروپ ١٠

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| اَدَب | (ع) | اَ ـ دَب | سهڻي هلت چلت. زبان. دانش. معرفت. |
| اَنب | (س) | اَ ـ نَب | ميوي جو نالو. |
| تَلب | (ع) | تَ ـ لب | نقصان. |
| جُرب | (ف) | جُ ـ رَب | تُتر (عربي ۾ دراجّ چئبو اٿس). |
| جَلَب | (ف) | جَ ـ لَب | گوڙ- فتنو- آشوب. |
| جُنب | (س) | جُ ـ نَب | هندي جنم جو سنڌي ترجمو. عُمر- ڄمار. |
| حَسَب | (ع) | حَ ـ سَب | شمار- اندازو. شرف- بزرگي. اصل نسل. |
| حَطَب | (ع) | حَ ـ طب | ٻارڻ جي ڪاٺي. |
| حلب | (ع) | حَا ـ لب | ڏڌل کير. کير ڏيڻ. |
| خَذَب | (ع) | خَ ـ ذَب | ناداني. |
| خَضب | (ع) | خَ ـ ضب | رنگڻ- رنگ لڳائڻ. |
| سَبَب | (ع) | سَ ـ بَب | ذريعو- وسيلو- علت. بهانو- طريقو- راهه. |
| شَرَب | (ع) | شَ ـ رَب | پيئڻ- ڏهُ ڪرڻ- اڃايل هجڻ. |
| صَلَب | (ع) | صَ ـ لَب | سخت- سخت زمين وغيره. |
| طَرَب | (ع) | طَ ـ رَب | خوشي- شادي. شادماني. |
| طَلَب | (ع) | طَ ـ لَب | گهرڻ- خواهش. جستجو- ڳولها. |
| عَجَب | (ع) | عَ ـ جَب | نِرالو- نِيارو. تعجب ڪرڻ. |
| عَرَب | (ع) | عَ ـ رَب | مشهور ملڪ عربستان هاڻ سعودي عرب. اصلي، خالص. |
| عِنَب | (ع) | عِ ـ نب | انگور (واحد). |
| لقب | (ع) | لَ ـ قب | اهو نالو جنهن مان تعريف يا مذمت جي معنيٰ نڪري. اهو نالو جيڪو تعريف يا |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| صَحب | (ع) | صَحـ ـ ب | صاحب جو جمع۔ اصحاب۔ دوستَ۔ يارَ. |
| صَعب | (ع) | صَعـ ـ ب | ڏکيو۔ اڙانگو. سخت. |
| عَذب | (ع) | عَذ ـ ب | خوشگوار۔ وڻندڙ. |
| عَطب | (ع) | عُط ـ ب | نرم۔ نازڪ. |
| عَقب | (ع) | عق ـ ب | پٺيان لڳڻ۔ پيڇو ڪرڻ. پٺيون پاسو. |
| غَرب | (ع) | غَر ـ ب | لڪي وڃڻ۔ دُور ٿيڻ. |
| غَضب | (ع) | غضـ ـ ب | ناجائز قبضو۔ زبردستي ڪنهنجو مال کسڻ. |
| قُرب | (ع) | قُر ـ ب | ويجهڙائي (ضد: بعُد). |
| قطب | (ع) | قُط ـ ب | قوم جو سردار. جنهن تي دارومدار هجي. وڏو ولي الله. |
| قلب | (ع) | قلـ ب | دل. وچ۔ درميان. |
| ڪذب | (ع) | ڪذ ـ ب | ڪُوڙ ڳالهائڻ۔ ڪوڙ. |
| ڪَرب | (ع) | ڪَر ـ ب | ڏک۔ ڪاوڙ۔ رنج. درد. |
| ڪَلب | (ع) | ڪَلـ ـ ب | ڪُتو. |
| لَتب | (ع) | لَتـ ـ ب | چنبڙي وڃڻ۔ ٻکين پئجي وڃڻ. |
| لَجب | (ع) | لَجـ ـ ب | سمنڊ جو جوش۔ ماڻهن جو فرياد۔ گوڙ. |
| نخب | (ع) | نخـ ـ ب | انتخاب ڪرڻ۔ چونڊڻ. |
| نَصب | (ع) | نَصَـ ـ ب | قائم ڪرڻ۔ کوڙڻ۔ لڳائڻ۔ برپا ڪرڻ. |
| نَقب | (ع) | نَ ـ قَب | کاٽ۔ سوراخ ڪيڻ۔ سُرنگ ڪيڻ. |
| نَڪب | (ع) | نَڪـ ـ ب | اعتراض ڪرڻ. |

## گروپ ١٢

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اَديب | (ع) | اَ ـ دِيـ ـ ب | علم ادب ڄاڻڻ وارو. ادب سيکارڻ وارو. دانا/ شاعر. |
| حَبيب | (ع) | حَ ـ بِيـ ـ ب | محبوب۔ دوست۔ يار۔ معشوق. |
| حَسيب | (ع) | حَ ـ سِيـ ـ ب | بزرگوار۔ حساب ڪرڻ وارو. الله پاڪ جو نالو. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| حَليب | (ع) | حَ ـ ليـ ب | کير۔ ڪچو کير. |
| خَطيب | (ع) | خَ ـ طيـ ـ ب | خطاب ڪرڻ وارو. واعظ۔ خطبہ ڏيندڙ. |
| رَقِيب | (ع) | رَ ـ قِيـ ـ ب | نگهبان۔ پاسبان۔ محافظ. الله پاڪ جو نالو. اُهي بہ ماڻهو جيڪي هڪ معشوق جا عاشق هجن. (انهن مان هرهڪ هڪٻئي جو رقيب سڏبو آهي، ان لاءِ جو هو معشوق جي هڪٻئي کان بچائڻ لاءِ نگهباني ڪندا آهن.) |
| طبيب | (ع) | طَ ـ بِيـ ـ ب | ويد۔ ڊاڪٽر۔ حاذق. |
| عَجيب | (ع) | عَ ـ جِيـ ـ ب | اها شيءِ جنهن مان تعجب ڪجي۔ حيراني ڏيندڙ۔ تعجب وارو. |
| غَريب | (ع) | غَ ـ رِيـ ـ ب | عجيب۔ پري۔ ڏور. پرديسي. ويڳاڻو. نادر۔ مفلس۔ محتاج. |
| قَريب | (ع) | قَ ـ رِيـ ـ ب | ويجهو (بعيد جو ضد). پنهنجو. عزيز. |
| ڪَتيب | (ع) | ڪ ـ تيـ ـ ب | ڪتاب وارو۔ ڪتابي۔ ڪتابت ڪندڙ۔ خوش نويس |
| لَبيب | (ع) | لَ ـ بيـ ـ ب | دانا مرد۔ عقلمند مَرد۔ سَمجهو مرد. |
| مُجيب | (ع) | مُ ـ جيـ ـ ب | قبول ڪرڻ وارو۔ جواب ڏيندڙ. |
| مَهيب | (ع) | مَ ـ هِيـ ـ ب | ڊپ جهڙو۔ ترس جهڙو. |
| نَجيب | (ع) | نَ ـ جيـ ـ ب | اصيل۔ نِجُ. بزرگ۔ شريف (جمع: نَجباءَ). |
| نَسيب | (ع) | نَ ـ سِيـ ب | عالي نسب شخص۔ خويش. |
| نَصيب | (ع) | نَ ـ صِيـ ـ ب | قسمت۔ تقدير. حصو۔ ڀاڳو. ڀاڳ/ اقبال. |

**گروپ ۱۳**

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جَيب | (ع) | جَيـ ـ ب | گريبان۔ پهراڻ جو ڪالر. |
| رَيب | (ع) | رَيـ ـ ب | شڪ۔ گمان. |
| زَيب | (ف) | زَيـ ـ ب | زينت۔ سينگار. |
| عَيب | (ع) | عَيـ ـ ب | نُقص۔ خرابي۔ اوڻائي. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معني |
|---|---|---|---|
| مَطلَب | (ع) | مَط ـ لَب | مقصد. |
| مَغرِب | (ع) | مَغ ـ رِب | الهندو۔ اولهه. |
| مَڪتَب | (ع) | مڪ تَب | مدرسو۔ اسڪول۔ درس ڏيڻ جي جاءِ. |
| مَنصب | (ع) | مَن ـ صب | مقام۔ پايه۔ عهدو۔ مرتبو. |
| موجِب | (ع) | مو ـ جِب | باعث۔ سبب. |
| مُوجَب | (ع) | مُو ـ جَب | لازم ڪيل۔ مقرر ڪري ڇڏيل |
| يَثرب | (ع) | يَث ـ رب | مدينه منوره جو پراڻو نالو (رسول ﷺ پاڪ جي هجرت کان اڳ). |

**گروپ ١٦**

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معني |
|---|---|---|---|
| آداب | (ع) | آ ـ دا ـ ب | سهڻي روش۔ نيڪ ۽ عمديون عادتون/ رسمون. |
| ابواب | (ع) | اَ بـ وا ـ ب | دروازا. حصه. |
| اَتراب | (ع) | اَت ـ را ـ ب | همعُمر. |
| اَحباب | (ع) | اَح ـ با ـ ب | دوستَ۔ يارَ (حبيب جو جمع) |
| اَرباب | (ع) | ار ـ با ـ ب | صاحبَ۔ (رب جو جمع) پالينڌڙ. |
| ارباب | (ف) | اَر ـ با ـ ب | جاگيردارُ۔ آقا۔ مالڪ. |
| ارتاب | (ع) | اَر ـ تا ـ ب | شڪ ڪرڻ. |
| اَسباب | (ع) | اَس ـ با ـ ب | سبب۔ وَسيلا۔ آلات۔ لوازم |
| القاب | (ع) | ال ـ قا ـ ب | لقب۔ ٻيا نالا |
| اَصحاب | (ع) | اص ـ حا ـ ب | دوستَ۔ يارَ۔ همنشينَ (صاحب جو جمع) |
| اطراب | (ع) | اط ـ را ـ ب | خوشي ملهائڻ. |
| اَطِناب | (ع) | اِط ـ نا ـ ب | ڳالهه کي ڊگهو ڪرڻ۔ وڌائڻ۔ مبالغو ڪرڻ. |
| أعراب | (ع) | اع ـ را ـ ب | صحرا ۾ رهندڙ ماڻهو. |
| اعراب | (ع) | اِع ـ را ـ ب | واضح ڪرڻ. درست ڪرڻ. حرڪتون |
| اَعصاب | (ع) | اع ـ صا ـ ب | رڳون (عصب جو جمع). |
| ايجاب | (ع) | اِي ـ جا ـ ب | واجب ڪرڻ. لازم ڪرڻ. |
| بيتاب | (ف) | بيـ ـ تا ـ ب | بيقرار۔ بيچين. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| پاياب | (ف) | پا - يا - ب | ٿورو گڏ تيل پاڻي- گهيڙ. توانائي- تاب- طاقت- پائيداري. |
| تالاب | (ف) | تا - لا - ب | ڍنڍ- حوض- تلاءُ. |
| تيزاب | (ف) | تيـ - زا - ب | ڪارُ. |
| جُلاَّب | (ع) | جُـ - لاَّ - ب | پيٽ ان ويهارڻ واري دوا. گُلاب جي عربي شڪل- گُل جو عرق. |
| جُوراب | (ع) | جُو - را - ب | پشم/ ڪپهه وغيره مان ٺهيل پيرن جي پوشاڪ. |
| دبداب | (ف) | دبـ - دا - ب | شان شوڪت- دٻدٻو. |
| درياب | (ع) | در- يا - ب | دريا. |
| دوشاب | (ف) | دو - شا - ب | انگورن جو رس |
| دولاب | (ع) | دو - لا - ب | چرخي. مجازاً: رڪاوٽ- ڦيرو- چڪر. |
| سرخاب | (ف) | سُر - خا - ب | پکيءَ جو نالو، جنهن جا خصوصاً پَرَ ڳاڙها هوندا آهن. |
| سُهراب | (ف) | سُهـ - را - ب | رستم پهلوان جو پُٽ (شاهه افراسياب طرفان ايران تي حملو ڪيائين ۽ پيءُ هٿان ماريو ويو.) |
| سيلاب | (ف) | سَيـ - لا - ب | ٻوڏ. سِمَ ۽ ڪلر. |
| سيراب | (ف) | سِيـ - را - ب | جيڪو اُڃيو نہ هجي. طراوت. |
| سيماب | (ف) | سِيـ - ما - ب | پارو (مرڪيوري). |
| شاداب | (ف) | شا - دا - ب | تر و تازه- سَرهو. سيراب. |
| ڪَمياب | (ف) | ڪم - يا - ب | اُها شيءِ جيڪا بِنهه ٿوري پيدا ٿئي ۽ آساني سان نہ ملي- ٿورائي- گهٽتائي. |
| گرداب | (ف) | گر - دا - ب | ڪُن. |
| لَبلاب | (ف) | لبـ - لا - ب | نيلوفر جهڙو گُل. |
| مِحراب | (ع) | محـ - را - ب | وڙهڻ جو هٿيار. مسجد ۾ امام جي ويهڻ جو هنڌ. |
| مِضراب | (ع) | مضـ - را - ب | اها شيءِ جنهن سان ضرب رسائي سگهجي. گهٽو مارينڊڙ. ستار وڄائڻ جو آلو. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جادوب | (ف) | جا ـ دُو ـ ب | ٻُهارو. |
| مَجذوب | (ع) | مج ـ ذُو ـ ب | خدا جي محبت ۾ پاڻ کي وساري ڇڏيندڙ. جذب ٿيل. |
| مَحبُوب | (ع) | مَح ـ بُو ـ ب | پيارو ـ دوست ـ يار ـ معشوق. |
| محجُوب | (ع) | مح ـ جو ـ ب | حجاب وارو ـ پوشيده ـ شرمندو. |
| مَحسُوب | (ع) | مح ـ سو ـ ب | حساب ۾ آندل ـ ڳڻيل. |
| مَرعوب | (ع) | مر ـ عو ـ ب | رعب ۾ ڏنل ـ ڏيڇاريل. |
| مَرغُوب | (ع) | مر ـ غو ـ ب | پسنديده ـ وڻندڙ. |
| مَسلُوب | (ع) | مَس ـ لو ـ ب | زوريءَ ورتل ـ لُٽيل. |
| مَشرُوب | (ع) | مشر ـ رُو ـ ب | پيتل. پاڻي يا ڪاٻ پاڻياٺ جيڪا پيتي وڃي. |
| مَصلوب | (ع) | مَص ـ لو ـ ب | ڦاهي چاڙهيل ـ صليب تي چاڙهيل. |
| مَطلَوب | (ع) | مَط ـ لو ـ ب | گهربل. |
| مَعتوب | (ع) | مع ـ تو ـ ب | عتاب هيٺ آيل ـ عتاب ۾ ـ سزاوار. |
| مَعيُوب | (ع) | مع ـ يو ـ ب | عيبدار ـ ناقص. |
| مغلوب | (ع) | مغ ـ لو ـ ب | شڪست کاڌل ـ هارايل. |
| مَڪتوب | (ع) | مڪ تُو ـ ب | لکي ڇڏيل خط ـ مضمون ( جمع:مڪاتيب) |
| مَڪرُوب | (ع) | مڪ رُو ـ ب | غمگين ـ ڏک وارو. |
| مَنسوب | (ع) | مَن ـ سو ـ ب | ڪنهن جي نالي ڪيل ـ نسبت ڪيل. |
| يَعسُوب | (ع) | يع ـ سو ـ ب | ماکي جي مکين جو نَر بادشاهه. |
| يعقوب | (ع) | يع ـ قو ـ ب | ڇڪور. مشهور پيغمبر حضرت اسحاق ع جو پٽ ۽ حضرت يوسف ع جو والد. |

## گروپ ۱۹

| | | | |
|---|---|---|---|
| آفت | (ف) | آ ـ فت | ڏک ـ بَلا ـ مُصيبت ـ زيان (هر اها شيءِ جيڪي تباهي، فنا آڻي). |
| آيَت | (ع) | آ ـ يَت | علامت ـ نشاني. دليل. |
| بابَت | (ع) | با ـ بت | واسطي ـ ڪارڻ ـ وجه ـ لاءِ. |
| تارت | (ع) | تا ـ رَت | دفعو ـ ڀيرو ـ هڪڙو ڀيرو. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| حاجَت | (ع) | حا ـ جَت | ضرورت ـ خواهش. نياز. احتياج. |
| حالَت | (ع) | حا ـ لَت | حال ـ ڪيفيت. |
| خائَت | (ع) | خا ـ ئَت | خيانت ـ ڏوکو. |
| راحَت | (ع) | را ـ حَت | آرام ـ خوشي ـ آسائش ـ آسودگي. |
| رافَت | (ع) | را ـ فَت | مهرباني. |
| راوَت | (ف) | راوَت | بهادر ـ ڪُوِيو. |
| ساحَت | (ع) | سا ـ حَت | اڱڻ ـ ميدان. |
| سادَت | (ع) | سا ـ دَت | سائد يعني سردار جو جمع ـ سيّد ـ سردار ـ پيشوا. |
| ساعَت | (ع) | سا ـ عَت | پل ـ گهڙي ٢ ـ قيامَت. |
| سامَت | (ع) | سا ـ مَت | رنجيده/ ملول ٿيڻ ـ سڪون ملڻ ـ آرام ملڻ. |
| شامَت | (ع) | شا ـ مَت | بدشگوني ـ بدفعالي ـ شومي. |
| طاعَت | (ع) | طا ـ عَت | عبادت ـ بندگي ـ فرمانبرداري. |
| طاقَت | (ع) | طا ـ قَت | زور ـ قُوَت. |
| عادَت | (ع) | عا ـ دَت | خُو ـ هَيَر. |
| عاهَت | (ع) | عا ـ هَت | بلا ـ آفت. |
| غارَت | (ع) | غا ـ رَت | لُٽَ ـ لُٽَ مار. لُٽَڻ ـ ڦُرڻ. |
| غايَت | (ع) | غا ـ يَت | نهايت. مطلب. |
| قاعَت | (ع) | قا ـ عَت | گهر جو اڱڻ ـ ڪمرو ـ هال. |
| قامَت | (ع) | قا ـ مَت | قد. اندام. |
| واحَت | (ع) | وا ـ حَت | نخلستان (کجيءَ جو باغ). |

Gul Hayat Institute

گروپ ۲۰

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ثابت | (ع) | ثا ـ بِت | اُستوار ـ مستحڪم. |
| جانِت | (ع) | جا ـ نِت | ڪناره ڪشي ڪرڻ ـ جدا ٿي وڃڻ. |
| رائِت | (ع) | را ـ ئِت | بيرقَ. جهنڊو ـ عَلَم ـ نيزو. |
| ساڪِت | (ع) | سا ـ ڪِت | خاموش ـ ماٺ (ماٺِ جو عالم). |
| صامِت | (ع) | صا ـ مِت | چُپ ـ ساڪت. سون چاندي. |

| لفظ | ٻولي | ٻيھڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| غائِت | (ع) | غا ـ ئِت | آخر۔ انجام. انتها۔ غرض۔ مطلب۔ جھنڊو۔ عَلَم. |
| فائت | (ع) | فا ـ ئِت | نيست و نابود. مُئل. |
| قانَت | (ع) | قا ـ نِت | فرمانبردار۔ خُدا جو حڪم مڃيندڙ. |
| مائِت | (ع) | ما ـ ئِت | مرڻ وارو۔ مرڻينگ. |

## گروپ ٢١

| لفظ | ٻولي | ٻيھڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| چاشت | (ف) | چاش ـ ت | ڏينھن جو پھريون پَھرُ ٢۔ صبح جو ٩ بجہ وارو وقت ٣۔ ناشتو. |
| داشت | (ف) | داش ـ ت | پناھ/ نگھداري. |
| راست | (ف) | راس ـ ت | نيڪ۔ دُرست۔ صحيح۔ ساڄو ھٿ۔ سڌو۔ سَنئون. |
| ساخت | (ف) | ساخ ـ ت | بناوَتَ (ساختن يعني ٺاھڻ جو حاصل مصدر بہ ۽ ماضي بہ) Made. |
| ڪاست | (ف) | ڪاس ـ ت | ڪُوڙ. ڪوٽ. |
| ڪاشت | (ف) | ڪاش ـ ت | پوکڻ۔ پوکيل. پوک/ زراعت. |
| ماست | (ف) | ماس ـ ت | ڏڌ۔ لسي. |
| يافت | (ف) | ياف ـ ت | آمدني۔ آمد۔ ڪمائي۔ فائدو. پيدائش۔ حصول. |

## گروپ ٢٢

| لفظ | ٻولي | ٻيھڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اُجرَت | (ع) | اُج ـ رَت | مزدوري۔ ڀاڙو۔ معاوضو۔ ڪرايو. |
| اُلفت | (ع) | اُل ـ فت | محبت۔ دوستي۔ اُنس ۾ قاتل. |
| بِدعَت | (ع) | بِد ـ عَت | دين ۾ اھڙي نئين رسم پيدا ڪرڻ جيڪا رسول پاڪ ﷺ جي وقت ۾ نہ ھئي. |
| بَرڪَت | (ع) | بَر ـ ڪت | گھڻائي. زيادتي. نيڪ بختي/ سعادت. |
| بُھتَت | (ف) | بُھ ـ تَت | حيراني۔ حيرت. |
| بَھجَت | (ع) | بَھ ـ جَت | خوشي۔ سرور۔ خوبي. تازگي. |
| بَيعت | (ع) | بَيـ ـ عَت | فرمانبرداري ڪرڻ۔ وعدو ڪرڻ۔ مريد |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| | | | تيڻ وغيره. عهد و پيمان- دوستي ۽ وفاداري جو وعدو. |
| تُربَت | (ع) | تُر - بَت | مِٽي- زمين. قبر- مزار. |
| تهمَت | (ع) | تُه - مت | بدگماني- ڪنو گمان- الزام. |
| ثَروَت | (ع) | ثَر - وَت | مال جي گهڻائي- دولتمندي. |
| جَلوت | (ع) | جل - وَت | خلوت جو ضد- ظاهر ڪرڻ ڪنهن کي پنهنجو پاڻ ڏيکارڻ. |
| جودَت | (ع) | جَو - دَت | خوبي- عمدگي- نيڪي- سُنائي. |
| حُرقت | (ع) | حُر - قت | ساڙ- سوزش- گرمي. |
| حَرڪَت | (ف) | حَرَ - ڪَت | جنبش- لڏڻ چُرڻ- چُرپُر (فارسي ۾ "ر" کي ساڪن استعمال ڪيو ويندو آهي). |
| حَسرت | (ع) | حَس - رَت | دريغ- افسوس- ارمان- ڏک. |
| حَشمت | (ع) | حَش - مت | اهل و عيال- زالَ ٻارَ. |
| حِشمت | (ع) | حِش - مت | دٻدٻو- وڏائي. شرم و حيا. غصّو. بزرگي |
| حضرت | (ع) | حضد - رَت | حضور- درگاه. ويجهڙائي- قرب. تعظيم جو ڪلمو. |
| حِڪمت | (ع) | حِڪ - مَت | راست گفتاري- درست ڪرداري. عقلمندي. دانائي. تدبير- علاج. |
| حُرمَت | (ع) | حُر - مَت | عزت- آبرو [اها شيءِ جنهن جو ادب لاهڻ جائز نہ هجي]. |
| حيرت | (ع) | حيد - رَت | حيران ٿيڻ- تعجب. |
| خُبرَت | (ع) | خُب - رَت | جاڻڻ- سمجهڻ- امتحان- آزمائش. |
| خَجلت | (ع) | خَجد - لت | شرمندگي- شرمساري. |
| خِدمت | (ع) | خِد - مَت | نوڪري- چاڪري- ڪنهن لاءِ ڪم ڪرڻ. |
| خصلت | (ع) | خصد - لت | سڀاءُ- خو- ذاتي صفت- طينت. |
| خِلعت | (ع) | خِل - عت | سروپا- بادشاه/ امير طرفان مليل لِباس/ پوشاڪ. |
| خَلقت | (ع) | خَل - قَت | مخلوق- دنيا جا ماڻهو- پيدا ڪيل. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| خلقت | (ع) | خل ـ قت | سرشت. فطرت. هيئت |
| خَلوت | (ع) | خَل ـ وت | اڪيلائي. تنهائي. خالي جاءِ. |
| دَعوَت | (ع) | دَع ـ وَت | دُعا. سڏڻ. مهمانيءَ لاءِ گهرائڻ. |
| دِعوَت | (ع) | دِع ـ وَت | نسبت جي دعويٰ ڪرڻ. ڪنهن کي پنهنجو پٽ/ ڌيءُ قرار ڏيڻ. |
| دَولَت | (ع) | دَو ـ لَت | مال. ناڻو ٢. زماني جو اقبال ۽ خوبي سان گردش ڪرڻ. |
| دَهشت | (ع) | دَه ـ شَت | خوف. ڊپ. پريشاني. حيرت |
| ذهلت | (ع) | ذَه ـ لَت | غفلت. |
| رحلت | (ع) | رحـ ـ لت | روانگي. سفر مرگ. |
| رَجعت | (ع) | رَج ـ عَت | بازگشت. موٽڻ. واپس اچڻ. |
| رَحمَت | (ع) | رَحـ ـ مَت | بخششون/ احسان. رحم ۽ ڪرم. |
| رُخصت | (ع) | رُخـ صَت | اجازت. موڪل. |
| رِشوَت | (ع) | رِشـ ـ وت | ناجائز طور تي ڪجهه ڏيڻ يا وٺڻ. ناجائز ڪمائي وڍي. |
| رَغبت | (ع) | رَغ ـ بَت | لاڙو. خواهش. چاهه. |
| رَفعَت | (ع) | رَفع ـ عَت | بلندي. وڏائي. رتبو بلند ٿيڻ. |
| رَڪعَت | (ع) | رَڪ ـ عت | نماز جو هڪ رڪوع جو حِصو. |
| روعَت | (ع) | رو ـ عَت | ڊپ. خوف. |
| رؤيت | (ع) | رو ـ يَت | ڏسڻ. اکين سان ڏسڻ. |
| زَحمَت | (ع) | زَحـ ـ مَت | ڏک. رَنج. تڪليف. سُورُ. ماڻهن جو انبوهه. |
| زُلفَت | (ع) | زُل ـ فت | نزديڪي. ويجهڙائي. مجازاً: دوستي. |
| زورِت | (ع) | زو ـ رت | هڪ ٻيرو مِلڻ. |
| زِينت | (ع) | زِيـ ـ نَت | آرائش. سينگار. سينگار جو سامان جنهن سان آرائش ڪجي. |
| سبقت | (ف) | سبـ ـ قَت | اڳيان وڌي وَڃڻ. برتري. |
| سُرعَت | (ع) | سُر ـ عَت | تيزي. تڪڙ. جلدي. |
| سُمعَت | (ع) | سم ـ عَت | مڪاريءَ سان، نيڪ ۽ پرهيزگار بنجڻ |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| | | | لاءِ پنهنجا نيڪ ڪم ماڻهن کي ٻڌائڻ. |
| سودت | (ع) | سُو - دت | پيشوائي- اڳواڻي- سرداري. حاڪمي. |
| سورت | (ع) | سُو - رت | قرآن شريف جي عبارت جو ٽڪرو. |
| سيرَت | (ع) | سِيـ - رَت | خصلت- سڀاءُ- سُنت- طريقو. |
| شرَبَت | (ع) | شَر - بَت | ١- هڪڙو دفعو پيئڻ جيترو مقدار ٢- ميون جو رس/ منو پاڻي. |
| شرڪَت | (ع) | شر - ڪَت | شريڪ ٿيڻ- شامل ٿيڻ. گڏجڻ. |
| شوڪَت | (ع) | شو - ڪَت | قوت- هيبت- دٻدٻو. |
| شُهرَت | (ع) | شُهـ - رَت | مشهوري- چرچو. ظاهر ڪرڻ- پڌرائي. |
| صُحبَت | (ع) | صُحـ - بَت | ياري- همدمي- گڏ رهڻ. |
| صَنعت | (ع) | صَنـ - عَت | هُنر- ڌنڌو. ڪم. |
| صُورَت | (ع) | صُو - رَت | شڪل- نمونو- نوع. چهرو- مُنهن مُهاندو. |
| صَولتَ | (ع) | صو - لَت | حملو ڪرڻ ٢- هيبت- رعب. سطوت- جنگ ۾ حملو. اندوه/ ملال. |
| ضَجرَت | (ع) | ضجـ - رَت | تنگ دلي. بي آرامي. |
| طلعَت | (ع) | طلـ - عَت | مُنهـ- رُخ- ديدار- ڏسڻ- رؤيت. |
| طِينَت | (ع) | طِيـ - نَت | مِٽي- چُن- چِيڪي مِٽي- ٿورڙي مِٽي. |
| طِينت | (ع) | طِيـ - نَت | اصلي خلقت/ سرشتِ. خُو- عادت. |
| ظُلمَت | (ع) | ظُلـ - مَت | تاريڪي- اونداهه. |
| عِبرَت | (ع) | عِبـ - رت | عجب- نصيحت. نصيحت وٺڻ- سبق حاصل ڪرڻ (ٻين جي حالت ڏسي). |
| عترَت | (ع) | عتـ - رَت | اولاد- عزيز و اقربا. خانوادو. |
| عُجلت | (ع) | عُجـ - لت | جلدي ۾ تيار ڪيل/ ٿيل. |
| عُزلت | (ع) | عُز - لت | گوشه نشيني- دُوري. ماڻهن کان ڪناره ڪشي. |
| عِشرَت | (ع) | عِشـ - رَت | خوشدلي- خوشدليءَ سان زندگي گذارڻ. ڪامزني. |
| عَصمَت | (ع) | عَصِـ - مَت | گناهَن کان پاڪ رکڻ- پاڪدامني. |
| عَظمَت | (ع) | عظـ - مَت | بزرگي- وڏائي- قدر- رتبو. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| لُعبَت | (ع) | لُع ـ بَت | رانديڪو ـ راند رهڻ جي شيءِ، (مثال: شطرنج ـ چَڪو وغيره.) . |
| لَعنَت | (ع) | لَع ـ نِت | رحمت ۽ نيڪي کان دوري ـ ڦِٽڪار ـ ڌڌڪار. |
| لُڪنتَ | (ع) | لُڪ ـ نَت | ٻاتاڻ (زبان جو اٽڪڻ). |
| لَوعَت | (ع) | لَو ـ عَت | دل جي سوزش/ ساڙ، جيڪو عشق محبت جي باعث ٿئي. بيچيني ـ بي آرامي. |
| محنَت | (ع) | محِ ـ نَت | جفاڪشي. امتحان ـ مشقت. ڏک. |
| مُصَمت | (ع) | مصـ ـ مَت | ١ـ سخت ٢ـ ڪَڙي ٻڌي ويل زخم. |
| مَوضت | (ع) | مَو ـ ضَت | فيشن Fashion. ناهه نوهه |
| نَجدَت | (ع) | نَج ـ دَت | دليري ـ شجاعت. سختي. مردانگي ـ مڙسي |
| نَخوَت | (ع) | نَخ ـ وَت | تڪبر ـ غرور ـ ناز ـ بزرگي. |
| نُدرَت | (ع) | ند ـ رَت | ڪوتِ ـ ڪميابي. |
| نَزهَت | (ع) | نُز ـ هَت | خوشحالي.پاڪيزگي-پاڪدامني.سنهنجائي. |
| نَسمَت | (ع) | نَس ـ مت | ماڻهون ـ جان ـ روح ـ ساهُ. |
| نُصرَت | (ع) | نُص ـ رَت | ١ـ مدد ٢ـ مدد ڏيڻ/ ياري ڪرڻ. فتح. |
| نَضرَت | (ع) | نَض ـ رَت | شادابي ـ خوبي. |
| نعمَت | (ع) | نع ـ مَت | احسان ـ نيڪي. مال. روزي |
| نَفرَت | (ع) | نَف ـ رَت | بيزاري. ڪَڪِ ٿيڻ. ڪِنو سمجهڻ. |
| نَقمَت | (ع) | نَق ـ مَت | ڪِينو ـ بغض ـ دشمني. ڪراهت. |
| نَڪهَت | (ع) | نَڪ ـ هَت | خوشبو ٢ـ وات جي بوءِ. |
| نگهَت | (ف) | نگ ـ َهت | معنيٰ ساڳي نِڪهت واري اٿس. |
| نَوبَت | (ع) | نَو ـ بَت | ڪنهن شيءِ جو وقت. وارو ـ دفعو ـ حالت. |
| نَوبَت | (ف) | نَو ـ بَت | نقارو ٢ـ بارگاه. |
| نسبَت | (ع) | نس ـ بَت | لڳاءُ ـ مُناسبت ـ قرابت (ڀِڌري وغيره). |
| نَهبتَ | (ع) | نُهـ ـ بَت | لُٽ ـ ڦُرِ ـ لُٽڻ/ ڦُرڻ. |
| نَهضت | (ع) | نَهـ ـ ضَت | ڪرڻ/ قصد ڪرڻ ـ روانگي ـ ڪُوچ ڪرڻ. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | بولي | بيهڪ | معني |
| --- | --- | --- | --- |
| هِمّت | (ع) | هِ - مّت | قصد- ارادو- مراد. حوصلو. فڪر. |

## گروپ ٢٥

| لفظ | بولي | بيهڪ | معني |
| --- | --- | --- | --- |
| اَذيّت | (ع) | اَ - ذي - يت | رنج. ڏک. تڪليف. |
| بَريّت | (ع) | بَ - ري - يت | خلق الله- مخلوق ٢- سبڪدوشي- رهائي- نجات. |
| حُريّت | (ع) | حُ - رِي - يت | آزادي- خودمختياري. |
| حَمّيت | (ع) | حَ - مِي - يَت | غيرت- ننگ- شرم و حيا ٢- حفاظت- پرهيز. |
| ذُريّت | (ف) | ذُ - ري - يت | اولاد- نسل. |
| مَحبّت | (ف) | مَ - حَ - بت | الفت- پيار- دوستي. |
| مُذمّت | (ع) | مُ - ذم - مت | هجوَ- بُرائي- بدي ٢- هجو/ بدي ڪرڻ. |
| مَرمّت | (ع) | مَ - رم - مت | قِتل کي سنوارڻ. خلل دور ڪرڻ. |
| مُروّت | (ع) | مُ - رَو - وت | مردانگي- مردي. انسانيت- آدميّت. مجازاً: احسان. |
| مُسرّت | (ع) | مُ - سَر - رت | خوشي- انبساط. |
| مَشيّتَ | (ع) | مَ - شِي - يَت | خواهش ڪرڻ- ارادو. الله جي مرضي- الله پاڪ جي خواهش. |
| نُبوّت | (ع) | نُ - بو - وَت | پيمبري- خبر ڏيڻ. |
| وَصيّت | (ع) | وَ - صِي - يَت | مرڻ وقت/ سفر تي وڃڻ وقت ڪنهن شخص جي ڏنل هدايت/ هدايات. |

## گروپ ٢٦

| لفظ | بولي | بيهڪ | معني |
| --- | --- | --- | --- |
| بَصيرت | (ع) | بَ - صِي - رت | دل جي بينائي- سمجهه- زيرڪي- دانائي- چشمِ باطن. |
| حَقيقت | (ع) | حَ - قي - قت | اصل- اصليت. |
| حُڪومت | (ع) | حُ - ڪو - مَت | حڪم هلائڻ- فرمانروائي- حڪمراني- سلطنت- راڄ. جبر. سختي. |
| خُصُومَت | | خُ - صو - مَت | ڪينو- دشمني- جهيڙو. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| رَطُوبَت | (ع) | رَ - طُو - بَت | نمي- گِهمُ- پوسَل. |
| سُهُولَت | (ع) | سُ - هُو - لَت | نرمي- آساني. |
| شَرِيعَت | (ع) | شَ - رِيـ - عَت | مذهبي احڪام- خدا تائين پهچڻ جو رستو- پيغمبرن ذريعي ٻڌايل خدا جو رستو. |
| ضرُورت | (ع) | ضَ - رُو - رَت | حاجت، جنهن سوا ڪم نہ هلي سگهي. |
| عقيدت | (ع) | عَ - قيـ - دَت | اعتقاد- يقين. دين- مذهب. |
| غنيمت | (ع) | غَ - نِيـ - مَت | ڦُرِ- ڦُر جو مال. فارسي ۾ معنيٰ مُفت مِليل شيءِ. |
| فَضِيلت | (ع) | فَ - ضِيـ - لَت | بزرگي- وڏائي. دانش. هنر- فن. |
| طبيعت | (ع) | طَ - بِيـ - عَت | خو- مِزاج- فِطرت- سرشت. |
| طَرِيقت | (ع) | طَ - رِيـ - قَت | راهہ- رستو. باطن جي صفائي. |
| نصيحت | (ع) | نَـ - صيـ حَت | پند- خيرخواهي- چڱي ڳالهہ. |
| مُصِيبت | (ع) | مُ - صيـ - بَت | ڏک- تڪليف. حادثو. آزار- ويڏن. |

### گروپ ٢٧

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اجازَت | (ع) | اِ - جا - زت | رخصت ڏيڻ- رخصت. موڪَل. |
| اَجالَت | (ع) | اَ - جا - لت | ڦيرائڻ- جولان ڏيڻ. |
| اَدامَت | (ع) | اَ - دا - مَت | هميشگي. پَرجڻ- لڳاتار وسڻ. |
| اَرادَت | (ع) | اَ - را - دَت | ارادو ڪرڻ- مريد ٿيڻ. |
| اَزالَت | (ع) | اِ - زا - لَت | زائل ڪرڻ- ميٽي ڇڏڻ- پَري ڪرڻ. |
| اضافت | (ع) | اِ - ضا - فت | لڳاءُ. نسبت ڪرڻ. ضيافَت ڪرڻ. پناهہ ڏيڻ. |
| اَطاعت | (ع) | اِ - طا - عَت | حڪم مَڃڻ- متابعت ڪرڻ. فرمانبرداري. |
| اَعانت | (ع) | اِ - عا - نت | مَدد ڪرڻ- ياري ڪرڻ. |

### گروپ ٢٨

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| باحث | (ف) | با - حث | بحث ڪندڙ. |
| باعَث | (ع) | با - عث | سبب- وجہ- علت. |
| ثالث | (ع) | ثا - لث | ٽيون. |
| حادِث | (ع) | حا - دث | نئون- تازو پيدا ٿيل. بعد جو پيدا ٿيل- فاني. |

| لغظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڏاج | (س) | ڏا ـ ج | ڪنواريتن طرفان ڪنوارڪي مليل سامان. |
| راج | (سن) | را ـ ج | حڪومت. بادشاهي. |
| عاج | (ع) | عا ـ ـ ج | هاٿيءَ جا ڏند. |
| ڪاج | (ف) | ڪا ـ ج | ڪاش!. صنوبر جو وڻ. |
| ڪاج | (سن) | ڪا ـ ج | (ڪم) ڪار. |
| لاج | (ف) | لا ـ ج | اگهاڙو. ننگو. رشوت. ڪُتي (جانور). |
| ماج | (ف) | ما ـ ج | چنبُ. راوي. روايت ڪندڙ. |
| واج | (ف) | وا ـ ج | ڳالهايو. پڇاڳاڇا. |
| هاج | (س) | ها ـ ج | طلب. ضرورت. گهرجَ. |

## گروپ ٣٣

| لغظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اَناج | (س) | ا ـ نا ـ ج | اَن. سيڌو. |
| بَلاج | (ف) | بَ ـ لا ـ ج | سٽي. ٻوري. ڳوڻ. |
| حجاج | (ع) | حـ جا ـ ج | حجت پائڻ. حُجَت لائڻ. |
| حَراج | (ع) | حـ ـ را ـ ج | نيلام. |
| خداج | (ع) | خـ ـ دا ـ ج | نقصان. ناقص. اڻپورو. |
| خِراج | (ع) | خِـ ـ را ـ ج | محصول. ڏنُ. مجازاً: اُجورو. |
| دجاج | (ع) | د ـ جا ـ ج | ڪُڪڙ. ڪڪڙيون. |
| دَواج | (ف) | دَ ـ وا ـ ج | مٿان پائڻ جي چادر. لوئي. سَوڙ. |
| رَواج | (ع) | رـ وا ـ ج | عام دستور. هلي چلي. |
| سَراج | (ع) | سَـ ـ را ـ ج | سج. ڏيئو. |
| سَماج | (س) | سـ ـ ما ـ ج | معاشرو. سوسائٽي. برادري. |
| علاج | (ع) | عـ ـ لا ـ ج | دوا. چارو. درمان. |
| مِزاج | (ع) | مِـ ـ زا ـ ج | طبيعت. عادت. خُو. خاصيت. |
| اِمتزاج | (ع) | اِمـ ـ تـ ـ زا ـ ج | مِلاوٽ. ٻن شين جو هميشہ لاءِ هڪٻئي ۾ گڏ ٿيڻ ۽ هڪ شڪل ۾ رهڻ. |
| احتجاج | (ع) | احـ ـ تـ ـ جا ـ ج | ڪاوڙ جو اظهار. ناراضگي. |
| اِحتياج | (ع) | احـ ـ تـ ـ يا ـ ج | مُحتاجي. حاجت مَندي. |
| اَزدواج | (ع) | اَز ـ د ـ وا ـ ج | نِڪاح ڪرڻ. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اِندراج | (ع) | اِن ـ د ـ را ـ ج | داخل ڪرڻ. داخلا. |

**گروپ ٣۴**

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| آماج | (ف) | آ ـ ما ـ ج | تير جو نشانو. |
| اِخراج | (ع) | اِخ ـ را ـ ج | نيڪالي. خارج ڪرڻ. |
| اَزواج | (ع) | اَز ـ وا ـ ج | زالون. |
| تاراج | (ف) | تا ـ را ـ ج | تباهي. غارت. |
| حَجّاج | (ع) | حَـ ـ جّا ـ ج | گهڻان حَج ادا ڪندڙ. حاجي جو جمع. |
| حَجّاج | (ع) | حَـ ـ جّا ـ ج | يوسف ثقفي جو پٽ، ٧٥هجري ۾ عراق جو گورنر ٿيو، ظلم ۽ بيرحمي ۾ يڪتا هُو. |
| حلاّج | (ع) | حَلـ ـ لا ـ ج | پنيجارو. |
| حَلاّج | (ع) | حلَـ ـ لاّ ـ ج | مشهور ولّي حسين بن منصور جو لقب، جنهن اناالحق جو نعرو هڻي ٣٠٩ھ ۾ ڦاهي قبولي. |
| سَرتاج | (ف) | سَر ـ تا ـ ج | عورتن جي مَٿي ڍَڪڻ جو ڪپڙو. مجازاً: مڙس. |
| مُحتاج | (ع) | مُحـ ـ تا ـ ج | مُفلس. ضرورتمَند. فقير. غريب. |
| مِعراج | (ع) | مِعـ ـ را ـ ج | ڏاڪڻ. عروج. بُلندي. |
| مِعراج | (ع) | مِعـ ـ را ـ ج | واقعهءِ معراج رسول پاڪ ﷺ جيڪو نبوت جي ٻارهين سال ٢٧ رجب تي ٿيو. |
| منهاج | (ع) | مِنـ ـ ها ـ ج | ويڪرو رستو. عام شاهراهه. |
| مَهراج | (هه) | مَهـ ـ را ـ ج | هندن جو وڏو راجا. شهنشاه. |

**گروپ ٣٥**

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اَوج | (ع) | اَو ـ ج | بلندي. مَٿاهين. مجازاً: جَواني. |
| حَوج | (ع) | حَو ـ ج | حاجتمند ٿيڻ. |
| روج | (ف) | رو ـ ج | روز. ڏينهن. |
| زَوج | (ع) | زَو ـ ج | زال مڙس جو جوڙو. زال يا مڙس. اهو عدد |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مارِح | (ع) | ما ـ رِح | فريادي. |
| صالِح | (ع) | صا ـ لِح | نيڪ ـ مشهور پيغمبر. |
| فاتِح | (ع) | فا ـ تِح | فتحمند ـ ڪامياب. ڪوليندڙ. |
| قادِح | (ع) | قا ـ دِح | عيب لڳائيندڙ. |
| مادِح | | ما ـ دِح | مدح ڪندڙ ـ ساراهيندڙ. |
| مالِح | (ع) | ما ـ لِح | نمڪين ـ سانورو. |
| ناصِح | (ع) | نا ـ صِح | نصيحت ڪندڙ. |
| نافِح | (ع) | نا ـ فِح | ڦوڪيندڙ ـ پريندڙ. |

## گروپ ۴۰

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| رُوح | (ع) | رو ـ ح | جان. طبيبن جي مطابق تہ اُهو لطيف بخار جيڪو دل منجهان پيدا ٿيو ۽ انسان جي حرڪت ۽ حياتي جو باعث آهي. |
| نُوح | (ع) | نو ـ ح | گهڻي روئڻ وارو. |
| نوح | (ع) | نُو ـ ح | مشهور پيغمبر جو نالو ـ نوح عليہ السلام. |
| نُوح | (ع) | نو ـ ح | غوث الحق مخدوم نوح عليہ رحمت هالائي. |
| مَجروح | (ع) | مج ـ رو ـ ح | زخمي ـ گهايَل. |
| مذبوح | (ع) | مَذ ـ بو ـ ح | ذبح ڪيل. |
| مَشروح | (ع) | مَش ـ رو ـ ح | شرح ڪيل ـ کولي ٻڌايل. |
| مَقبوح | (ع) | مق ـ بو ـ ح | بدصورت ـ ڪِنو ـ خراب ـ قباحت وارو. |
| مَلمُوح | (ع) | مل ـ مو ـ ح | ڏِٺَل ـ ڏسي ورتل. |
| مَمدُوح | (ع) | مم ـ دو ـ ح | تعريف ڪيل ـ ساراهيل. |
| مَمسُوح | (ع) | مم ـ سو ـ ح | مسح ٿيل. |
| مَملُوح | (ع) | مم ـ لو ـ ح | نمڪين ـ کارو. |
| مفتوح | (ع) | مف ـ تو ـ ح | کوليل. فتح ڪيل. |

## گروپ ۴۱

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ترجيح | (ع) | تر ـ جيـ ـ ح | سبقت ڏيڻ ـ غلبو. مجازاً: اهميت ڏيڻ. |
| ترشيح | (ع) | تر ـ شيـ ـ ح | نپائڻ ـ ادب سيکارڻ. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | بولي | بيهڪ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| مُنسُوخ | (ع) | منـ ـ سو ـ خ | رَد۔ ختم۔ مِٽائي ڇڏيل. |
| يافُوخ | (ع) | يا ـ فو ـ خ | تارون۔ انساني تارون (ننڍپڻ ۾ مَٿي تي هٿ رکڻ سان هلندو معلوم ٿيندو). |
| سُوخ | (ف) | سو ـ خ | بَصر. |
| ڪُوخ | (ف) | ڪو ـ خ | جهوپڙي۔ روشندان کان بغير گهر. |
| لُوخ | (ف) | لو ـ خ | دريا جي ڪَپ تي بيٺل گاهُ. |
| هُوخ | (ف) | هو ـ خ | بيت المقدس جو نالو. |
| يُوخ | (ف) | يو ـ خ | سِج۔ آفتاب. |

### گروپ ۴۷

| لفظ | بولي | بيهڪ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| اَوخ | (ف) | اَو ـ خ | آه۔ افسوس. |
| جَوخ | (ف) | جَو ـ خ | جماعت۔ گروهه۔ لشڪر (انساني ۽ حيواني) |
| خوخ | (ع) | خَو ـ خ | شفتالو۔ آڙو (ميوو). |
| دَوخ | (ف) | دَو ـ خ | هڙي۔ چانگ۔ نوڙهه. |
| دَوخ | (ع) | دو ـ خ | خوار ٿيڻ. شهرن ۽ ڳوٺن تي غالب اچڻ. |
| دِيگَر | (ف) | دِي - گَر | ٻيو- ۽ - ثاني. |
| رَهبر | (ف) | رَه - بَر | رهنما- هادي. ٢- دليل - عقل. |
| ساغَر | (ف) | سا - غَر | شراب جو پيالو. |
| سَروَر | (ف) | سَر - وَر | بزرگ- سردار. |
| شَشدَر | (ف) | شَش - دَر | عاجز- حيران. |
| صَرصَر | (ع) | صَر - صَر | جَهَڪَ- تيز هوا. |
| صَفدر | (ع) | صف - دَر | لشڪر جي صف کي ڦاڙيندڙ/ چيريندڙ. |
| عَسڪَر | (ع) | عَس - ڪَر | فوج- لشڪر. ٢- رات جي اونداهي. |
| عَنبَر | (ع) | عَن - بَر | مشهور ۽ نهايت عمده خوشبوءَ جو نالو. |
| قَنبَر | (ع) | قن - بَر | حضرت علي ع جي هڪ غلام جو نالو. |
| قَيصَر | (رع) | قيـ - صَر | اُهو ٻار جنهن جي پيدا ٿيڻ وقت کان ٿورڙو اڳ ان جي ماءُ مري وڃي ۽ ڪيس مرده ماءُ جو پيٽ ودي ٻاهر ڪڍيو وڃي- (جيئن ته روم جو پهريون بادشاهه اغسطوس ائين پيدا ٿيو هو، ان ڪري کيس قيصر چوندا آهن ۽ سندس لقب جي ڪري ڪائنس بعد جي شاهانِ روم جو لقب ٿي ويو). |
| ڪَرڪَر | (ف) | ڪَر - ڪَر | الله پاڪ. ٢- بادشاه. ٣-صاحبِ اقبال |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اَمير | (ع) | ا ـ مِيـ ـ ر | سردار ـ رئيس ـ آقا. حاڪم. سيٺ. دولت مند. |
| بَشير | (ع) | بـ ـ شير ـ ر | خوشبخري ڏيندڙ. خوبصورت ۲ـ رسول پاڪ ﷺ جو لقب مبارڪ. |
| بَصِير | (ع) | بـ ـ صيـ ـ ر | دانا ـ دانشمند. بينا ـ ڏسيندڙ ۲ـ الله پاڪ جو صفاتي نالو. |
| بَعِير | (ع) | بـ ـ عيـ ـ ر | اُٺ (جانور). |
| تَجير | (ع) | تَ ـ جيـ ـ ر | قنات ـ پردو. |
| پَذير | (ف) | پَ ـ ذيـ ـ ر | مڃڻ ـ قبول ڪرڻ. |
| پَنير | (ف) | پـ ـ نَيـ ـ ر | کير مان ٺهندڙ مشهور شيءِ "چيز" Cheese |
| ثَمير | (ع) | ثَـ ـ ميـ ـ ر | ثمردار ـ ميويدار. |
| جَدِير | (ع) | جَ ـ دِيـ ـ ر | قابل ـ لائق ـ سزاوار ـ موافق. ۲ـ چوديواري. |
| جَهِير | (ع) | جَ ـ هِيـ ـ ر | صاحبِ جمال ۲ـ ديداري شخص ۳ـ قابلِ احسان. |
| حَسِير | (ع) | حَ ـ سِيـ ـ ر | غمگين ـ رنجيده ـ ڏکويل.۲-افسوس ڪندڙ. |
| حَصِير | (ع) | حَ ـ صِيـ ـ ر | تڏو ـ نُکَ. ۲ـ زندان. |
| حَقِير | (ع) | حَ ـ قِيـ ـ ر | ادنيٰ. ۲ـ ننڍڙو. ۳ـ ذليل و خوار. ۴ـ ڪِنو. |
| حَمِير | (ع) | حَ ـ مِيـ ـ ر | حمار يعني گڏه جو جمع ـ گڏهَ. |
| خَبِير | (ع) | خَ ـ بِيـ ـ ر | واقف ـ ڄاڻ وارو. ۲ـ دانا. ۳ـ عارف. ۴ـ الله پاڪ جو نالو. |
| خَدِير | (ع) | خَ ـ ديـ ـ ر | خوبصورتي ـ سهڻائي. |
| خَسِير | (ع) | خَ ـ سِيـ ـ ر | خِساري ۾ پوندڙ ـ نقصان ۾ پوندڙ. |
| خَطِير | (ع) | خَ ـ طِيـ ـ ر | بهتر ـ گهڻو. وڏو بزرگ ـ بزرگ. |
| خَمِير | (ع) | خَ ـ مِيـ ـ ر | سڙيل ڳوهيل اَٽو ـ مجازاً: اصل ـ بنياد. |
| دَبِير | (ع) | دَ ـ بيـ ـ ر | مُحرر ـ منشي ـ ڪاتب ۲ـ حاسب ۳ـ مُدير Editor. |
| زَحِير | (ع) | زَ ـ حِيـ ـ ر | وَٽُ ـ پيچش. تڏو ساهه. |
| زَفِير | (ع) | زَ ـ فِيـ ـ ر | ساهه ڇڪي مٿي ڪرڻ. ۲ـ گڏه جو |

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| وَڪِير | (ع) | وَ - ڪِيـ - ر | نئون گهر ٺاهڻ- تعمير ڪرائڻ جي ضيافت |
| هَسِير | (ف) | هَـ - سِيـ - ر | برف- بيخ. |
| يَسِير | (ع) | يَـ - سِيـ - ر | ٿورو ٢- آسان- سَولو. |
| گزِير | (ف) | گ - زِيـ - ر | علاج- چارو- تدبير. |
| مُدِير | (ع) | مُـ - دِيـ - ر | چڪَر ڏيندڙ- ڦيرا ڏيڻ وارو ٢- حاڪم ضِلع ٣- ايڊيٽر. |
| مُعِير | (ع) | مُـ - عِيـ - ر | عاريتہً شيءِ ڏيندڙ. |
| مُغِير | (ع) | مُـ - غِيـ - ر | عادت ڪرڻ وارو- ڦُريندڙ ٢- تڪڙ ڪرڻ وارو- جلدي ڪندڙ. |
| مُشِير | (ع) | مُـ - شِيـ - ر | اشارو ڪرڻ وارو ٢- مشورو ڏيندڙ. |
| مُنِير | (ع) | مُـ - نِيـ - ر | روشني ڏيندڙ- روشن- چمڪندڙ- تابان. |

**گروپ ٨٤**

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| بِير | (ع) | بِيـ - ر | کُوھ. |
| تِير | (ف) | تِيـ - ر | مشهور هٿيار ڪمان جو تير ٢- نصيب- حصو ٣- چوپاين تي فرشتي جو نالو. |
| پِير | (ف) | پِيـ - ر | پوڙهو- وڏي عمر وارو- ڪراڙو- بزرگ ٢- مرشد- هادي ٣- ولي. |
| چِير | (ف) | چِيـ - ر | غالب پوڻ- فتحيابي ٢- نصيب ٣- بهادر- دلير ۴- فرياد. |
| سِير | (ف) | سِيـ - ر | ٿُومَ. |
| شِير | (ف) | شِيـ - ر | کير. |
| فِير | (ف) | فِيـ - ر | افسوس- تاسف. |
| گِير | (ف) | گِيـ - ر | گرفتن جو امر- جَهل- وَٺُ. |
| مِير | (ع) | مِيـ - ر | امير جو مخفف- سردار- حاڪم. |
| وِير | (ف) | وِيـ - ر | احمق- بي عقل- نادان. |
| هِير | (ف) | هِيـ - ر | ١- عبادت ٢- باھ. |

**گروپ ٨٥**

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اُجُور | (ع) | اُ - جُو - ر | اجر جو جمع- اُجرتون- ثوابَ. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| شُور | (ف) | شُو - ر | (سنڌ ۾/ پاڻ وٽ "ش" تي زبر ڏبي آهي) غوغا- غل. ٢- شهرت وغيره. |
| صُور | (ع) | صُو - ر | نرسنگهه (جانور جو سنڱ جيڪو ٻڄائبو آهي) ٢- حضرت اسرافيل قيامت ڏينهن وڄائيندو. |
| طُور | (ع) | طُو - ر | مشهور جبَل (سينا). |
| عُور | (ع) | عُو - ر | عوريعني ڪاٺوجوجمع. ٢-برهنه- اگهاڙو. |
| غُور | (ف) | غُو - ر | قنڌار ويجهو هڪ شهر جو نالو (سلطان شهاب الدين غوري جي جنم ڀُومي). |
| مُور | (ف) | مُو - ر | ماڪوڙي. مجازاً: حقير. |
| نُور | (ع) | نُو - ر | روشني ٢- قرآن پاڪ جي هڪ سورت (ف: سِجُ). |
| هُور | (ف) | هُو - ر | آفتاب. ٢- نصيب- ڀاڳ. |

گروپ ٨٧

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| تَور | (ع) | تَو - ر | ڪونڊو (مشهور ٿانءُ). |
| ثَور | (ع) | ثَو - ر | ڍڳو. آسماني برج Taurus. |
| جَور | (ع) | جَو - ر | ظلم- ستم. |
| چَور | (سن) | چَو - ر | چوري ڪندڙ- دُزد (سنڌيءَ ۾ ٻه "ر" تي پيش سان استعمال ٿئي ٿو). |
| دَور | (ع) | دَو - ر | گول هئڻ. گردش- ڦيرو. ٢- سبق جو بار بار ورجائڻ. |
| زَور | (ف) | زَو - ر | طاقت- قوَت. |
| طَور | (ف) | طَو - ر | طرز- روش- طريقو- ڍنگ- وضع. |
| غَور | (ع) | غَو - ر | هرشيءِجي گهرائي-اونهائي. مجازاً: فڪر. |
| ڪَور | (ف) | ڪَو - ر | انڌو- نابينا. |

گروپ ٨٨

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اِستِمرار | (ع) | اِس - تِم - را - ر | هميشگي- هميشه رهڻ. ٢- هلڻ- |

Gul Hayat Institute

| لفظ | بولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| | | | جاري رهڻ. |
| آتش بار | (ف) | آ ـ تش ـ با ـ ر | باهه وسائيندڙ. |
| پائيدار | (ف) | پا ـ ئي ـ دا ـ ر | قائم. ٢ـ برقرار. ٣ـ هميشه. ۴ـ خدا تعاليٰ جو نالو. |
| پهلودار | (ف) | پَهه ـ لُو ـ دا ـ ر | ڪناري وارو. ٢ـ سهاري وارو. ٣ـ رمز ۾ ڪناري واري ڳالهه. |
| پيداوار | (ف) | پَيـ ـ دا ـ وا ـ ر | فصل جو حاصل Production. پيدائش ـ آمدني ـ اپت ـ حاصلات. |
| جانب دار | (ف) | جا ـ نِبـ ـ دا ـ ر | مددگار ـ حمايتي. |
| چوڪيدار | (ف) | چَو ـ ڪِيـ ـ دا ـ ر | پهريدار ـ محافظ ـ نگهبان ـ پاسبان. |
| درياٻار | (ف) | در ـ يا ـ با ـ ر | وڏو دريا ـ بَحرُ. |
| دعويٰ دار | (ف) | دع ـ ويـ ـ دا ـ ر | ڪنهن فن/ ڪمال جي دعويٰ ڪندڙ. ٢ـ آرزومند. فريادي ـ پڪاريندڙ. |
| گوهربار | (ف) | گو ـ هر ـ با ـ ر | موتي وسائيندڙ ٢ـ سخي جوانمرد فيّاض ٣ـ ناصح/ واعظ. |
| يارِغار | (ف) | يا ـ رِ ـ غا ـ ر | سچو دوست ٢ـ مصيبت ۾ ساٿ ڏيندڙ ٣ـ حضرت ابوبڪر صديق ڏي اشارو. |
| بقادار | (ف) | بـ ـ قا ـ دا ـ ر | بقا وارو ـ زندگي وارو ـ باقي رهندڙ. |
| آداڪار | (ف ـ ا) | آ ـ دا ـ ڪا ـ ر | ادائون ڪرڻ وارو Actor. ناٽڪي. |
| پَرَستار | (ف) | پَـ ـ رَسـ ـ تا ـ ر | (فارسي ۾ "پ" تي پيش به ڏيندا آهن) ـ پوڄيندڙ ـ چاهيندڙ. غلام ـ ٻانهي ـ ڪنيز ـ خدمتگار وغيره. |
| جفاڪار | (ف) | جَـ ـ فا ـ ڪا ـ ار | ستم ڪندڙ ـ ظالم ـ ڏوهي. |
| حيادار | (ف) | حَـ ـ يا ـ دا ـ ر | حيا وارو. |
| خطادار | (ف) | خَـ ـ طا ـ دا ـ ر | قصوروار ـ چُڪ ڪرڻ وارو ـ ڏوهي. |
| خبردار | (ف) | خَـ ـ بَر ـ دا ـ ر | ڄاڻيندڙ ـ واقف ـ آگاهه. |
| سزاوار | (ف) | سِـ ـ زا ـ وا ـ ر | مناسب ـ لائق. |
| سروڪار | (ف) | سـ ـ رو ـ ڪا ـ ر | تعلق ـ لڳاءُ ـ خواهش. |
| طلبگار | (ف) | طَـ ـ لبـ ـ گا ـ ر | طالب ـ خواهشمند ـ جستجو ڪندڙ ـ |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| مامُور | (ع) | ما - مُو - ر | امر ڪيل- حڪم ڏئي ڇڏيل. اھو جنھن کي حڪم ڏنل ھجي. مجازاً: مقرر |
| مَجبُور | (ع) | مج - بُو - ر | جبر ڪيل- لاچار- بيوس. |
| مَجدُور | (ع) | مَج - دُو - ر | صاحب نصيب- ڀاڳوند. |
| مَحجُور | (ع) | مَح - جُو - ر | حرام ڪيو ويل/ منع ڪيو ويل. |
| مَحذور | (ع) | مَح - ذُو - ر | اھا شيءِ جنھن کان دپ ٿئي. |
| مَحرُور | (ع) | مَحَ - رُو - ر | گرم مزاج. ٢- گرم- حرارت وارو. |
| مَحصُور | (ع) | مح - صُو - ر | حصار ۾ اندل- گھيريل- قيدي- قلعہ بند. |
| مَخمُور | (ع) | مُخ - مو - ر | شراب پيتل- متوالو- نشي ۾ چُور- خُماريل. |
| مذَڪُور | (ع) | مذ - ڪو - ر | جنھن جو ذڪر ڪيو وڃي. |
| مزدُور | (ف) | مز - دو - ر | مزدوري ڪرڻ وارو- ڪمائيندڙ- پگھاردار. (مرڪب آھي). |
| مَستُور | (ع) | مَس - تُو - ر | پوشيده- لِڪل ٢- لڪائيندڙ- ڍڪيندڙ. |
| مَسرُور | (ع) | مَس - رُو - ر | خوش- خوش ڪيو ويل. |
| مَشڪور | (ع) | مَش - ڪُو - ر | جنھن جو شڪريو ادا ڪيو وڃي (شاڪر جي معنيٰ ۾ لکڻ غلط آھي). |
| مَشھُور | (ع) | مَش - ھُو - ر | شھرت ڏنل- شھرت يافتہ. |
| مَصدُور | (ع) | مَص - دُو - ر | صادر ڪيل. |
| مَعذُور | (ع) | مَع - ذو - ر | جنھن ۾ ڪو عذر ھُجي. |
| مَعمُور | (ع) | مع - مُو - ر | آباد ٢- ڀَريل. |
| مَغرُور | (ع) | مغ - رُو - ر | فريفتہ ٢- ڏوڪو کاڏل ٣- گھمنڊي ۴- تيزيءَ وارو- شوخ. |
| مَغفور | (ع) | مغ - فو - ر | مغفرت/ بخشش ڪيل. |
| مَغمُور | (ع) | مَغ - مُو - ر | غرق ٿيل- ٻڏل. |
| مَفرُور | (ع) | مف - رُو - ر | فرار ٿيل- ڀاڳيلو. |
| مقدُور | (ع) | مَق - دُو - ر | قدرت/ طاقت ڏنل. |
| مَنشُور | (ع) | من - شُو - ر | پکڙيل- پراگنده. ٢- شاھي فرمان. ڏسو خاص نوٽ. |
| مَنصُور | (ع) | من - صُو - ر | مدد ڏنل/ ياري ڏنل. اناالحق چوندڙ ولي |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| تَصغير | (ف) | تص - غِيـ - ر | ننڍو ڪرڻ. |
| تَصوير | (ع) | تص - وِيـ - ر | صورت. ٢- مورت. |
| تَطهير | (ع) | تط - هِيـ - ر | پاڪ ڪرڻ. |
| تَعزير | (ع) | تع - زيـ - ر | شرعي حد کان گهٽ سزا ڏيڻ. ٢- سياست ڪرڻ. |
| تَعبير | (ع) | تع - بِيـ - ر | خواب جي حقيقت ٻُڌائڻ/ بيان ڪرڻ. |
| تَعمير | (ع) | تع - مِيـ - ر | ناهڻ- اڏڻ. ٢- آباد ڪرڻ. |
| تَفسِير | (ع) | تف - سِيـ - ر | بيان- شرح. ٢-ڪلام جي معنيٰ واضح ڪرڻ.٣-ڪلامِ الاهي جي شَرحَ ڪرڻ. |
| تَقدير | (ع) | تَق - دِيـ - ر | اندازو- اندازو ڪرڻ (عموماً بمعنيٰ ڀاڳ/ قسمت لکيو آهي). |
| تقرير | (ع) | تَق - رِيـ - ر | ڳالهه ٻولهه- بيان ٢- بيان ڪرڻ. |
| تَقصير | (ع) | تَق - صِيـ - ر | قصور- جرم- خطا- ڏوهه.٢- ڪمي ڪرڻ. |
| تَڪبير | (ع) | تڪ - بِيـ - ر | وڏائي ڪرڻ. ٢- الله اڪبر چوڻ. |
| تَڪسِير | (ع) | تڪ - سِيـ - ر | ڀڃڻ- شڪستہ ڪرڻ. |
| تَڪفِير | (ع) | تڪ - فِيـ - ر | ڪافر چوڻ ٢- ڪفارو ڏيڻ. |
| تنصير | (ع) | تن - صِيـ - ر | ڪنهن کي نصراني/ عيسائي ڪرڻ. |
| تنظير | (ع) | تن - ظيـ - ر | ڀيٽ ناهڻ- نظير/ مثل ناهڻ/ پيدا ڪرڻ. |
| تَنوِير | (ع) | تَن - وِيـ - ر | روشن ٿيڻ/ ڪرڻ- صبح جي اجاڻ ظاهر ٿيڻ. |
| توقِير | (ع) | تو - قِيـ - ر | ڪنهن جي عزت ڪرڻ ٢- آزمائڻ. |
| تيسير | (ع) | تيـ - سِيـ - ر | آسان ڪرڻ. آماده ڪرڻ. |
| جاگير | (ف) | جا - گِيـ - ر | حڪومت/ سرڪار وٽان مليل زمين. |
| خَنزير | (ع) | خَن - زِيـ - ر | سوئر (مشهور حرام جانور). |
| دلگير | (ف) | دل - گيـ - ر | رنجيده- ملول- ڏکويل- غمگين. |
| زنجير | (ف) | زَن - جِيـ - ر | سَنگهر (لوهه جي ڪڙين سان ٺهيل). |
| شَبِّير | (ع) | شب - بِيـ - ر | حُسَين (امام). ٢- حضرت هارون ع جي فرزند جو نالو. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| شمشير | (ف) | شمـ ـ شِيـ ـ ر | تلوار- تيغ (هنديءَ وارا شَمشَير لکندا آهن). |
| ڪَشمِير | (ف) | ڪَشـ ـ مِيـ ـ ر | مشهور سرسبز و شاداب ۽ جنّت نظير واديءَ/ مُلڪ جو نالو. |
| ڪفگير | (ف) | ڪَفـ ـ گِيـ ـ ر | چاٽي. ڏوئي- چمچو. |
| ڪفشير | (ف) | ڪَفـ ـ شِيـ ـ ر | قلعي. |
| نَخچِير | (ف) | نَخـ ـ چِيـ ـ ر | جهنگلي هرڻ وغيره. ٢- شڪار. شڪار ڪيل جانور. |
| قِطمِير | (ع) | قِطـ ـ مِيـ ـ ر | حقير شيءِ- نهايت ننڍي شيءِ ٢- اصحابِ ڪهف جي ڪُتي جو نالو. |
| قطگير | (ف) | قطـ ـ گِيـ ـ ر | اها شيءِ جنهن تي قلم کي قطو جهجي/لڳائجي. |

**گروپ ٩١**

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ازاهير | (ع) | اَ ـ زا ـ هيـ ـ ر | دنيا جي رونق- خوبي- خوبصورتي. |
| بغلگير | (ف) | بَـ ـ غلـ ـ گِيـ ـ ر | ڀاڪرين- هم آغوش. |
| بواسير | | بَـ ـ وا ـ سِيـ ـ ر | موڪا. موڪن جي بيماري. |
| بهاگير | (ف) | بـ ـ ها ـ گِيـ ـ ر | قيمت ڪندڙ. |
| تباشير | (ع) | تـ ـ با ـ شِيـ ـ ر | پسارڪو وکر. چاڪ. |
| تدابير | (ع) | تـ ـ دا ـ بيـ ـ ر | تدبيرون- طريقا. حرفتون. |
| تصاوير | (ع) | تـ ـ صا ـ ويـ ـ ر | تصويرون. |
| تقارير | (ع) | تـ ـ قا ـ ريـ ـ ر | تقرير جو جمع- تقريرون. |
| جماهير | (ع) | جـ ـ ما ـ هيـ ـ ر | گڏ ڪرڻ- گڏ ٿيڻ- گڏ ڪيل. |
| جهانگير | (ف) | جـ ـ هانـ ـ گيـ ـ ر | مشهور مغل بادشاهه. |
| مشاهير | (ع) | مـ ـ شا ـ هيـ ـ ر | مشائخ- صاحب علم وَ ادب. |
| گرهگير | (ف) | گـ ـ رهـ ـ گيـ ـ ر | چور- ڳنڍي ڇوڙ. |
| همه گير | (ف) | هَـ ـ مَهـ ـ گيـ ـ ر | لاڳيتو- هر جڳهه موجود. |
| آبگير | (ف) | آ ـ بـ ـ گيـ ـ ر | گهوڙن جي هڪ بيماري. |
| بَاجگير | (ف) | با ـ جـ ـ گِيـ ـ ر | خراج يا ڏن ڏيندڙ- مريد. |
| بادگير | (ف) | با ـ د ـ گِيـ ـ ر | هوا لاءِ ڇڏيل روشندان. |
| بارگير | (ف) | با ـ ر ـ گِيـ ـ ر | بار يا وزن کڻندڙ (انسان- جانور) |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| خَبَر | (ع) | خَ - بَر | سَنيهو. ٢ـ آگاهي. ٣ـ خبردار. ۴ـ رسول پاڪ ﷺ جي حديث. |
| خَدَر | (ع) | خَ - دَر | ٻانهن/ ٽَنگ وغيره جو سُن ٿيڻ/ سُمهي رهڻ. |
| خَطَر | (ع) | خَ - طَر | عظمت و بزرگي. ٢ـ مرٽيڻ ٣ انديشو. ۴ـ آفت ٥ـ دشواري. |
| زَبر | (ع) | زَ - بر | طاقتوَر. ٢ـ مٿيون. ٣ـ فتحہ (زير- زَبر) |
| سَحَر | (ع) | سَ - حَر | صبح جو نور جو تڙڪو. ٢ـ پرڀات. |
| سَحَر | (ع) | سَ - حَر | ڦُڦُڙ. |
| سَفَر | (ع) | سَ - فَر | هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃڻ٢ـ مُسافري- Journey. |
| سَقَر | (ع) | سَ - قَر | دوزخ. |
| سِڪَر | (ع) | سِ - ڪَر | هر ڪا نشي واري شيءِ ٢ـ شراب |
| سَمَر | (ع) | سَ - مَر | آکاڻي، قصو، افسانو (رات جو سمهڻ وقت جيڪي ٻُڌجن). |
| شَجَر | (ع) | شَ - جَر | وڻ- دَرخت. |
| شَرَرَ | (ع) | شَ - رَر | شراره يعني چڻنگ جو جمع: چڻگون. |
| شَڪَر | (ع) | شَ - ڪَر | ڪنڊ. ٢ـ لبِ معشوق. |
| شِڪَر | (ف) | شِ - ڪر | شڪار. ٢ـ شڪاري. ٣ـ شڪستہ. ۴ـ ٽُوڙ ٥ـ ڀڃيندڙ. |
| صَدَر | (ع) | صَ - دَر | ڇاتي. ٢ـ سينو. ٣ـ بالانشين ۴ـ ابتدا. ٥ وزير کان گهٽ عهديدار. ٦ـ President. |
| صَفَر | (ع) | صَ - فَر | ٻيو اسلامي/ قمري مهينو. |
| صِفَر | (ع) | صِ - فَر | خالي- ٻُور وارو. ٻڙي- Nil. |
| صِهر | (ع) | صِ - هر | سُهرو (عورت/ مرد جو). |
| ضَرَر | (ع) | ضَ - رَر | نقصان. ٢ـ تڪليف- ڏک. |
| ظَفر | (ع) | ظَ - فَر | فتح- فتحمندي- ڪاميابي. ٢ـ آخري مغل بادشاه بهادر شاه جو تخلص. |

Gul Hayat Institute

| لغظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| عُمرَ | (ع) | عُ ـ مَر | رسول پاڪ ﷺ جي خلفيءِ دوئم جو نالو (ش ٢١هه). |
| فَخر | (ع) | فَ ـ خَر | بزرگي- وڏائي. ٢-ناز- گهمنڊ- آڪڙ- تيزي- غرور. |
| قَدرَ | (ع) | قَ ـ دَر | حڪم الٰهي- قضا- حڪم- تقدير. ٢- انتها- نهايت. |
| قَمر | (ع) | قَ ـ مَر | چنڊ (مهيني جي چوٿين تاريخ کان آخري تاريخ وارو). |
| ڪَمَر | (ف) | ڪَ ـ مَر | چيلهه. هر شيءِ جو وچ. |
| گبرَ | (ف) | گَ ـ بَر | ديگ- ڪاسو. |
| گُذرَ | (ع) | گُ ـ ذَر | رستو- راهه. |
| گُزَر | (ف) | گُ ـ زَر | علاج- چارو. |
| گَزر | (ف) | گَ ـ زَر | گجَر (مشهور ڀاڄي). |
| گُهَر | (ف) | گُ ـ هَر | گوهر جو مخفف- موتي. |
| نَظرَ | (ع) | نَ ـ ظَر | نگاهه. ٢- فڪر. ٣- غور سان ڏسڻ. سوچڻ وغيره. |
| وَزَر | (ع) | وَ ـ زَر | پناهه جي جاءِ. |
| وَطَر | (ع) | وَ ـ طَر | حاجت. |
| وَفَر | (ع) | وَ ـ فَر | گهڻائي- ڪثرت- جهجهائي. |
| وَقَر | (ع) | وَ ـ قَر | زور سان ٻُڌڻ (ٻوڙاڻ جو قسم). ٢- حلم- تمڪين- عزت. ٣- گڏهه جي ڪُنڍ جيترو بارُ. |
| وگَرَ | (ف) | وَ ـ گَر | واگر جو مخفف- ءِ اگر. |
| هُنَر | (ف) | هـ ـ نَر | ڪم- ڪاريگري- خوبي- فن. |
| اَبر | (ف) | اَبـ ـ ر | ڪَڪَر (پاڻيءَ وارو). |
| اَجر | (ع) | اَجـ ـ ر | ثواب. مزدوري- اُجرت. |
| امر | (ع) | امـ ـ ر | حڪم- فرمان. |
| امر | (ع) | امـ ـ ر | ڪم (جمع اُمور). |
| بَحر | (ع) | بَحـ ـ ر | سمنڊ. ٢- وڏو دريا. ٣- شعر جو وزن. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | بولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| شَمر | (ع) | شَمـ - ر | خرامان خرامان هلڻ ٢- ناز سان هلڻ. |
| شهر | (ع) | شَهـ - ر | مهينو ٢- چنڊ. |
| شَهر | (ف) | شَهـ - ر | وڏو ڳوٺ- بَلد- City- مدينه. |
| صَبر | (ع) | صَبـ - ر | تحمل- شڪيبائي- بردباري ٢- تامل- توقف. |
| ظَفر | (ع) | ظَفـ - ر | هر مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ شخص. |
| ظَهر | (ع) | ظَهـ - ر | پشت- پُٺ. |
| عُذر | (ع) | عُذ - ر | بهانو- حِيلو. |
| عُشر | (ع) | عُشـ - ر | ڏهون حصو ٢- قرآن پاڪ جون ١٠ آيتون. |
| عَصر | (ع) | عَصـ - ر | روزگار- زمانو ٢- نچوڙ ٣- نماز جو نالو- ٽيپهري. |
| عطر | (ع) | عطـ - ر | خوشبو. |
| عِمر | (ع) | عُمـ - ر | زندگي- زندگاني. ڄمار. |
| غَدَر | (ف) | غَد - ر | بيوفائي- غداري. |
| غَفر | (ع) | غَفـ - ر | ڍڪڻ- لڪائڻ ٢- بخشڻ وغيره. |
| فَجر | (ع) | فَجـ - ر | صبح جي نُور جو تڙڪو ٢- پاڻي جاري ڪرڻ. |
| فڪر | (ع) | فڪـ - ر | سوچ- انديشو. |
| قَبر | (ع) | قبـ - ر | تربت- گور- مرقد. |
| قَدر | (ع) | قد - ر | ميجتا- بزرگي- وڏائي. اندازو. |
| قَصر | (ع) | قصـ - ر | عمده گهر- محل ٢- ڪمي- ڪوتاهي. |
| قَمر | (ع) | قمـ - ر | اڇي رنگ واري شيءِ ٢- جُوا کٽڻ. |
| قَهر | (ع) | قهـ - ر | زبردستي/ زور ڪرڻ- غالب ٿيڻ. |
| ڪَسر | (ف) | ڪَسـ - ر | شڪستگي- ڀڃڻ ٢- زير (جيڪا لفظ تي ڏجي ٿي). |
| ڪُفر | (ع) | ڪُفـ - ر | ڪا شي لڪائڻ ٢- ناشڪري ڪرڻ ٣- الله پاڪ کي واحد نه ڄاڻڻ (نعوذبالله). |
| گبر | (ف) | گبـ - ر | آتش پرست ٢- خود. |

Gul Hayat Institute

| لغظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| | | | **گروپ ٩٣** |
| آز | (ف) | آ - ز | لالچ- طمع. |
| آز | (ف) | آ - ز | هڪڙي شهر جو نالو. |
| باز | (ف) | با - ز | پوءِ- ٻيهر- دوباره. ورجائڻ- ورجاءَ. نشيب. تميز- فرق- پرهيز. |
| باز | (ف) | با - ز | بافتن/ بازيدن جو امر. |
| باز | (ف) | با - ز | مشهور شڪار ڪندڙ پکي. |
| باز | (ف) | با - ز | محصول- ٽيڪس. |
| تاز | (ف) | تا - ز | حملو- معشوقاڻي ادا. |
| پاز | (ف) | پا - ز | لطيف- نازڪ. خالص- نج. |
| جاز | (ع) | جا - ز | جزا/ بدلو ڏيندڙ. |
| حاز | (ع) | حا - ز | جمع ٿي ويو. گهيري ۾ آندو ويو. |
| خاز | (ف) | خا - ز | ريشمي ڪپڙي جو قِسم. |
| راز | (ف) | را - ز | ڳُجَهہ- پوشيده ڳالهہ. |
| سَاز | (ف) | سا - ز | ساختن جو امر. باجو- سِتار- سارنگي وغيره. |
| ساز | (ف) | سا - ز | موافِق- مانند. ٺاهہ. مڪَر- حِيلو. |
| غاز | (ع) | غا - ز | غازي- جنگ ڪندڙ |
| غاز | (ف) | غا - ز | سُئي جو ڪاڪو (سوراخ). |
| قاز | (ت) | قا - ز | راج هنس (پکي). |
| ڪاز | (ف) | ڪا - ز | گاهہ وڍڻ/ ڪتڙڻ جي وڏي قينچي. صنوبر جو وڻ. مَنهُن. |
| گاز | (ف) | گا - ز | گاهُہ، شمع جي سَڳي وڍڻ لاءِ قينچي. |
| ماز | (ف) | ما - ز | گهنج- شڪن. شگاف- ڏار. |
| ناز | (ف) | نا - ز | لاڏ- پيار. فخر. بي پروائي. نئون وڌو ٽيل صنوبر جو وڻ. |
| واز | (ف) | وا - ز | ظاهر- کُليل. |
| ياز | (ت) | يا - ز | تاوان- ٽيڪس. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| | | | **گروپ ۹۴** |
| اياز | (ف) | ا ـ يا ـ ز | سلطان محمود جي تُرڪ غلام جو نالو، ترڪيءَ زبان ۾ اُچار آهي اَياس. |
| بَراز | (ف) | بَ ـ را ـ ز | زيب و زينت۔ سجاوٽ۔ سينگارڻ. |
| بغاز | (ف) | بَ ـ غا ـ ز | اها رقم جيڪا استاد طرفان بطور انعام شاگرد کي ملي. |
| بِلاز | (ف) | بِ ـ لا ـ ز | بي وجه۔ بي سبب. |
| تِراز | (ف) | تِ ـ را ـ ز | ڪچو سَڳو. آرائش و زينت. |
| پِياز | (ف) | پِ ـ يا ـ ز | بَصر (سبزي). |
| جُراز | (ع) | جُ ـ را ـ ز | تلوار۔ شمشير. |
| جَواز | (ع) | جَ ـ وا ـ ز | جائزهُئڻ۔ مباح هُئڻ. |
| جهاز | (ع) | جَ ـ ها ـ ز | گهر جو مال و متاع. هوائي/ پاڻيءَ جو جهاز. |
| جهاز | (ع) | جَ ـ ها ـ ز | ڪنوارِ جو ڏيج/ ڏاج. |
| چِفاز | (ف) | چِ ـ فا ـ ز | بي حياءِ گارِيال عورت. |
| حِجاز | (ع) | حِ ـ جا ـ ز | سعودي عرب جو صوبو جنهن ۾ مڪو، مدينو پاڪ شامل آهن. |
| دراز | (ف) | دَ ـ را ـ ز | طويل۔ ڊگهو. |
| دهاز | (ف) | دَ ـ ها ـ ز | دانهن۔ رڙ۔ نعرو۔ فرياد۔ فُغان. |
| رِڪاز | (ع) | رِ ـ ڪا ـ ز | مال جيڪو الله پاڪ زمين ۾ پيدا ڪري۔ زمين ۾ پوريل خزانو. |
| زهاز | (ف) | زَ ـ ها ـ ز | مرحبا! آفرين جو هر طرف کان اينڌڙ آواز. |
| طِراز | (ع) | طِ ـ را ـ ز | ڇِيٽَ ڪپڙو. نقش و نگار۔ آرائش. |
| فَراز | (ف) | فَ ـ را ـ ز | ڪشادو۔ پکڙيل. بلندي. اڳيان. مڪر وغيره. |
| ڪِراز | (ف) | ڪِ ـ را ـ ز | ناز سان هلڻ۔ غرور / نخري سان هلڻ. |
| ڪَواز | (ف) | ڪَ ـ وا ـ ز | مال چارينڌڙ. |
| گُداز | (ف) | گُ ـ دا ـ ز | وِگهرڻ۔ وگهرجَڻ۔ ڳارُ. |



Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| گُراز | (ف) | گُ ـ را ـ ز | نر سُوئر. |
| لِواز | (ع) | لِ ـ وا ـ ز | گڏجي هڪٻئي ڪان پناه وٺڻ. |
| مَجَاز | (ع) | مَ ـ جا ـ ز | رهگذر. رستو. ڪنهن لفظ جي غير حقيقي معنيٰ، (مثال: فلاڻو ميدان جو شينهن.) حقيقت جو ضد. |
| مَفاز | (ع) | مَ ـ فا ـ ز | پهچڻ/ پهچڻ جو هنڌ. ڪاميابي جو مقام. |
| نَماز | (ف) | نَ ـ ما ـ ز | صلواة.خدمت. اطاعت. بندگي. عبادت. |
| نَواز | (ف) | نَ ـ وا ـ ز | نواختن جو امر، معنيٰ ڏي. عنايت ڪر. |
| نَواز | (ف) | نَ ـ وا ـ ز | ڏيندڙ، مثال: جان نواز. دِلنواز. نوازنده (ڏِنل). |
| نِياز | (ف) | نِ ـ يا ـ ز | خواهش. آرزو مندي. ميل. رغبت. حاجت. تحفه درويش. |

## گروپ ٩٥

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| احتراز | (ع) | احـ ـ تـ ـ را ـ ز | پرهيز ڪرڻ. |
| اَعتزاز | (ع) | اعـ ـ تـ ـ زا ـ ز | عزيز ٿيڻ/ سمجهڻ. |
| اعتماز | (ع) | اعـ ـ تـ ـ ما ـ ز | ڪنهن ۾ عيب ڪڍڻ. |
| اَمتياز | (ع) | امـ ـ تـ ـ يا ـ ز | فرق ڪرڻ/ تميز ڪرڻ. حق مخصوص. |
| اَنتهاز | (ع) | انـ ـ تـ ـ ها ـ ز | فرصت وٺڻ. قابو پوڻ. |
| اهتزاز | (ع) | اهِ ـ تـ ـ زا ـ ر | خوشي ۽ مستي ۾ جهومڻ. خوشحال ٿيڻ. غمخواري. خوشي. |

## گروپ ٩٦

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| آغاز | (ف) | آ ـ غا ـ ز | شروع. ابتدا. |
| آواز | (ف) | آ ـ وا ـ ز | ڳالهاءَ. ٻڙڪ. |
| ابراز | (ع) | ابـ ـ را ـ ز | ظاهر ٿيڻ. نمودار ٿيڻ. |
| اَحراز | (ع) | احـ ـ را ـ ز | بچائڻ. پناه ڏيڻ. |
| اَطراز | (ع) | اِطـ ـ را ـ ز | نقش و نگار ڪڍڻ/ ڪرڻ. |

Gul Hayat Institute

| معنيٰ | بيهڪ | ٻولي | لفظ |
|---|---|---|---|
| معجزو. خلافِ عادت عبرت ناڪ ڳالهه پيدا ٿيڻ. | اع - جا - ز | (ع) | اِعجاز |
| عزّت ڏيڻ/ ڪرڻ. | اع - زا - ز | (ع) | اَعزاز |
| فقير ۽ محتاج ٿيڻ. | اع - وا - ز | (ع) | اِعواز |
| مُنهن ڦيرائي ڇڏڻ. مُنهن مَٽڻ. | اغ - زا - ز | (ع) | اَغزاز |
| عيب ڪڍڻ. حرمت گهٽ ڪرڻ. | اغ - ما - ز | (ع) | اَغماز |
| مٿي ڪر. بلند ڪر. | اف - را - ز | (ف) | اَفراز |
| مصالحا مثال: لونگ. ڦوٽا وغيره. | اَف - را - ز | (ف) | آفراز |
| ڪوزه جو جمع. | اڪ - وا - ز | (ع) | اڪواز |
| لغز جو جمع. ڳجهارتون. | اَل - غا - ز | (ع) | اَلغاز |
| برابر جو شريڪ. ساٿي. | ان - با - ز | (ف) | انباز |
| حاجت/ مطلب پورو ڪرڻ. | ان - جا - ز | (ف) | انجاز |
| قياس. اندازو ٢. ماپَ تور ٣. طور. طريقو. | ان - دا - ز | (ف) | اَنداز |
| مختصر ڪرڻ. | اِي - جا - ز | (ع) | ايجاز |
| ڇَٽڻ. ٢. منت. خوشامد. عاجزي. | اِي - لا - ز | (ع) | ايلاز |
| آراسته. پيراسته. | اِي - وا - ز | (ف) | اِيواز |
| بدصورت ۽ مڪروه شيءِ. | بَت - يا - ز | (ف) | بِتياز |
| نقل ڪندڙ. مسخرو. | بد - با - ز | (ف) | بَدباز |
| غضبناڪ. غمگين ٢. اها شيءِ جنهن جي ساخت سُٺي نہ هُجي. | بد - سا - ز | (ف) | بدساز |
| آرام گاه. قرارگاه. | بر - وا - ز | (ف) | برواز |
| ڪاپڙي. ڪپڙو وڪڻندڙ. | بَ - زَا - ز | (ع) | بزاز |
| باندر وغيره نچائيندڙ. | بُز - با - ز | (ف) | بُزباز |
| خوشخبري. مژده ٢. انعام. | بغ - يا - ز | (ف) | بغياز |
| شراب/ شراب پيئندڙ. | بگ - ما - ز | (ف) | بگماز |
| چمڙو (پکي). | بي - وا - ز | (ف) | بيواز |
| تصويرن وغيره جي گرد نقش و نگاري ٢. آرائش. | پر - دا - ز | (ف) | پرداز |

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| پرواز | (ف) | پر ـ وا ـ ز | اڏامڻ ٢ـ زر نثار ڪرڻ. |
| جانباز | (ف) | جا ـ با ـ ز | سرفروش ـ بهادر ٢ـ محنتي ـ جفاڪش. |
| جَلواز | (ع) | جل ـ وا ـ ز | نوڪر ـ پيادو. |
| دلساز | (ف) | دل ـ سا ـ ز | دل پسند ـ مرغوب. وڻندڙ. |
| دمساز | (ف) | دم ـ سا ـ ز | دوست ـ همراز. موافق ـ متفق ـ ٻَڌل. |
| زرساز | (ف) | زر ـ سا ـ ز | سونارو. |
| سرباز | (ف) | سر ـ با ـ ز | بهادر ـ بي خوف لڙائي ڪندڙ. |
| شهباز | (ف) | شهہ ـ با ـ ز | باز کان وڏي شڪاري پکي جو نالو. |
| شهناز | (ف) | شهہ ـ نا ـ ز | ڪنوار ٢ـ هڪ راڳ جو نالو. |
| شِيراز | (ف) | شيہ ـ را ـ ز | حافظ ۽ سعدي جو شهر. (ايران ۾). |
| طَنّاز | (ع) | طَ ـ نّا ـ ز | اشارن ۾ ڳالهائيندڙ ٢ـ ناز ڪندڙ ٣ـ ٽوڪ سان گفتگو ڪندڙ ٤ـ ناز سان هلڻ وارو. |
| غَمّاز | (ع) | غ ـ مّا ـ ز | اکين جا اشارا ڪندڙ ٢ـ سُخن چين ٣ـ چغلخور. |
| قيماز | (ت) | قيہ ـ ما ـ ز | غلام ـ ٻانهي ـ خدمتگار. |
| ممتاز | (ع) | مم ـ تا ـ ز | امتياز ڏنل ـ عزت ڏنل ـ جدا ڪيل. |
| مهماز | (ع) | مهہ ـ ما ـ ز | مهميز ـ گهوڙي کي اڙيءَ هڻڻ لاءِ سوار جي بوٽ ۾ لوهي ڪانٽو. |
| مهناز | (ف) | مهہ ـ نا ـ ز | چنڊ کان وڌيڪ حَسين. |
| ناساز | (ف) | نا ـ سا ـ ز | ناموافق ـ مخالف. |
| وُرّاز | (ف) | وُ ـ رّا ـ ز | سُوئر. |
| ورساز | (ف) | ور ـ سا ـ ز | ظريف ۽ آراسته ماڻهو. |
| هَمراز | (ف) | همہ ـ را ـ ز | رازدان ـ جنهن کي راز معلوم هُجي. |
| همساز | (ف) | همہ ـ سا ـ ز | موافق. دوست ـ يار ـ رفيق. |
| هنباز | (ف) | هَنہ ـ با ـ ز | شريڪ ـ نظير. |

## گروپ ٩٧

| | | | |
| --- | --- | --- | --- |
| بوز | (ف) | بو ـ ز | صاحب ادراڪ ـ سمجهدار ماڻهو. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جَوز | (ع) | جو - ز | ڪنهن شيءِ جو وِچ. |
| روز | (ف) | رو - ز | ڏينهن- ڏينهن جو ڪو حصو ٢- ظاهر- آشڪار. |
| روز | (ف) | رو - ز | گِريو- نوحہ- شور و غوغا. |
| سوز | (ف) | سو - ز | ساڙ- سوزش. |
| عَوز | (ع) | عو - ز | انگور جو داڻو. |
| فوز | (ع) | فو - ز | ڪامياب ٿيڻ ٢- ڇٽڪارو وٺڻ ٣- هلاڪ ٿيڻ. |
| فوز | (ف) | فو - ز | غلبو. |
| مَوز | (ف) | مو - ز | ڪيلو- ڪيلي جو وڻ. |
| بِهروز | (ف) | بِهہ - رو - ز | ڪارو نگ- نيلگون گهٽ قيمت بلّور. |

## گروپ ۹۸

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| پاسوز | (ف) | پا - سو - ز | بيقرار ٢- عاشق. |
| دلسوز | (ف) | دل - سو - ز | همدرد- غمخوار- خيرخواه ٢- دوست ٣- دردانگيز ۴ - دلفگار. |
| فِيروز | (ف) | في - رو - ز | ڪامياب- فتحمند. |
| امروز | (ف) | امہ - رو - ز | اڄ- اڄوڪو ڏينهن- اڄڪلهہ. |
| نوروز | (ف) | نو - رو - ز | ايرانين جي خوشي (عيد) جو ڏينهن تقريباً ٢٢ مارچ تي ٿيندو آهي. |

## گروپ ۹۹

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| آوِز | (ع) | آ - وِز | بَطَخ (پکي). |
| بارِز | (ع) | با - رِز | ظاهر- آشڪار ٢- پڌرو ٿيڻ وارو. |
| پائِز | (ف) | پا - ئِز | خزان جي موسم. |
| پائَز | (ف) | پا - ئَز | هيٺ. |
| جائِز | (ع) | جا - ئِز | درست- روا- شرع جي مطابق ٢- گذرندڙ. |
| حاجز | (ع) | حا - جز | پردو- روڪڙ- اَڙ ٢- مانع. |

Gul Hayat Institute

| معنيٰ | بيهڪ | ٻولي | لفظ |
|---|---|---|---|
| خيال، لحاظ- طرفداري. | | | |
| ڏانئو. | دا - س | (ف) | داس |
| رستو. | را - س | (ف) | راس |
| ڪٿمل ٢- پاڪيزه- لطيف. | سا - س | (ف) | ساس |
| ڏيڏر ٢- ٻرون. | قا - س | (ف) | قاس |
| سوئر ٢- نقارو. | ڪا - س | (ف) | ڪاس |
| خراب ريشم ٢- مادي ٣- ڪُتي. | لا - س | (ف) | لاس |
| هيرو الماس. | ما - س | (ف) | ماس |
| غضبناڪ ٿيڻ ٢- ماڻهن ۾ فساد وجهڻ. | ما - س | (ع) | ماس |
| ماڻهو- انسان. | نا - س | (ع) | ناس |
| سنگَ جو وارَ/ ٻجَ. | وا - س | (ف) | واس |
| هراس جو مخفف. | ها - س | (ف) | هاس |
| نااميد ٿيڻ- نااميدي. | يا - س | (ع) | ياس |
| جواري ٢- ڏائي طرف ٣- آسان. | يا - س | (ع) | ياس |
| ياسمين جو مخفف. | يا - س | (ف) | ياس |

**گروپ ١٠٢**

| معنيٰ | بيهڪ | ٻولي | لفظ |
|---|---|---|---|
| اُنس ڪرڻ وارو ٢- محبتي. | آ - نِس | (ع) | آنِس |
| پنجون. | خا - مِس | (ع) | خامِس |
| حاڪم- سردار- رئيس. | را - ئِس | (ع) | رائِس |
| گهوڙيسوار/مالڪ٢- دانا- صاحبِ فراست. | فا - رِس | (ع) | فارِس |
| سخت سيءُ. | قا - رِس | (ع) | قارِس |
| جاسوس. | نا - طِس | (ع) | ناطِس |
| اُبتو- سرنگون. | نا - ڪِس | (ع) | ناڪِس |
| خشڪ- سُڪل. خشڪي ڪرڻ وارو. | يا - بِس | (ع) | يابِس |

**گروپ ١٠٣**

| معنيٰ | بيهڪ | ٻولي | لفظ |
|---|---|---|---|
| بڻ- بنياد- پاڙ. | اَ - سا - س | (ع) | اَساس |
| ماڻهو- مرد- انسان. | اُ - نا - س | (ع) | اُناس |

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| بَلاس | (ف) | بَ ـ لا ـ س | مڪر و فريب. |
| تپاس | (ف) | تَ ـ پا ـ س | رياضت ـ نفس ڪشي وغيره. |
| حَواس | (ع) | حَ ـ وا ـ س | حاسہ جو جمع، يعني دريافت ڪرڻ جون قوتون. |
| سِپاس | (ف) | سِ ـ پا ـ س | محسن جي تعريف ـ ساراهڻ ـ هٿ پير، دل ۽ زبان سان ڪنهن جو شڪريو ادا ڪرڻ. |
| قُباس | (ف) | قِ ـ با ـ س | سج. |
| قِياس | (ع) | قِ ـ يا ـ س | اندازو. |
| لِباس | (ع) | لِ ـ با ـ س | پوشاڪ ـ ڪپڙا. |
| هِراس | (ف) | هِ ـ را ـ س | خوف ـ دپ. |
| هُماس | (ف) | هُ ـ ما ـ س | شريڪ ـ منل ـ رفيق. |
| آساس | (ف) | آ ـ سا ـ س | اَسَ جو جمع يعني بڻ ـ بنياد ـ پاڙ. |
| آماس | (ف) | آ ـ ما ـ س | سُوڄ ـ ورم. |
| احساس | (ع) | احِ ـ سا ـ س | ڏسڻ. معلوم ڪرڻ. محسوس ڪرڻ. ڇُهڻ. |
| اَلماس | (ع) | اَل ـ ما ـ س | هيرو ـ ٢ ـ فولاد جوهردار ٣ ـ چاقو خنجر. |
| الياس | (ع) | اِل ـ يا ـ س | هڪڙي پيغمبر جو نالو جيڪو سام بن نوح ع جو پٽ ۽ حضرت خضر جو سؤٽ هئو. |
| حسّاس | (ع) | حَ ـ سّا ـ س | حس ڪندڙ ـ دريافت ڪرڻ وارو. |
| خنّاس | (ع) | خَ ـ نا ـ س | شيطان ٢ ـ دل ۾ وسوسو وجهندڙ ٣ ـ خدا جي فڪر کان ڀڄڻ وارو. |
| عبّاس | (ع) | عَ ـ بّا ـ س | شينهن ٢ ـ حضرت علي ع جي فرزند جو نالو مبارڪ. |
| عَڪّاس | (ع) | عَ ـ ڪا ـ س | عڪسي تصوير ڪڍڻ وارو ـ فوٽو گرافر. |
| قرطاس | (ع) | قر ـ طا ـ س | ڪاغذ. |
| وِسواس | (ع) | وَ ـ وا ـ س | وهم ـ وسوسہ. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| | | | **گروپ ١٠۴** |
| جاسُوس | (ع) | جا - سو - س | مخبر- بدي لاءِ خبر جي جستجو ڪندڙ. |
| طائوس | (ع) | طا - ءُو - س | مور ٢- سهڻو ماڻهو. |
| فانوس | (ع) | فا - نو - س | سُخن چين، چغل خور ٢- جهاڙ. |
| قُدُوس | (ع) | قُ - دّو - س | وڏو ۽ مبارڪ- الله پاڪ جو نالو. |
| قامُوس | (ع) | قا - مُو - س | اونهو درياهه- ڪُن ٢- مشهور لغت جو نالو جيڪا شيخ مجدالدين بن يعقوب فيروز آبادي جي تصنيف آهي. |
| ڪالوس | (ف) | ڪا - لو - س | بيوقوف- نادان. |
| ڪائوس | (ف) | ڪا - ئُو - س | ايران جي مشهور بادشاهه جو نالو جنهن کي ڪيڪائوس به سڏيندا آهن ٢- نمرود ٣- لطيف- پاڪ- نجيب. |
| ملبوس | (ع) | مل - بُو - س | لباس- پائڻ جو ڪپڙو (ٽوپي، پٽڪو). |
| مايوس | (ع) | ما - يُو - س | نااميد- بي آس. |
| محسوس | (ع) | محـ - سُو - س | معلوم ڪيل شيءِ- ظاهر- آشڪارا ٢- حس ڪيل. |
| منحوس | (ع) | مَنـ - حُو - س | نحوست وارو- نياڳو- ڇَنبو. |
| ناموس | (ع) | نا - مو - س | عفت- شرم- عصمت- حيا ٢- نيڪ نامي وغيره ٣- حضرت جبرئيل ع. |
| ناقوس | (ع) | نا - قو - س | سَنگ جنهن کي عبادت وقت وڄائيندا آهن. |
| | | | **گروپ ١٠٥** |
| اَنِيس | (ع) | اَ - نِيـ - س | انس و محبت ڪندڙ- يار- دوست- غمخوار- رفيق. |
| جَلِيس | (ع) | جَ - لِيـ - س | همنشين- گڏ ويهڻ وارو. |
| حَسِيس | (ع) | حَ - سِيـ - س | ڪڙڪو- نرم آواز. |
| خَبِيس | (ع) | خَ - بِيـ - س | خوش طبع- ظريف. بدمعاش. |
| خَسِيس | (ع) | خَ - سِيـ - س | ڪنجوس- بخيل ٢- نالائق ٣- زبون. |
| خميس | (ع) | خَ - مِيـ - س | هفتي جي هڪ ڏينهن جو نالو ٢- اهو |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| | | | لشڪر جنهن ۾ پنجئي فوجون هجن. |
| دَريس | (ع) | د - ريِ - س | پراڻو- ڪُهنو. |
| رَئيس | (ع) | رَ - ئيِ - س | سردار- چڱو مڙس. |
| سَلِيس | (ع) | سَ - ليِ - س | روان- جاري. هموار. سولن لفظن ۾ لکيل. |
| نَفِيس | (ع) | نَ - فيِ - س | عمده شيءِ- وڻندڙ شيءِ- قيمتي شيءِ. |

## گروپ ١٠٦

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| آش | (ف) | آ - ش | رٻ جهڙي پيئڻ جي شيءِ- رَٻَ. |
| باش | (ف) | با - ش | رَهه- ترس- ٻُڌ- مون ڏانهن ڌيان ڪر. |
| تاش | (ف) | تا - ش | يار. صاحب. خُداوند. شريڪ. غلام. |
| پاش | (ف) | پا - ش | ڦاٽي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ- ٽُڪرا. |
| جاش | (ع) | جا - ش | سينو- دل. |
| جاش | (ف) | جا - ش | ان جا ڪُرا. هر شيءِ جو ڍير. |
| چاش | (ت) | چا - ش | صاف ٿيل انَ جو ڍير. |
| چاش | (س) | چا - ش | ذائقو- شيريني. |
| حاش | (ع) | حا - ش | پاڪيزگي- عيب کان دوري/ ڪنارو. |
| خاش | (ف) | خا - ش | خوشدامن- سَسُ. حد کان وڌيڪ محبَت رکندڙ. |
| داش | (ف) | دا - ش | ڪنيارڪو ڪُورو. |
| راش | (ع) | را - ش | سست - ڪاهل- ٽُوٽي. |
| غاش | (ف) | غا - ش | نهايت محبَت رکندڙ- عاشق جانباز. شور- غوغا. |
| غاش | (ع) | غا - ش | وڏو فريبي. |
| فاش | (ف) | فا - ش | ظاهر- آشڪار. |
| ڪاش | (ف) | ڪا - ش | تمنا جو ڪلمو. افسوس جو ڪلمو. شيشو. |
| لاش | (ت) | لا - ش | مرده جسم- لاشو. |
| لاش | (ف) | لا - ش | لُٽَ- تاخت و تاراج- حقير/ ادنيٰ شي. |
| ماش | (ع) | ما - ش | مُنگ (دال به ٿيندي آهي). |

Gul Hayat Institute

| لفظ | بولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| | | | **گروپ ١٠٧** |
| بلاش | (ف) | بہ - لا - ش | بلاوجہ- بلا سبب- بي سبب. |
| تراش | (ف) | تہ - را - ش | تلاش. توقع. ڪاٽ ڪوٽ (تراشيل بُت)- آرائش- نفع. |
| تلاش | (ف) | تہ - لا - ش | تجَسس- جُستجو- ڳولها. |
| تلاش | (ف) | تہ - لا - ش | پراگنده- پکڙيل. |
| پَراش | (ف) | پَ - را - ش | پريشان ڪرڻ. |
| جَماش | (ع) | جَ - ما - ش | شوخ- دلير- مست- مستي، فريب ڏيندڙ. |
| جَياش | (ع) | جَ - يا - ش | برق رفتار گهوڙو- بجلي وانگر تيز رفتار گهوڙو. |
| خراش | (ف) | خہ - را - ش | رهنب- رَهڙ- رانپوٽو- زخم جو نشان. ناڪاره. |
| ارشاش | (ع) | ار - شا - ش | ننڍڙيون ننڍڙيون ڦڙيون وسڻ- مينهن جي ڇاٽ پوڻ. |
| خشاش | (ع) | خَ - شا - ش | حشرات الارض- جيت، ماڪوڙا وغيره. |
| خَشاش | (ع) | خَ - شا - ش | بيڪار/ ردي شيءِ. |
| خَلاش | (ف) | خَ - لا - ش | گندگوچُر. گوڙ گهمسان. |
| رَقاش | (ع) | رَ - قا - ش | نانگُ. |
| ڪَراش | (ف) | ڪَ - را - ش | پريشاني. |
| ڪَلاش | (ف) | ڪَ - لا - ش | گهريتڙو (ڇارو ناهيندڙ جيت). |
| ڪَماش | (ف) | ڪَ - ما - ش | ڪاٺ جو پيالو- فقيرن جو پيالو. |
| لَواش | (ف) | لَ - وا - ش | سنهڙي ۽ نرم ماني (سنهڙو اُفراٽو). |
| مَعاش | (ع) | مَ - عا - ش | اها شيءِ جنهن سان زندگي جو گذر ڪجي- گذر جو ذريعو. |
| هَراش | (ف) | هَ - را - ش | اُلٽي- قيءِ. |
| | | | **گروپ ١٠٨** |
| آڪاش | (سن) | آ - ڪا - ش | آسمان- فلڪ. |
| الاش | (ف) | آ - لا - ش | ڪوئلو- اڱار. |

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| هَشّاش | (ع) | هَ ـ شّا ـ ش | خوش ـ خنده رُو. |

**گروپ ١١٠**

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| آتِش | (ف) | آ ـ تِش | باھ. غصو ـ ڪاوڙ ـ شيطان. ڪاوڙ ـ عشق واري حرارت. |
| آرِش | (ف) | آ ـ رِش | معنيٰ ـ مطلب. ايران جي هڪ بي مثال تير انداز جو نالو. |
| اِتمش | (ت) | اِتہ ـ مِش | گروھ ـ جٿو. |
| بَارِش | (ف) | با ـ رِش | مينهن ـ مينهن جو وَسڻ. |
| بالِش | (ف) | با ـ لِش | وَڌڻ ـ وڌو ٿيڻ ـ اِفزائش. |
| بالَش | (ت) | با ـ لِش | اصطلاحاً: اڌ مثقال (ساڍا چار ماشہ) سون |
| بالِش | (ف) | با ـ لِش | وِهاڻو. |
| بَخشِش | (ف) | بخ ـ شِش | نصيب. حصو ـ ٽڪرو. عطا ـ مهرباني. معافي ـ درگذر. |
| بَندِش | (ف) | بَند ـ دِش | بند ٿيل ـ پابندي ـ ممانعت. |
| تابِش | (ف) | تا ـ بِش | گرمي. چمڪ. طاقت. سج ـ ٽِڙڪو. |
| تازِش | (ف) | تا ـ زِش | حملو ڪرڻ. |
| پازِش | (ف) | پا ـ زِش | زمين/ ٻنيءَ جي صفائي. |
| پَرش | (ف) | پَہ ـ رَش | اڏامڻ. |
| پوزَش | (ف) | پو ـ زِش | معذرت ـ عذر ـ بهانو ـ معذرت ڪرڻ. |
| پُرسِش | (ف) | پُر ـ سِش | پڇڻ ـ عيادت ڪرڻ. پڇا ڳاڇا ڪرڻ. |
| جنبِش | (ف) | جن ـ بِش | حرڪت ـ چُرپُر. |
| چالِش | (ف) | چا ـ لِش | اَڪڙجي هلڻ ـ غرور ۾ هلڻ. حملو ـ جنگ. |
| خارِش | (ف) | خا ـ رِش | سنڌي ۾ مروج خارش جو درست لفظ ـ ڪُجلي ـ کَهہ. |
| دانِش | (ف) | دا ـ نِش | دانائي ـ عقل ـ ڄاڻپ ـ علم و فضل. |
| درخَش | (ف) | در ـ خِش | کنوڻ ـ بجلي. |
| رامِش | (ف) | را ـ مِش | خوشي ـ سَرهائي ـ آسائش ـ آسودگي. راڳ. |
| رِيزَش | (ف) | رِيہ ـ زِش | ڪيرائڻ. نزلو ۽ زُڪام. بخشش ـ انعام. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| رَنجش | (ف) | رن - جش | ڏک- رنج. |
| رَندَش | (ف) | رَن - دِش | ٻُورو (ڪاٺ، لوھ وغيره جو) |
| زائش | (ف) | زا - ئش | پيدا ٿيڻ. |
| سازَش | (ف) | سا - زِش | ٺاھُ (ٺڳيءَ جو ٺاھ) موافقت- اتفاق. |
| سَروش | (ف) | سر - وِش | فرشتو- جبرئيل. غيبي آواز- الهام. خوشخبر فرشتو. هر ماه جي ١٧ تاريخ. |
| سوزش | (ف) | سو - زِش | ساڙ- سوز. |
| فاحش | (ع) | فا - حِش | بدڪار- بديءَ جي حد کان ٽپيل. |
| ڪاوش | (ف) | ڪا - وِش | تلاش ڪرڻ- ڳولهڻ. |
| ڪاهِش | (ف) | ڪا - هِش | گھٽجڻ- ٿورو ٿيڻ. نقصان قبولڻ. |
| ڪوشَش | (ف) | ڪو - شش | جهد- سعيو- ڊوڙ ڊُڪ. |
| گردش | (ف) | گر - دِش | دورو- ڦيرو- حرڪت- تبديلي. |
| گُرزش | (ف) | گر - زِش | دادخواهي- فرياد. |
| گندش | (ف) | گن - دِش | گندڪ- گندرف. |
| لرزش | (ف) | لر - زش | ڏڪڻي- ڏڪڻ. |
| لغزش | (ف) | لغ - زِش | تِرڪڻ. مجازاً: غلطي ڪرڻ. |
| مارش | (ف) | ما - رِش | اصفهان ويجهو گستاسپ جو بتخانو. |
| مالش | (ف) | ما - لِش | مَلڻ- آڏڻ- هانءُ ڪَچو ٿيڻ. ٿڪُ. |
| نازش | (ف) | نا - زِش | پيار- لاڏ. معشوقاڻي ادا- فخر. بي پروائي- بي دماغي. |
| نالش | (ف) | نا - لِش | دانهن جو مُترادف- فرياد. |
| ورزش | (ف) | ور - زش | ڪسرت ڪرڻ- جسماني رياضت. |
| وزرش | (ف) | وز - رش | هوا جو جهوٽو- هوا لڳڻ. |
| هامِش | (ع) | ها - مِش | حاشيو- ڪنارو. |
| يازش | (ف) | يا - زش | وڌڻ- وڏو ٿيڻ- نشونَما. ارادو- قصد. |
| يڪ دِش | (ف) | يڪ - دِش | امتزاج- ٻن شين جو ميلاپ. انساني نفس خاصه. معشوق. |
| اَخفش | (ع) | اَخ - فَش | ڪمزور بينائي وارو شخص. علم نَحو جي هڪ مشهور عالم جو لقب. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اَڪمَش | (ع) | اڪ ـ مَش | اهو شخص جنهن جي اکين مان بيماري سبب پاڻي وهندو هجي. |
| برخَش | (ف) | بر ـ خَش | گهوڙي جي پُٺ. |
| بَرغَش | (ف) | بَر ـ غَش | مَڇر. |
| بُزوش | (ف) | بُز ـ وَش | ٻڪري جي پشم/ اُن. |
| بَلخَش | (ع) | بَل ـ خَش | جواهر- زمرد وانگي هڪڙو جواهر. |
| بَندَش | (ف) | بَن ـ دَش | ڪپهه جو ڳڙو/ پڙو. |
| بُودَش | (ف) | بو ـ دَش | وجود- هَستي. |
| بِينَش | (ف) | بِيـ ـ نَش | ڏسڻ- بينائي- ديد. |
| بِيهَش | (ف) | بِيـ ـ هَش | شينهن- شجاع- بهادر. |
| تَرڪَش | (ف) | تَر ـ ڪَش | تيرڪش جو مخفف- تيردان- تير رکڻ جو خانو. |
| پَروَش | (ف) | پَر ـ وَش | آرايون (خون جي گرميءَ ڪارڻ بدن تي ٿينديون آهن). |
| چَربَش | (ف) | چَر ـ بَش | چَربي. غلبو. ڪثرت. |
| چَنگش | | چَن ـ گش | توراني پهلوان جو نالو جيڪو افراسياب جي مدد ڪندي رستم هٿان مارجي ويو. |
| دلڪَش | (ف) | دل ـ ڪَش | دل ڇڪيندڙ- مرغوب- دلپسند. محبوب. |
| دَمر ڪَش | (ف) | دَمر ـ ڪَش | ڳائيندڙ سان گڏ آوازملائي ڪيس مدد ڏيندڙ- همنوا. |
| رُوڪَش | (ف) | رُو ـ ڪَش | مقابل- حريف. شرمندو ڪندڙ. نقاب. |
| سَرڪَش | (ف) | سَر ـ ڪَش | باغي- مغرور. هڪ گُلوڪار جو نالو. |
| شورش | (ف) | شو- رش | ڪاراڻ- نمڪيني- گوڙ گهمسان- فتنہ فساد. پريشاني. |
| طالَش | (ف) | طا ـ لَش | آذربائيجان ۾ بحيره اخفر جي ڪناري وٽ هڪ مقام جو نالو. اتي جي ماڻهن کي بہ طالش چون ٿا. |
| ڪِنگش | (ف) | ڪِن ـ گش | صلاح مشورو. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| | | | **گروپ ١١٢** |
| بَوش | (ف) | بَو - ش | قسمت- تقديرَ- لوحِ قلم سان لکيل. |
| بَوش | (ف) | بَو - ش | شان ۽ شوڪت- تجمل- ڪرّوفر. راه نمائي |
| بوش | (ع) | بو - ش | لُچو- شودو- بدمعاش. |
| توش | (ف) | تو - ش | توانائي- طاقت- تاب. جسم- سينو. |
| پوش | (ف) | پو - ش | غلاف- زِره. الڳ ٿيو- هڪ پاسي ٿيو- رستو ڏيو (ندا). |
| جوش | (ف) | جو - ش | اُڀار- ولولو. زيادتي- غلبو. |
| جوش | (ع) | جَو - ش | سينو- چيلهه. رات جي پهرين/ پوئين پهر جو وڏو حصو. |
| دوش | (ف) | دو - ش | ڪُلهو. ڪالهه رات |
| روش | (ف) | رو - ش | ڪنگره- نديِ. |
| روش | (ف) | رو - ش | روشن جو مخفف. |
| زوش | (ف) | زو - ش | دلير- طاقت ور. |
| قوش | (ت) | قو - ش | شڪار ڪندڙ پکي، مثال: شاهين. |
| ڪوش | (ف) | ڪو - ش | ڪوشش جو مخفف. سعي. سعيو ڪندڙ- هر شمسي ماه جو چوٿون ڏينهن. |
| گوش | (ف) | گو - ش | گوش جو مخفف. ڪَنُ. ڪُنڊ. حفاظت. هر شمسي ماه جو چوڏهون ڏينهن. |
| نَوش | (ف) | نو - ش | نوشيدن جو امر- پيءُ. آبِ حيات- مِٺو پاڻي وغيره. |
| هوش | (ف) | هو - ش | شان و شوڪت- ڪَرّوفر. |
| هوش | (ف) | هو - ش | سمجهه- عقل- دانائي. روح- جان. |
| | | | **گروپ ١١٣** |
| آغوش | (ف) | آ - غو - ش | ڪَڇَ- هَنج. غلام- ڪنيز. |
| باغوش | (ف) | با - غو - ش | پاڻي ۾ ٽُٻي هڻڻ- ڪنهن کي ٻوڙڻ. |
| پاپوش | (ف) | پا - پو - ش | پيزار- جُتي- پَٽي. |
| اُطروش | (ف) | اُط - رو - ش | ڪَنن کان ٻوڙو. |



Gul Hayat Institute

| لفظ | بولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| خاشوش | (ف) | خا ـ شو ـ ش | ڏانئو. |
| خاموش | (ف) | خا ـ مو ـ ش | چُپ. چُپ ڪر. |
| خرگوش | (ف) | خر ـ گو ـ ش | مشهور جانور سَهو. |
| مدهوش | (ف/ع) | مد ـ هو ـ ش | دهشت زده ـ وائڙو. مست ـ مستيءَ ۾ |
| مي نوش | (ف) | ميـ ـ نو ـ ش | شراب پيئندڙ. شراب پيءُ. |
| همدوش | (ف) | همـ ـ دو ـ ش | ساٿي ـ رفيق. همسر ـ برابر ـ هڪجهڙو. |
| مَحشُوش | (ع) | مَحـ ـ شُو ـ ش | ساڙيل. مڪروه. آلوده. |
| مَخدُوش | (ع) | مَخـ ـ دُو ـ ش | سيرون پيل ـ ڏار پيل. اهو ڪم جنهن ۾ خدشو هجي. |
| مَخرُوش | (ع) | مَخـ ـ رُو ـ ش | سيرون وِڌل ـ ڏار وِڌل. |
| مَرشُوش | (ع) | مر ـ شُو ـ ش | ڇنڪاريل ـ ڦڙو ڪِريل. |
| مَعشُوش | (ع) | معـ ـ شو ـ ش | گڏ ڪيل ـ جمع ڪيل. اهو پهراڻ جنهن ۾ گهڻا پيوند لڳل هجن. |
| مَغشوش | (ع) | مغـ ـ شو ـ ش | ڪوڙو ـ غير خالص. |
| مَفروش | (ع) | مَ ـ رُو ـ ش | وڇايل. |
| مَفشُوش | (ع) | مفـ ـ شو ـ ش | بيهودو. ڪوڙو. ڪم عقل ـ بي عقل. |
| مَنقُوش | (ع) | منـ ـ قو ـ ش | نقش ٿيل ـ چٽيل. |

## گروپ ١١٤

| | | | |
|---|---|---|---|
| بيش | (ف) | بَيـ ـ ش | وڌيڪ ـ گهڻائي ـ ڪثرت. |
| تيش | (ف) | تيـ ـ ش | ڏُنڊ. |
| پيش | (ف) | پيـ ـ ش | اڳيان ـ سامهون ـ روبرو. آئينده. |
| خيش | (ف) | خيـ ـ ش | ٿلهو ڪپڙو ـ سنڌي ۾ کيس چئبو آهي. |
| ديش | (ف) | دَيـ ـ ش | ڏيڻ ـ بخشڻ ـ عطا ڪرڻ. |
| ريش | (ف) | رَيـ ـ ش | ڏاڙهي. چِڙ ـ غضب. |
| رَيش | (ع) | رَيـ ـ ش | پکين جا پَرَ. نفيس لباس. |
| طَيش | (ع) | طَيـ ـ ش | عقل جو زائل ٿيڻ ـ بي دماغي. هلڪڙائي. خفگي ـ غصو ـ بي دماغي. |
| عَيش | (ع) | عَيـ ـ ش | زندگاني ـ زندگي. آرام و آسائش. |

Gul Hayat Institute

| لغظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| غيش | (ف) | غيـ - ش | وڏو غم و اندوه- بدحالي. |
| ڪيش | (ف) | ڪَيـ - ش | عادت- خو. دين- مذهب. شاهِ شطرنج کي شِهه ڏيڻ. |
| ميش | (ف) | ميـ - ش | رڍ- ٻڪري. |
| نيش | (ف) | نيـ - ش | ڏنگ. تلوار، خنجر وغيره جي چهنب. تکا ڏند. |
| هيش | (ف) | هيـ - ش | هيچ- هُرُ. |

**گروپ ١١٥**

| لغظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| بَخش | (ف) | بخ - ش | نصيب. حصو- ٽڪرو. بخشيدن جو امر. |
| بَطش | (ع) | بط - ش | حملو- حملو ڪرڻ. دليري- دليري ڪرڻ. |
| بَفش | (ف) | بَف - ش | ڪرُوفر- شان و شوڪت- عظمت. |
| بَهش | (ع) | بهـ - ش | اُنَ وڻ جو ميوو جنهنجي ڪئونر کي مقل چئجي ٿو. |
| تَرش | (ع) | تر - ش | بخيلي- بدخلقي- سبڪي- گهٽتائي. |
| پَخش | (ف) | پخ - ش | سُست- نرم- اڌ مُئو. |
| جَرش | (ع) | جر - ش | ڪاٺ (وغيره) جو ڇوڏو لاهڻ. |
| جَمش | (ع) | جَمـ - ش | گنجو ڪرڻ. عورت سان گفتگو ڪرڻ/ ٻُڌڻ. |
| جَهش | (ف) | جَهـ - ش | طبيعت- سرشت- مزاج. |
| جَهش | (ع) | جَهـ - ش | ٻارن وانگي روئڻ. |
| چَمش | (ف) | چَمـ - ش | خرام- ناز. |
| چَمش | (ف) | چَمـ - ش | چشم جو مقلوب- اکِ. |
| خَمش | (ع) | خمـ - ش | مُنهن پٽڻ- ڇقڙ هڻڻ. |
| رَخش | (ف) | رخ - ش | اڇو ۽ ڳاڙهو رنگ مليل- قوس و قزح. اندلٺ- گهوڙو- مبارڪ. |
| رَمش | (ع) | رمـ - ش | پَڇڻ. |
| طَرش | (ع) | طر - ش | ٻُوڙاڻ. |
| عَرش | (ع) | عر - ش | سڀ کان مٿيون آسمان (عرشِ عظيم). |

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| | | | اصلي رنگ کان جدا هجن. |
| تَپش | (ف) | تَ - پَش | گرمي- سوزش |
| تَفش | (ع) | تَ - فِش | حد کان وڌيڪ گرمي- ڪاڙهو. |
| تڪش | (ت) | ت - ڪَش | هڪ تُرڪ بادشاهه جو نالو. |
| چَپش | (ف) | چَ - پَش | هڪ سال جي رڍ/ ٻَڪري. |
| چَڪَش | (ف) | چَ - ڪَش | مطرقو- هٿوڙو. |
| حَبَش | (ع) | حَ - بَش | حبشين جو قبيلو/ مُلڪ. |
| دَخش | (ع) | دَ - خَش | گوشت سان ڀريل- سبر- ٿلهو وَنگو. |
| درش | (ف) | د - رَش | |
| دهش | (ع) | د - هَش | بخشش- سخاوت- انعام. |
| دهش | (ع) | د - هَش | حيران ڪرڻ. حيران- مدهوش. |
| عَطش | (ع) | ع - طَش | اُڃَ- تشنگي. |
| عمش | (ع) | عَ - مَش | ڪمزور نظر- ضعيف بصر. |
| هدش | (ف) | هَ - دَش | هڪ ايراني مقام جو نالو. |
| تَبشِ | (ف) | ت - بِش | موسم گرما- گرمي. |
| خَلشِ | (ف) | خَ - لِش | چُڀَڻ- چيڀجڻ. زخم ڪرڻ. جَهيڙو. |
| رَوشِ | (ف) | رَ - وِش | طورُ- طريقو- طرز- ڍنگ- قاعدو. |
| فتش | (ع) | فَ - تِش | تلاش/ جستجو ڪرڻ- ڳولهڻ. |
| ڪَرشِ | (ف) | ڪَ - رِش | چاپلوسي- مڪرَ. |
| ڪُنش | (ف) | ڪُ - نِش | عمل- ڪردار. |
| دهش | (ع) | د - هِش | حيران- مدهوش. |
| ڪُنش | (ف) | ڪُ - نِش | ڪُنِشت جو مخفف. |

گروپ ١١٨

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| حارِص | (ع) | حا - رِص | حرص ڪندڙ- لالچي. |
| خافِض | (ع) | خا - فِض | پست ڪرڻ وارو- هيٺ ڪرڻ وارو- متڪبرن کي ذليل ڪندڙ. الله پاڪ جو نالو. |
| خالصِ | (ف) | خا - لِص | نِجُ- کَرو- سچو. |



Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| رَفض | (ع) | رَف ـ ض | ڇڏڻ. ترڪ ڪرڻ. |
| رَڪض | (ع) | رڪ ـ ض | گهوڙو ڊوڙائڻ ٢ـ گهوڙي کي اڙي هڻڻ. |
| رمَض | (ع) | رمـ ـ ض | زمين جي گرمي ڪان پير سڙڻ ٢ـ جگر وغيره سڙي وڃڻ. |
| عَرض | (ع) | عر ـ ض | طرف. ڪِنارو. ڏس ٢ـ وِچ. پيٽ (دريا وغيره جو) ٣ـ ويڪر. |
| غَرض | (ع) | غَر ـ ض | هدف. نشانو ٢ـ مطلب. حاجت. مقصد. |
| غَمض | (ع) | غَمـ ـ ض | ڪَڏ. هيناهين زمين ٢ـ ڪلام جو پيچيده ۽ دير سمجهه هُئڻ. مجازاً: حوالي ٿيل ڪم. |
| فَرض | (ع) | فر ـ ض | ڪنهن شيءِ جو وقت معين ڪرڻ ٢ـ بخشڻ ٣ـ اندازو ڪرڻ ۴ـ خدائي حڪم مڃڻ. |
| قَبض | (ع) | قَبـ ـ ض | گِرفت. روڪ. بندش ٢ـ ڪنهن شيءِ کي ڇَنبي ۾ جهلڻ. |
| قَرض | (ع) | قَر ـ ض | اوڌار. اوڌر. وام. |
| مَحض | (ع) | مَحـ ـ ض | خالص ٢ـ صرف. رڳو ٣ـ فقط. |
| مَخض | (ع) | مَخـ ـ ض | کير مان مکڻ ڪڍڻ/ ڏڌ ولوڙڻ. |
| نَبض | (س) | نَبـ ـ ض | رَڳَ. رڳ جي حَرڪت. |
| نَفض | (ع) | نَفـ ـ ض | ڇنڊڻ. لُوڏڻ. |
| نَقض | (ف) | نَقـ ـ ض | ڀڃڻ (وعدو وغيره). |
| نَقض | (ع) | نَقـ ـ ض | ڀڳل. شِڪَستہ. |
| وَبض | (ع) | وَبـ ـ ض | چمڪڻ. |
| حَرَض | (ع) | حَـ ـ رَض | غم و اندوه/ عشق جي ڪري جسم جو هيٺو ۽ لاغر ٿيڻ. |
| رَبَض | (ع) | رَ ـ بَض | قلعي جو اردگرد ٢ـ شهر پناهه. ڪوٽ ٣ـ عورت ۴ـ گهر جي عورت (ماءُ، ڀيڻ، زال وغيره). |
| عَرض | (ع) | عَر ـ ض | ظاهر ڪرڻ. خريدار کي ڪا شيءِ |

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اِنتقاض | (ع) | اِن ـ تِ ـ قا ـ ض | وعدو/ عهد ڀڃڻ ٢ـ رسيءَ جو وَرُ کولڻ ٣ـ پٽ جو ڪرڻ. |
| اِنتهاض | (ع) | اِن ـ تِ ـ ها ـ ض | اُٿي بيهڻ ٢ـ وَڃڻ ـ اٿڻ. |
| اَنحقاض | (ع) | اِن ـ حِ ـ قا ـ ض | ڪَڏُ/ هيناهين/ ترائي ۾ ڪَرڻ. |
| اِنقراض | (ع) | اِن ـ قِ ـ را ـ ض | ڪُٽي وڃڻ ـ گهٽجي وڃڻ. ميعاد جو ختم ٿيڻ ـ مُدّت ڪُٽڻ. |

## گروپ ١٢٣

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اِحراض | (ع) | اِحـ ـ را ـ ض | عشق جي ڪري بيمار ۽ سنهڙو ٿيڻ. |
| اِرڪاض | (ع) | اِر ـ ڪا ـ ض | ڪم ۾ جلدي ڪرڻ. وڏو ٿيڻ. |
| اَرماض | (ع) | اَر ـ ما ـ ض | گرم واريءَ سبب سڙڻ. |
| اَعراض | (ع) | اَع ـ را ـ ض | مُنهن مَٽڻ ـ رو گرداني ڪرڻ. |
| اَغراض | (ع) | اَغ ـ را ـ ض | غرض يعني خواهش جو جمع ـ خواهشون ـ مَقصد. |
| اَمراض | (ع) | اَمـ ـ را ـ ض | مَرض جو جمع ـ بيماريون. |
| فَيّاض | (ع) | فَ ـ يّا ـ ض | وڏو فيض رَسائيندڙ ـ گهڻي بخشش ڪرڻ وارو. |
| مُرتاض | (ع) | مُر ـ تا ـ ض | رياضت ڪندڙ ـ نفس کي تابِع ڪرڻ وارو. |
| مِعراض | (ع) | مِع ـ را ـ ض | لسو تيرُ ـ تيز گز. |
| مِقراض | (ع) | مِق ـ را ـ ض | ڪَتَرڻ جو اوزار ـ قينچي وغيره. |
| مِمراض | (ع) | مِمـ ـ را ـ ض | گهڻو بيمار/ مَريض. |
| ناراض | (ف) | نا ـ را ـ ض | ناخوش ـ ڪاوڙيل. |

## گروپ ١٢٤

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| حامِض | (ع) | حا ـ مِض | کَٽو ـ ترُش. |
| خائِض | (ع) | خا ـ ئِض | غور ڪندڙ ـ خوض ڪندڙ. |
| راڪِض | (ع) | را ـ ڪِض | گهوڙي سوار ٢ـ گهوڙو ڊوڙائيندڙ. |
| رائِض | (ع) | را ـ ئِض | فرمانبردار ـ چَئيدار ـ مُطيع. |
| عارِض | (ع) | عا ـ رِض | ڳِل ـ رخسار ٢ـ لاحق ٿيندڙ ـ ملڻ وارو ـ |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| | | | الحاق ڪرڻ وارو. ڪَڪَر. |
| عارَض | (ع) | عا ـ رِض | عرض ڪندڙ. درخواست لکندڙ. |
| غامِض | (ع) | غا ـ مِض | اُونهو. هيٺاهين زمين. گمنام. خوار. ذليل ٢. سمجھ ۾ نہ ايندڙ ڪلام. |
| فائض | (ع) | فا ـ ئض | فَيض پُهچائيندڙ. |
| قابِض | (ع) | قا ـ بِض | قابو ڪرڻ وارو. جهلڻ وارو. تيز هلندڙ/ هلائڻ وارو. |
| نافِضِ | (ع) | نا ـ فِض | لوڏيندڙ. ڏڪائيندڙ (تپِ لرزه). |

### گروپ ١٢٥

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اَحمَض | (ع) | اَح ـ مض | تُرش. ناخوش. |
| اَحمَض | (ع) | اح ـ مض | دشوار. ڏُکيو. |
| مَربض | (ع) | مَر ـ بض | ٻڪرين وغيره ٻيهارڻ جو واڙو. |
| مَعرض | (ع) | مَع ـ رِض | ظاهر ٿيڻ جو هنڌ. ظاهر ڪرڻ جو هنڌ. عرض ڪرڻ جو هنڌ. |
| مُعرِض | (ع) | مُعـ ـ رِض | مُنهن مَٽَڻ وارو. روگرداني ڪندڙ. |
| مقبَض | (ع) | مَق ـ بَض | ڪنهن شيءِ جو قبضو. |
| مقبِض | (ع) | مق ـ بض | قُنداق. دستو وغيره. |
| اَبيض | (ع) | اَبـ ـ يض | بنه اڇو. چاندي. شريف ماڻهو. ڪهڪشان جي ڇيڙي جو ستارو. |

### گروپ ١٢٦

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| بَيض | (ع) | بَيـ ـ ض | بيض يعني بيدي جو جمع. بَيدا. بَيضا. |
| غَيض | (ع) | غَيـ ـ ض | پاڻي/ قيمت جو گهٽجڻ ٢. شريفن جي کوٽ ٣. ٿورڙي بخشش. |
| غَيض | (ع) | غيـ ـ ض | جهنگُ. رِڻ. ٢. چڙ. ڪاوڙ. |
| فَيض | (ع) | فَيـ ـ ض | پاڻي جو وَهَڻ. ڪنارن کان مٿان وَهَڻ. گهڻي بخشش. تمام گهڻو فائدو. |
| فَيض | (ع) | فَيـ ـ ض | راز يا خبر جو ظاهر ٿيڻ. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| هابط | (ع) | ها ـ بط | هيٺ لهڻ وارو. لهندڙ. |

گروپ ١٢٩

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| بَسيط | (ع) | بـ ـ سِيـ ـ ط | وچايل. فراخ. وسيع. ڪشادو. علم عروض جي ٽئين بحر جو نالو. |
| خَليط | (ع) | خـ ـ لِيـ ـ ط | شَريڪ ٢. انبار. |
| زَبيط | (ع) | ز ـ بيـ ـ ط | بَدَڪ (بطخ) جو ٻولڻ. |
| سَلِيط | (ع) | سـ ـ ليـ ـ ط | زبان دراز. حاضر جواب. فَصيحُ. |
| سميط | (ع) | سـ ـ ميـ ـ ط | موتين جي لڙي. |
| غَطَيط | (ع) | غ ـ طيـ ـ ط | گهوگهرو. گهوگهري جو آواز. |
| لَقيط | (ع) | ل ـ قيـ ـ ط | اهو ٻار جيڪو رستي ۾ ڪريو هُجي ۽ اتان ڪٽي آندل هُجي. |
| مُحيط | (ع) | مـ ـ حيـ ـ ط | احاطو ڪندڙ. گهيريندڙ. وڪوڙي ويندڙ. |
| مَخيط | (ع) | مَـ ـ خِيـ ـ ط | سُبيل. ٽوپو ڏنل. |
| نَشِيط | (ع) | نـ ـ شيـ ـ ط | خوش. شادان. پُرجوش. چُست و چالاڪ. مُستعد. |
| وَسِيط | (ع) | و ـ سيـ ـ ط | وِچُٽ. وِچون. بزرگوار. |

گروپ ١٣٠

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مبسُوط | (ع) | مبـ ـ سُو ـ ط | پکڙيل. فراخ. |
| مَخبُوط | (ع) | مَخـ ـ بو ـ ط | خبطي. جُنوني. بدحَواس. |
| مَخلُوط | (ع) | مَخـ ـ لو ـ ط | مليل. گڏيل. گڏسڏ. |
| مَربُوط | (ع) | مر ـ بُو ـ ط | رابطي ۾ آيل. ٻڌل. تعلق رکڻ وارو. |
| مَسخُوط | (ع) | مَـ ـ خُو ـ ط | جنهن تي ڪاوڙيل هُجي. |
| سمان | (ف) | سَ ـ مَا ـ ن | آسمان جو مخفف ٢ ـ هر مهيني جي ٢٩ تاريخ. |
| سنان | (ع) | سِ ـ نا ـ ن | ڀالو ـ نيزو ٢ ـ تلوار تکي ڪرڻ جو پَٽر. |
| شَبان | (ف) | شَ ـ با ـ ن | شب جو جمع ـ راتيون. |
| صَنان | (ع) | صَ ـ نا ـ ن | بغل جي بَدبوءِ. |
| طنان | (ع) | طَ ـ نا ـ ن | ڪِني آواز وارو ٢ ـ مشهور. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| عنان | (ع) | عِ ـ نا ـ ن | خلا۔ نواحي آسمان ٢۔ لغام۔ واڳ. |
| غَضان | (ع) | غَ ـ ضا ـ ن | اوبر (ٻچيل ماني). |
| غمان | (ع) | غ ـ ما ـ ن | غمگين۔ غمناڪ۔ رنجيده. |
| فُغان | (ف) | فُ ـ غا ـ ن | فرياد۔ دانهن. شورغُل. |
| فُغان | (ف) | فُ ـ غا ـ ن | فُغ يعني بُت جو جَمع۔ بُتَ. |
| قِران | (ع) | قِ ـ را ـ ن | قربت۔ ويجهڙائي۔ ميلاپ ٢۔ ٻن شين جو گڏجڻ. حج ۽ عمرو گڏي ڪرڻ. |
| ڪَران | (ف) | ڪَ ـ را ـ ن | ڪنارو. |
| ڪَشان | (ف) | ڪَ ـ شا ـ ن | ڇڪجَندي ٢۔ ڇِڪڻ وارو. |
| ڪَمان | (ف) | ڪَ ـ ما ـ ن | ڪماڻ (تير هلائڻ جو مشهور آلو). انڌلٺ. |
| گُلان | (ف) | گُ لا ـ ن | ٢۔ اُقراتو (ٻہ پُڙي ماني). |
| گُمان | (ف) | گُ ـ ما ـ ن | شڪ۔ ظن۔ وهم۔ خيال. |
| لِسان | (ع) | لِ ـ سا ـ ن | ڄڀَ۔ زبان ٢۔ ٻولي. |
| لِعان | (ع) | لِ ـ عا ـ ن | هڪٻئي تي لعنت ڪرڻ ٢۔ شرعي اصطلاح ۾ مڙس جو زال تي بهتان هڻڻ. |
| مَعان | (ع) | مَ ـ عا ـ ن | مَدَد ڪرڻ جو هنڌ ٢۔ مَدد ٣۔ جاءِ. |
| مُغان | (ف) | مُ ـ غا ـ ن | مُغ جو جمع۔ آتش پرست ماڻهو. شراب ناهيندڙ. |
| مَڪان | (ع) | مَ ـ ڪا ـ ن | جاءِ ٢۔ رَهڻ جو هنڌ۔ گهر. |
| مِهان | (ف) | مِ ـ ها ـ ن | مہ يعني بزرگ جو جمع۔ سردارَ. |
| مِيان | (ف) | مِ ـ يا ـ ن | درميان۔ ڪنهن شيءِ وچ ۾ ٢۔ چيله ٣۔ تلوار جي مِياڻ ۴۔ پٽڪو. |
| نِشان | (ف) | نِ ـ شا ـ ن | نشاني۔ علامت ٢۔ داغ ٣۔ نشانو۔ هدف ۴۔ لشڪر جو جهنڊو. |
| نَوان | (ف) | نَ ـ وا ـ ن | خرامان۔ صاحبِ وجد ٢۔ ڏڪندڙ ٣۔ دانهون ڪندڙ ۴۔ پُراڻو۔ ڪهنو. |
| نِهان | (ف) | نِ ـ ها ـ ن | لڪل۔ پوشيده۔ پنهان. |
| وِلان | (ع) | وِ ـ لا ـ ن | الفت ڪرڻ. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| هَدان | (ع) | هَ ـ دا ـ ن | بدبدل ٢ـ احمقَ. |
| هَمان | (ف) | هَ ـ مَا ـ ن | همہ ۽ آن جو مرڪب. اُهوئي. هُوئي. |
| هَوان | (ع) | هَ ـ وا ـ ن | ذلت. خواري. ذلت/ خواري ڪٽڻ. |
| يَدان | (ع) | يَ ـ دا ـ ن | ٻئي هٿَ. |

**گروپ ١٨٥**

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| رازدان | (ف) | را ـ ز ـ دا ـ ن | راز ڄاڻڻ وارو. محرم راز. رازدار. |
| رَهرَوان | (ف) | رهـ ـ رَ ـ وا ـ ن | رَهرَو جو جمع. مسافر. |
| زُعفران | (ع) | زُعـ ـ فـ ـ را ـ ن | ڪَيسَر. (زردي رنگ جي). |
| سالِڪان | (ف) | سا ـ لِ ـ ڪا ـ ن | سالِڪ جو جمع. طالبانِ حَق. |
| سِيَستان | (ف) | سيـ ـ سـ ـ تا ـ ن | ايران جي مشرق ۾ افغاني سرحد سان لڳ هڪ شهر (ملڪ) جو نالو، جيڪو رستم جو وطن به هو. |
| سائبان | (ف) | سا ـ ئـ ـ با ـ ن | شاميانو. ڇپَرُ. |
| شيذُمان | (ع) | شيـ ـ ذ ـ ما ـ ن | گرگ. بگهڙ. |
| صُوفيان | (ف) | صُو ـ فـ ـ يا ـ ن | صوفي جو جمع. درويشَ. |
| طائران | (ف) | طا ـ ئِـ ـ را ـ ن | طائر جو جمع. |
| عَلوِيان | (ع) | علـ ـ و ـ يا ـ ن | عَلوِي جو جمع. ساداتَ. |
| قدردان | (ف) | قد ـ ر ـ دا ـ ن | قدر ڄاڻڻ/ ڪرڻ وارو. |
| ڪاردان | (ف) | ڪا ـ ر ـ دا ـ ن | ڪم جو ڄاڻو. واقفڪار ٢ـ معاملو سمجهندڙ ٣ـ وزير. |
| ڪاروان | (ف) | ڪا ـ ر ـ وا ـ ن | قافلو |
| ڪوفجان | (ف) | ڪو ـ فـ ـ جا ـ ن | قفس. پڃرو. |
| ڪَيفدان | (ف) | ڪيـ ـ فـ ـ دا ـ ن | نشيدار مَعجونون رکڻ جو دٻو/ نشيدار شين جي رکڻ جو دٻو. |
| گنج دان | (ف) | گنـ ـ جـ ـ دا ـ ن | خَزاني رکڻ جو هنڌ ٢ـ بئنڪ. |
| گيسُوان | (ف) | گيـ ـ سُـ ـ وا ـ ن | گيسو جو جَمع. |
| لامڪان | (ع) | لا ـ مَـ ـ ڪا ـ ن | عالم الاهي (جيڪو مڪان ۽ اطراف کان مبّرا آهي). |

Gul Hayat Institute

| لفظ | بولي | بيهڪ | معني |
|---|---|---|---|
| ماديان | (ف) | ما ـ د ـ يا ـ ن | گهوڙي (هي لفظ واحد آهي). |
| ماهيان | (ف) | ما ـ هه ـ يا ـ ن | ماهي جو جمع يعني مڇيون ٢ـ ماه جو جمع. |
| مِهربان | (ف) | مِهه ـ ر ـ با ـ ن | مُحبت ڪرڻ وارو. |
| ميزبان | (ف) | ميِ ـ ز ـ با ـ ن | (مُرڪب آهي) اهو شخص جيڪو ضيافت ڪري. |
| ميهمان | (ف) | ميِ ـ هه ـ ما ـ ن | مِهمان ـ مزمان. |
| مُسلمان | (ع) | مُسـ ـ لـ ـ ما ـ ن | دين اسلام رکڻ وارو ـ مومن. |
| ناتُوان | (ف) | نا ـ تـ ـ وا ـ ن | ناطاقت ـ ڪمزور ـ هيڻو. |
| ناردان | (ف) | نا ـ ر ـ دا ـ ن | ڏاڙهونءَ جو داڻو ـ ڏاڙهونءَ جي ڦار ٢ـ معشوق جو چَپُ. |
| ناگهان | (ف) | نا ـ گـ ـ ها ـ ن | يڪايڪ ـ اوچتو ـ دفعتاً ـ بيخبريءَ ۾. |
| ناوَران | (ف) | نا ـ وَ ـ را ـ ن | مُمڪنات ـ مخلوقات. |
| نوجوان | (ف) | نو ـ جَـ ـ وا ـ ن | نوعمر ـ نوخير (جنهن کي اڃا ڏاڙهي نه آئي هجي). |
| نَورهان | (ف) | نو ـ ر ـ ها ـ ن | تحفو ـ سوکڙي ٢ـ مزدوري ٣ـ بخشش ٤ـ شعر جو صِلو. |
| همزُبان | (ف) | همـ ـ زُ ـ با ـ ن | مُتفق. خالص دوست. هم قول. |
| هم عِنان | (ف) | همـ ـ عِـ ـ نا ـ ن | همراه. برابر ـ هڪجهڙو. |
| همقِران | (ف) | همـ ـ قِـ ـ را ـ ن | هم نشين ـ مصاحِب. |

## گروپ ١٨٦

| لفظ | بولي | بيهڪ | معني |
|---|---|---|---|
| آشيان | (ف) | آ ـ شـ ـ يان | آکيرو ٢ـ ڇت. |
| بيڪران | (ف) | بيَـ ـ ڪـ ـ ران | بي پايان ـ نهايت گهڻو ـ بي انتها. |
| جانِ جان | (ف) | جا ـ نِ ـ جان | معشوق ـ پيارو ٢ـ روح اعظم ٣ـ الله پاڪ ٤ـ اُقراتو. |
| خانمان | (ف) | خا ـ نـ ـ مان | گهر ٻار ٢ـ گهر جو اسباب. |
| دلستان | (ف) | دلـ ـ سـ ـ تان | دل ونندڙ ٢ـ معشوق ـ پيارو. |
| رائگان | (ف) | را ـ ئـ ـ گان | رستي ۾ پيل شيءِ ملي ـ مُفت جي عوض. |

Gul Hayat Institute

| لفظ ٻولي | بيهڪ | معني |
|---|---|---|
| ريسمان (ف) | ري ـ سـ ـ مان | رسّي- سُٽَ جو ڌاڳو. |
| ساليان (ف) | سا ـ لـ ـ يان | سال جو جمع- سالَ- ورهيه. |
| سرگِران (ف) | سَر ـ گـ ـ ران | ناراض- خفا- غضبناڪ ٢- مغرور ٣- رنجيده ۴- سُست. |
| سوزِيان (ف) | سو ـ ز ـ يان | سرمايو ٢- نفعو ٣- سرگوشي ۴- مافي الضمير. |
| شادمان (ف) | شا ـ د ـ مان | خوش- خرم. |
| شب رَوان (ف) | شب ـ رَ ـ وان | شب رَو جو جمع يعني چُورَ- دُزدَ. |
| ضَوفشان(ف) | ضو ـ فـ ـ شان | روشني چٽيندڙ/ ڏيندڙ ٢- روشن. |
| عُلويان (ع) | عُل ـ و ـ يان | عَلوي جو جمع يعني فَرشتا- سِتارا. |
| ڪشڪشان(ف) | ڪش ـ ڪ ـ شان | ڪشان ڪشان جو مخفف- جلد جلد- چڪجندي- تڪڙو تڪڙو. |
| ڪَهڪشان(ف) | ڪهه ـ ڪ ـ شان | ڪاه ڪاشان جو مخفف- ڪير ڌارا. |
| گُلستان (ف) | گُل ـ سـ ـ تان | گلزار- چمن- باغ- گلشن ٢- سعدي شيرازي جو ڪتاب. |
| گورخان (ف) | گو ـ ر ـ خان | چين جي بادشاهَن جو لقب ٢- بهرام گور جو لقب. |
| نارَوان (ف) | نا ـ را ـ وان | ڏاڙهونءَ جو وڻ (گلنار) ٣- هڪ سروقد وڻ جو نالو، جنهن سان معشوق جي قد جي تشبيهه ڏبي آهي. |
| ناسِڪان (ف) | نا ـ سِـ ـ ڪان | ناسِڪ (ع) يعني عابد جو جمع. |

## گروپ ١٨٧

| لفظ ٻولي | بيهڪ | معني |
|---|---|---|
| بَدخشان (ف) | بـ ـ دخ ـ شا ـ ن | افغانستان ۽ تاتار جي سرحد تي هڪ شهر جو نالو. |
| بيابان (ف) | بـ ـ يا ـ با ـ ن | جَهنگ- ويرانو. |
| پريشان (ف) | پـ ـ ري ـ شا ـ ن | پڪڙيل- چِڙوچڙ ٢- مصيبت ۾ ڦاٿل ٣- سرگردان- آتشتہ حيران. |

Gul Hayat Institute

| لفظ ۽ ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|
| پَشيمان (ف) | پ ـ شيـ ـ ما ـ ن | نادام ـ پڇتائيندڙ ـ تاسف ڪندڙ. |
| حَديدان (ع) | حَ ـ ديـ ـ دا ـ ن | ڏينهن ۽ رات ـ ليل و نهار. |
| خِيابان (ف) | خِ ـ يا ـ با ـ ن | باغ جي پٽڙي ٢ ـ اهو رستو جنهن جي ٻنهي پاسي وَڻ هجن. |
| دَبستان (ف) | دَ ـ بسـ ـ تا ـ ن | ادبستان جو مخفف ـ مدرسو ـ مڪتب ـ اسڪول. |
| سُليمان (ع) | سُ ـ ليـ ـ ما ـ ن | مشهور پيغمبر جو نالو (ولد حضرت دائود ع). بيت المقدس جي تڪميل ڪرائيندڙ ٻه حضرت سليمان ع هو. |
| شبستان (ف) | شبـ ـ سـ ـ تا ـ ن | رات رهڻ جو هنڌ. بادشاهن جي خواب گاهه. مسجد ۾ رات جو عبادت ڪرڻ جو هنڌ. |
| غُيُوران (ف) | غُ ـ يو ـ را ـ ن | سالڪَ (اهلِ سلوڪ). |
| ڪليدان (ف) | ڪِ ـ لِيـ ـ دا ـ ن | قُلف ـ تالو ـ Lock. |
| ڪَرِمان (ف) | ڪَ ـ رِ ـ ما ـ ن | ايراني شهر "ڪرمان" جو ٻيو نالو. |
| گِريبان (ف) | گ ـ ريـ ـ بان | گري معنيٰ گردن ۽ بان معنيٰ محفاظت. يعني گردن جو محافظ ـ ڳچي ـ ڪالر. |
| مُغيلان (ع) | مُ ـ غيـ ـ لا ـ ن | ٻٻُر جو وڻ (عربي وارا ان ڪي پُوتن جي ماءَ ٻه چوندا آهن). |
| نِگهبان (ف) | نِ ـ گهـ ـ با ـ ن | محافظ ـ پهريدار. |
| وَرستان (ف) | وَ ـ رَسـ ـ تا ـ ن | ڪنهن پيغمبر جي امت. |
| نرِيمان (ف) | نَ ـ رِيـ ـ ما ـ ن | رُستم جو ڏاڏو (رستم بن سام بن نَريمان). |

### گروپ ١٨٨

| لفظ ۽ ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|
| بَروسان (ف) | بَ ـ رو ـ سان | ڪنهن پيغمبر جي اُمت ـ گروهه. |
| بَهاران (ف) | بَ ـ ها ـ ران | موسمِ بهار ـ فصلِ بهارَ. |
| جَوانان (ف) | جَ ـ وا ـ نان | جوان جو جمع. |
| دَرَخشان (ف) | دَ ـ رخـ ـ شان | تابان ـ چمڪندڙ ٢ ـ لرزان. |



Gul Hayat Institute

| لفظ ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
| --- | --- | --- |
| درستان (ف) | دَ ـ رَسـ ـ تان | شاگرداڻو. اجرت کان علاوه جيڪو نقد بطور انعام شاگرد کي ملي. |
| دَرس خوان (ف) | دَ ـ رَسـ ـ خوان | طالبِ علم. شاگرد. |
| سَرايان (ف) | سَـ ـ را ـ يان | ڳائيندڙ. |
| سِياهان (ف) | سِـ ـ يا ـ هان | چور ٢. ملاح. |
| شتَابان (ف) | شَـ ـ تا ـ بان | جلد بازي ڪندي. ڊوڙندي. |
| غَزَالان (ف) | غَ ـ زا ـ لان | غزال يعني هرڻ جو جمع ٢. سِجَ. |
| فِراوان (ف) | فِـ ـ را ـ وان | زياده. گهڻو. ڪثرت. |
| فِروزان (ف) | فِـ ـ رو ـ زان | روشن. |
| ڪُهستان (ف) | ڪُـ ـ هِسـ ـ تان | ڪوهستان جو مخفف. |
| گلستَان (ف) | گُلـ ـ سـ ـ تان | باغ. چمن. گلزار. گلشن. |
| لُرستان (ف) | لُـ ـ رِسـ ـ تان | ايراني قوم "لُر" (جيڪا عيّاري ۾ مشهور آهي) جو مسڪن. |
| هراسان (ف) | هـ ـ را ـ سان | خوفزده. ڊنل. ڊڄندڙ. |
| نُمايان (ف) | نُـ ـ ما ـ يان | نمودار ٿيندڙ. ظاهر. پڌرو. واضح ٢. گهڻو ٣. وڏو. ۴. دراز. |

**گروپ ١٨٩**

| لفظ ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
| --- | --- | --- |
| باغستان (ف) | با ـ غسـ ـ تا ـ ن | باغ جو هنڌ (باغ). |
| بي ايمان (ف) | بيـ ـ ايـ ـ ما ـ ن | ڪافر. بي دين. بي صبر. مُنڊل. |
| تابستان (ف) | تا ـ بسـ ـ تا ـ ن | گرميءَ جي موسم. |
| تاڪستان (ف) | تا ـ ڪسـ ـ تا ـ ن | انگور جي وَل. |
| پاڪستان (ف) | پا ـ ڪسـ ـ تا ـ ن | پاڪيزگي جو هنڌ. جِت پاڪائي هجي. سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان تي مشتمل ملڪ جو نالو. |
| چولستان (ف) | چو ـ لسـ تا ـ ن | بيابان/ جَهنگُ جنهن ۾ پاڻي نه هجي. |
| سنگستان (ف) | سنـ ـ گسـ ـ تا ـ ن | پٿريلي ڌرتي/ زمين. جَبل. ڏونگر. |
| روشندان (ع) | رو ـ شنـ ـ دا ـ ن | روشني لاءِ ناهيل دَري ٢. چراغدان. |
| ريگستان(ف) | ريـ ـ گسـ ـ تا ـ ن | صحرا. رڻ. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| عاليشان | (ف) | عا ـ ليـ ـ شا ـ ن | بلند مرتبت۔ نهايت عظمت وارو. |
| ڪارستان | (ف) | ڪا ـ رسـ ـ تا ـ ن | ڪارخانو. |
| ڪُردستان | (ف) | ڪُر ـ دِسـ ـ تا ـ ن | ايران جي مغرب ۾ رهندڙ قوم ڪُرد جو مَسڪن. |
| ڪوهستان | (ف) | ڪو ـ هسـ ـ تا ـ ن | جِت گهڻا جبل هجن۔ جابلو جڳهه. |
| لَب گَردان | (ف) | لَبـ ـ گر ـ دا ـ ن | لبريز (ٿانو ۾ ايترو پاڻي، جو ڪنارن تان وهي اچي). |
| موڪبان | (ف) | مو ـ ڪبـ ـ با ـ ن | موڪب يعني اردلي (اهو ماڻهو جيڪو سوار جي اڳيان/ پويان هلي) جو جمع. |
| نافرمان | (ف) | نا ـ فر ـ ما ـ ن | حڪم نہ مڃيندڙ ٢۔ هڪ گُل جو نالو. |
| ناگهان | (ف) | نا ـ گا ـ ها ـ ن | اوچتو۔ يڪايڪ۔ اِتفاقاً. |
| بي پايان | (ف) | بيـ ـ پا ـ يا ـ ن | بي انتها۔ بي نهايت. |
| بيگاهان | (ف) | بيـ ـ گا ـ هان | رات جو وقت. |
| رُوگردان | (ف) | رو ـ گر ـ دا ـ ن | مُنهن مَتائڻ وارو ٢۔ بي دماغ۔ پريشان ڦرندڙ |
| سَرگردان | (ف) | سَر ـ گر ـ دا ـ ن | پريشان. رولڙي ۾۔ رولاڪ. |
| عَصمتيان | (ف) | عَصـ ـ مَتـ ـ يا ـ ن | اَنبياء ٢۔ اولياء٣۔ پرده نشين عوتون ۴۔ حضرت بيبي مريم ع. |
| نَقاشان | (ف) | نَـ ـ قا ـ شا ـ ن | نَقاش (ع) جو جمع. |
| همڪيشان | (ف) | همـ ـ ڪيـ شا ـ ن | هم ڪيش جو جمع يعني هڪ مذهب وارا ٢۔ هڪ مرتبي وارا. |

Gul Hayat Institute

## گروپ ١٩٠

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| هندستان | (ف) | هنـ ـ دسـ ـ تا ـ ن | هندوستان جو مخفف۔ ڀارت۔ India. |
| آزان | (ف) | آ ـ زان | هنڪي۔ هن سان. |
| بُتان | (ف) | بُـ ـ تان | بُت جو جمع۔ بُتَ. معشوقَ. |
| بَمان | (ف) | بَـ ـ مان | ماندن مان امر جو ڪلمو: ڇڏ ٢۔ بِيهُ. |
| تَوان | (ف) | تُـ ـ وان | طاقت۔ قُوّت۔ قدرت۔ زور ٣۔ هر شي جو ممڪن ٿيڻ. |

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| حَران | (ع) | حَ - ران | شام جي هڪ شهر جو نالو جيڪو آتش پرستن جي پيغمبر زرتشت جي جنم ڀُومي آهي. |
| خَزان | (ف) | خَ - زان | پَنن جي ڇَڻ جي مُند. سرءُ. خريف جي موسم. بهار جو ضد. |
| دَمان | (ف) | دَ - مان | زمانو. وقت ٢. خوشي ۾ گوڙ مچائيندي ٣. مَست ۴. تند و تيز ۵. حملي آور. |
| دَوان | (ف) | دَ - وان | ڊوڙندڙ ٢. ڊوڙڻ وارو. |
| رَسان | (ف) | رَ - سان | پڄائڻ وارو. پُهچائيندڙ. |
| رَوان | (ف) | رَ - وان | جاري. وهندڙ ٢. ويندڙ ٣. في الحال ۴. فوراً. جلد. |
| سَران | (ف) | سَ - ران | سر جو جمع يعني سردارَ. |
| عَيان | (ع) | عَ - يان | اکين سان ڏسڻ. مجازاً: ظاهر. پڌرو. |
| فشان | (ف) | فَ - شان | ڇنڊيندڙ ٢. ڇنڊڻ وارو. |
| فُلان | (ع) | فُ - لان | فلاڻو ٢. غير معلوم شخص. |
| ڪَنان | (ف) | ڪَ - نان | پردو. پوش. لباس. پوشاڪ. |
| ڪُنان | (ف) | ڪُ - نان | ڪهنو. پُراڻو. |
| ڪِهان | (ف) | ڪِ - هان | ڪِ يعني ڪم رتبہ جو جمع معنيٰ ادنيٰ ماڻهو. |
| ڪهان | (ف) | ڪَ - هان | گيهان جو مخفف يعني دنيا. جهان. |
| گِرَان | (ف) | گِ - ران | ڳرو. وَزنائتو ٢. مهانگو. قيمتي ٣. خلافِ طبيعت. ناگوار. |
| گهان | (ف) | گَ - هان | دنيا. جهان. عالم. |
| يَگان | (ف) | يَ - گان | هڪ. هڪڙو. اڪيلو. بي مثال. بينظير. |

**گروپ ١٩١**

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| آستان | (ف) | آ - سـ - تا - ن | دهليز. چائنٺ. حويلي. بادشاهَن جي بارگاه. |
| آسمان | (ف) | آ - سـ - ما - ن | آس معنيٰ جَنڊُ ۽ مانُ مخفف آهي مانَند جو يعني جَنڊ جهڙو:. فَلڪ. اُڀُ. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اَلامان | (ع) | ال ـ اَ ـ ما ـ ن | پناه- خدا پناه ۾ رکي (ڏکيائي جي وقت چئبو آهي). |
| بادبان | (ف) | با ـ دِ ـ با ـ ن | جهاز جو پالُ (سِڙهُ) ٢- هڪ قسم جو پردو. |
| باديان | (ف) | با ـ د ـ يا ـ ن | سونف. |
| باغبان | (ف) | با ـ غ ـ با ـ ن | باغ جو نگهبان- مالهي. |
| بوستان | (ف) | بو ـ سـ ـ تا ـ ن | خوشبو جو هنڌ- باغ ٢- سعدي شيرازي جو ڪتاب (منظوم). |
| اَرغوان | (ف) | ار ـ غ ـ وا ـ ن | هڪ وَڻُ، جيڪو بهار ۾ گُلن سان ڀرجي ويندو آهي- ارجوان ٢- ڳاڙهو گُل. |
| اَرمُغان | (ف) | اَر ـ مُ ـ غا ـ ن | سوغات- سوکڙي- تحفو- Novelty. |
| اِمتحان | (ع) | اِم ـ تِ ـ حا ـ ن | آزمائش- آزمائِڻ ٢- آزمائش ۾ وجهڻ. |
| تَابدان | (ف) | تا ـ بِ ـ دا ـ ن | روشندان ٢- سوناري/ لوهار جي ڀَٽي/ ڪورو. |
| تَرجمان | (ع) | تر ـ جـ ـ ما ـ ن | ترزبان جو مُعرب- فصيح- خوش تقرير ٢- ترجمو ڪندڙ. ٣- ٻئي جي پاران ڳالهائيندڙ (Spokesman). |
| تيردان | (ف) | تيـ ـ ر ـ دا ـ ن | ترڪش- تير رکڻ جو خانو/ ٿيلهو. |
| جَاوَدان | (ف) | جا ـ وِ ـ دا ـ ن | دائم- هميشه- سدائين. |
| چرسَلان | | چر ـ سَـ ـ لا ـ ن | گداگرن جي جهولي. |
| حُڪمران | (ع) | حڪـ ـ مـ ـ را ـ ن | حاڪم- فرمانروا- بادشاه. |
| خاندان | (ف) | خا ـ نـ ـ دا ـ ن | گهراڻو- نسل- قبيلو- ڪٽنب. |
| خاوَران | (ف) | خا ـ وَ ـ را ـ ن | اُڀرندو ۽ اُلهندو. |
| خُستوان | (ف) | خسـ ـ تـ ـ وا ـ ن | اقرار ڪرڻ وارا. |
| داستان | (ف) | دا ـ سـ ـ تا ـ ن | قِصو- آکاڻي- افسانو ٢- شهرت. |
| درزمان | (ف) | دَر ـ زَ ـ ما ـ ن | هينئر- هِن وقت- في الفور. |
| ديگ دان | (ف) | ديـ ـ گ ـ دا ـ ن | چُلهه. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| | | | **گروپ ١٩٢** |
| اَمِين | (ع) | اَ - مِيـ - ن | امانت دار ٢ـ قابل اعتبار ٣ـ معتبر۔ بيخوف ۴ـ رسول پاڪﷺ جو لقب. |
| اَنِين | (ع) | اَ - نِيـ - ن | ناله و فرياد ٢ـ روئڻ. |
| بَدِين | (ع) | بَ - دِيـ - ن | ٿُلهو۔ تناور. |
| بَدِين | (ف) | بَ - ديـ - ن | (اصل ۾) بداين يعني هُنسان۔ هُنَ سان گڏ. ٢ـ سنڌ جي هڪ شهر جو نالو. |
| بَزِين | (ف) | بَ - زِيـ - ن | لڳندڙ واءُ. |
| بَطِين | (ع) | بَ - طِيـ - ن | تونگر ٢ـ وڏ پيٽو. |
| بَنِين | (ع) | بَ - نِيـ - ن | اِبن جو جمع۔ پُٽَ. |
| تَڪِين | (ف) | تَ - ڪِيـ - ن | پهلوان۔ دِلاور۔ بهادر ٢ـ باهه. |
| تَنِين | (ع) | تَ - نِيـ - ن | وڏو نانگ۔ ازدها. |
| پَشِين | (ف) | پَ - شِيـ - ن | ڪَيقباد جي پُٽ ۽ لهراسپ جي جِدامجد جو نالو. |
| ثَمِين | (ع) | ثَ - مِيـ - ن | قيمتي۔ مهانگو ٢ـ اٺون حصو. |
| جَبِين | (ع) | جَ - بِيـ - ن | پيشاني۔ نراڙ ٢ـ پيشاني جا ٻئي طرف۔ چهرو. |
| حَسِين | (ع) | حَ - سِيـ - ن | خوش شڪل۔ خوبصورت۔ سهڻو. |
| حَصِين | (ع) | حَ - صِيـ - ن | مضبوط۔ استوار. |
| حَنِين | (ع) | حَ - نِيـ - ن | آرزومندي. نوحه ڪرڻ. |
| خَدِين | (ع) | خَ - دِيـ - ن | دوست۔ يار ٢ـ معشوق. |
| خَصِين | (ع) | خَ - صِيـ - ن | ڪُهاڙي/ ڪهاڙو. |
| دَفِين | (ع) | دَ - فِيـ - ن | پوشيده۔ لڪل ٢ـ زمين ۾ پوريل مال. |
| ذَهِين | (ع) | ذَ - هِيـ - ن | هوشيار۔ سمجهدار۔ عقلمند. |
| زَمِين | (ع) | زَ - مِيـ - ن | معذور۔ لنگڙو. |
| زَمِين | (ف) | زَ - مِيـ - ن | ڌرتي۔ ڪره ارض. |
| سَجِين | (ع) | سَ - جِيـ - ن | قيدي۔ اَسير. |
| سَمِين | (ع) | سَ - مِيـ - ن | ٿُلهو۔ چربيدار. |
| سَنِين | (ع) | سَ - نِيـ - ن | سَنه يعني سال جو جمع ٢ـ قحط جو سال. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | بولي | بيھڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ضَمِين | (ع) | ضَ ـ مِيـ ـ ن | ضامن- ڪَفِيل. |
| غَبِين | (ع) | غَ ـ بِيـ ـ ن | جنھن جي راءِ درست/ صائب نہ ھجي- ضعيف الراءِ. |
| غَمِين | (ف) | غَ ـ مِيـ ـ ن | غمگين- غمناڪ- رنجيده. |
| فَطِين | (ع) | فَ ـ طِيـ ـ ن | دانا- بزرگ. |
| قَرِين | (ع) | قَ ـ رِيـ ـ ن | همنشين- مصاحب- دوست- يار ٢- مِليل- ويجھو ٣- مثل- جھڙو. |
| قَطِين | (ع) | قَ ـ طِيـ ـ ن | رھڻ وارو. |
| قَمِين | (ع) | قَ ـ مِيـ ـ ن | لائق- سزاوار. |
| ڪَمِين | (ع) | ڪَ ـ مِيـ ـ ن | شڪار/ دشمن لاءِ لڪي وينل- تاڙ ۾ وينل. |
| ڪَمِين | (ف) | ڪَ ـ مِيـ ـ ن | دشمن سان وڙھڻ لاءِ لڪي ويھڻ. |
| ڪَمِين | (ف) | ڪَ ـ مِيـ ـ ن | گھٽ- تورڙو. ٢- ڪميڻو. |
| لَعِين | (ع) | لَ ـ عِيـ ـ ن | جنھن تي لعنت وِڌل ھجي (پيل ھجي). |
| مَتِين | (ع) | مَ ـ تِيـ ـ ن | مضبوط- مستحڪم- استوار- پائدار. |
| مَدِين | (ع) | مَ ـ دِيـ ـ ن | مصر کان ڪجھ پري مغربي درياءَ جي ڪناري تي ھڪ شھر، جت حضرت شعيب ع رھندو ھو. |
| مَعِين | (ع) | مَ ـ عِيـ ـ ن | روان- جاري- وھندڙ/ ھلندڙ ٢- آبِ روان. |
| مَڪِين | (ع) | مَ ـ ڪِيـ ـ ن | صاحبِ مڪان- گھر وارو ٢- گھر ۾ رھندڙ ٣- صاحبِ مرتبہ. |
| مَهِين | (ف) | مَ ـ هِيـ ـ ن | ڪاهِل- سُست- ضعيف ٢- خوار- ذليل- حقير. |
| نَتِين | (ع) | نَ ـ تِيـ ـ ن | ڌَپ واري شيءِ- بدبودار شيءِ. |
| نَشِين | (ف) | نَ ـ شِيـ ـ ن | وينل ٢- ويھڻ وارو. |
| نَگِين | (ف) | نَ ـ گِيـ ـ ن | نگينو. |
| نَوِين | (ف) | نَ ـ وِيـ ـ ن | بادشاھزادو ٢- امير اعظم ٣- داماد- نائي. |
| وَتِين | (ع) | وَ ـ تِيـ ـ ن | دل سان پيوستہ رگ جو نالو جنھن جي وڍجڻ سان ئي ساھ نڪري ويندو. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معني |
|---|---|---|---|
| | | | تيڻ. |
| چَين | (ھ) | چَيـ ـ ن | سُک- آرام. |
| حَين | (ع) | حَيـ ـ ن | مرگ- موت- هلاڪت. |
| دَين | (ع) | دَيـ ـ ن | اوڌر- اُڌار (اهو قرض جنهن جي اِدا ڪرڻ جو وقت مقرر ڪيو وڃي). |
| زَين | (ع) | زَيـ ـ ن | زينت ڏيڻ/ آراسته ڪرڻ. |
| عَين | (ع) | عَيـ ـ ن | اکِ ٢- پاڻي جو چشمو ٣- سون ۴- هر عمده شي ۵- سردار ٦- جاسوس |
| قَين | (ع) | قَيـ ـ ن | غلام. لوهار (ترڪيءَ ۾ زوج/ اهليه ۽ مياڻ کي چوندا آهن). |
| هَين | (ع) | هَيـ ـ ن | سيلاب- ٻوڏ ٢- سهل- آسان. |
| حُسين | (ع) | حُـ ـ سَيـ ـ ن | حسن جي تصغير- خوبڪ- نيڪ. حضرت علي ع جي فرزند مبارڪ و امام عالي مقام جو اسم گرامي. |
| حُنَين | (ع) | حُـ ـ نَيـ ـ ن | مڪي ۽ طائف درميان هڪ مقام، جت رسول پاڪ ﷺ جي ڪافرن سان جنگ ٿي هئي ٢- هڪ وڏي عالم جو نالو. |

## گروپ ١٩٣

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معني |
|---|---|---|---|
| آبتين | (ف) | آ ـ بـ ـ تيـ ـ ن | فريدون شاه جو والد. |
| آتشِين | (ف) | آ ـ تـ ـ شِيـ ـ ن | باهه جهڙو- باهه مان ٺهيل- گرم مزاج. |
| آثمِين | (ع) | آثـ ـ مِيـ ـ ن | گنهگار ماڻهو- ڏوهاري. |
| آستين | (ف) | آ ـ سـ ـ تِيـ ـ ن | ٻانهن (قَميص جي). |
| آفرين | (ف) | آ ـ فـ ـ رِيـ ـ ن | مرحبا- شاباس. |
| انگبين | (ف) | انـ ـ گـ ـ بِيـ ـ ن | ماکي. |
| اُولِين | (ف) | اوَ ـ و ـ ليـ ـ ن | پهريون |
| اَولِين | (ع) | او ـ و ـ لِيـ ـ ن | اوّل جو جمع- اڳيان/ پهريان ماڻهو. |
| تابَعِين | (ع) | تا ـ بـ ـ عِيـ ـ ن | تابع جو جمع ٢- اهو شخص جنهن رسول پاڪ ﷺ جي هڪ يا وڌيڪ اصحاب |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| | | | واضع). |
| ياسمِين | (ع) | يا ـ سـ ـ مِيـ ـ ن | چنبيلي (مشهور گل). |

**گروپ ۱۹۴**

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اَفسون | (ف) | اَف ـ سو ـ ن | جادو- منتر- ۲- چاپلوسي ۳- مڪاري- فريب. |
| آتون | (ف) | آ ـ تو ـ ن | استاد (مؤنث). |
| آخون | (ف) | آ ـ خو ـ ن | استادُ (مذَڪر). |
| آهون | (ف) | آ ـ هو ـ ن | رُخنو- ڪاٽ. |
| اَرغون | (ف) | اَر ـ غو ـ ن | هڪ وڻ جيڪو بهار ۾ گُلن سان ڀرجي ويندو آهي (ڳاڙهو گل). |
| اَفيون | (ع) | اَف ـ يو ـ ن | آفيم- ترياق. |
| اَڪنون | (ف) | اڪ ـ نو ـ ن | هاڻ- هينئر. |
| اندون | (ف) | ان ـ دو ـ ن | مرهم ۲- هن طرح. |
| بَادُون | (ع) | با- دو ـ ن. | کُليو- پڌرو- ظاهر ۲- صحرا نشين. |
| بَرهون | (ف) | بر ـ هو ـ ن | زينت- آرائش. |
| بَشيُون | (ف) | بشـ ـ يُو ـ ن | تلهو ماٺو. |
| تَسعُون | (ع) | تَسـ ـ عُو ـ ن | نوي- (۹۰). |
| خاتُون | (ف) | خا ـ تُو ـ ن | بيگم- سائِنڻ- بي بي- گهر جي مالڪياڻي ۲- اميرزادي. |
| زَريُون | (ف) | زَر ـ يُو ـ ن | سونهري رنگ وارو. |
| صابُون | (ع) | صا ـ بُو ـ ن | صابڻ. |
| طاعُون | (ع) | طا ـ عُو ـ ن | هڪ وچڙندڙ بيماري جنهن ۾ موت عام ٿئي. پليگ ۲- شامت. |
| قارون | (ع) | قا ـ رُو ـ ن | حضرت موسيٰ ؑ جي مشهور دولتمند سؤٽ جو نالو جنهن جا چاليهه خزانا مشهور آهن، موسيٰ ؑ جي هدايت نہ مڃڻ ڪري متس قهرِ الاهي نازل ٿيو ۽ بالآخر قارون سندس خزاني سميت تباهہ ٿي ويو. |



Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| قانون | (ع) | قا ـ نُو ـ ن | هر شيءِ جو اصلُ ٢ـ ڪتاب جو مسطر ٣ـ مقياس ٤ـ مجازاً: دستور- قاعدو- رسم. |
| ڪانون | (ف) | ڪا ـ نو ـ ن | چُلھ- بُخارو- آتشدان- ٻَني. |
| ماعُون | (ع) | ما ـ عُو ـ ن | مال جي زڪواة ٢ـ گھر جو سامان (رڌڻ/ ڪائڻ جو) ٣ـ مَددي شيءِ. |
| مامُون | (ع) | ما ـ مُو ـ ن | امن ۾ (بي خوف و خطر)- محفوظ ٢ـ خليفي هارون الرشيد جو پٽ ۽ ستون عباسي خليفو. |
| مجنون | (ع) | مج ـ نُو ـ ن | جُنوني- چريو ٢ـ ليليٰ جي عاشق قيس عامري جو لقب. |
| مَحزون | (ع) | مَح ـ زُو ـ ن | حزين- غمگين- ڏکويل- رنجيده- اداس. |
| مخزون | (ع) | مخ ـ زُو ـ ن | خزاني ۾ رکيل شيءِ. |
| مَدفُون | (ع) | مَد ـ فو ـ ن | دفن ٿيل- پوريل. |
| مَرهُون | (ع) | مر ـ هُو ـ ن | رهن ۾ رکيل- گروي ڪيل. |
| مَسجُون | (ع) | مَس ـ جُو ـ ن | اسير- قيدي. ٢ـ روشن ڪيو ويل. |
| مَسنون | (ع) | مَس ـ نُو ـ ن | اها ڳالھ جنهن جو ڪرڻ شرع ۾ سُنت هُجي. |
| مَضمون | (ع) | مَض ـ مُو ـ ن | ضمن ۾ اندل ٢ـ وچ ۾ آيل ٣ـ مطلب- معنيٰ. ٤ـ پُر مقصد عبارت. |
| مَظنُون | (ع) | مظ نُو ـ ن | جنهن تي گمان هُجي. |
| معجون | (ع) | مَع ـ جُو ـ ن | ڳوهيل/ ڳنڌل- خمير ڪيل ٢ـ دوا (مرڪب ٿيل). |
| مَفتون | (ع) | مف ـ تو ـ ن | فتني ۾ وِڌل ٢ـ عاشق- شيفته. |
| مَڪمون | (ع) | مڪ ـ مُو ـ ن | پنهان- پوشيده- لڪل. |
| مَلعون | (ع) | مل ـ عُو ـ ن | لعنت ڪيل- مَردُود. |
| مَمنُون | (ع) | مَم ـ نُو ـ ن | نعمت ڏنل- احسانمَند ٢ـ نقصان ۾ وِڌل. |
| مَوهُون | (ع) | مو ـ هُو ـ ن | سست ڪيل. |
| مَيمون | (ف) | مَيـ ـ مُو ـ ن | بابَرڪت- مبارڪ- خجسته. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مَيمون | (ع) | مَيـ ـ مُو ـ ن | باندر (مشهور جانور). |
| وارُون | (ف) | وا ـ رُو ـ ن | اُبتو ـ معڪوس. شُوم ـ نامبارڪ. |
| هارُون | (ع) | ها ـ رُو ـ ن | ١ـ حضرت موسيٰ ع جي وڏي ڀاءُ (پاڻ ب پيغمبر هو) جو نالو ٢ـ پنجون عباسي خليفو (هارون الرشيد) ٣ـ سرڪش گهوڙو ۴ـ سالارِ قوم ـ سردار. |
| هارُون | (ف) | ها ـ رُو ـ ن | قاصد ٢ـ نقيب ـ پاسبان. |
| هامُون | (ف) | ها ـ مُو ـ ن | جَهنگ ـ بيابان. |
| يَڪسُون | (ف) | يڪ ـ سو ـ ن | برابر ـ هميشه. |

## گروپ ١٩٥

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| آذين | (ف) | آ ـ ذيـ ـ ن | آئين بندي ـ سينگار. |
| آمين | (ع) | آ ـ مِيـ ـ ن | دعا جو ڪلمو ـ خدا ائين ڪري. |
| آئِين | (ف) | آ ـ ئِيـ ـ ن | آرائش ـ سجاوٽ ـ زيب ـ زينت. |
| اَروين | (ف) | ار ـ ويـ ـ ن | امتحان ـ تجربو ـ آزمائش. |
| بالين | (ف) | با ـ ليـ ـ ن | وهاڻو ـ سيراندي |
| برزِين | (ف) | بر ـ زيـ ـ ن | صحرا ٢ـ محلّ ٣ـ باهه |
| بوسِين | (ف) | بو ـ سيـ ـ ن | تهمت ـ بهتان ـ ملامت. |
| تلقِين | (ع) | تل ـ قيـ ـ ن | تسليم ڪرڻ ـ سمجهڻ. |
| تارين | (ف) | تا ـ ريـ ـ ن | اونداهو ـ تاريڪ تر. |
| تحسين | (ع) | تح ـ سيـ ـ ن | تعريف ڪرڻ ـ ساراهڻ. |
| تحصين | (ع) | تح ـ صيـ ـ ن | شهر جي چوڌاري شهر پناه ڏيڻ ٢ـ مورچو. |
| تخمين | (ع) | تخ ـ ميـ ـ ن | تخمينو/ اندازو لڳائڻ. |
| تزئين | (ع) | تز ـ ئيـ ـ ن | زينت ڏيڻ ـ زيبائش ڪرڻ. |
| تضمِين | (ع) | تَض ـ مِيـ ـ ن | ضامن ڪرڻ ـ پنهنجي پناهه ۾ آڻڻ ٢ـ ڪو مشهور شعر پنهنجي شعر ۾ لکڻ. |
| تَڪوين | (ع) | تڪ ـ ويـ ـ ن | وجود ڏيڻ ـ پيدا ڪرڻ. |
| تَمڪِين | (ع) | تم ـ ڪيـ ـ ن | جڳهه ڏيڻ ـ قائم ڪرڻ ٢ـ قدرت (ڪنهن شيءِ تي) حاصل ڪرڻ ٣ـ |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| نوئين | (ف) | نَو ـ ئِيـ ـ ن | بادشاه زادو ـ امير اعظم. داماد ـ نائي. |
| ياسِين | (ع) | يا ـ سِيـ ـ ن | قرآن شريف جي مشهور سوره جو نالو ٢ ـ رسول پاڪ ﷺ جو نالو. |

**گروپ ١٩٦**

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| آبان | (ف) | آ ـ با ـ ن | لوهه تي مؤڪل فرشتي جو نالو. |
| آسان | (ف) | آ ـ سا ـ ن | مشڪل جو ضد ـ سَولو ـ سهل. |
| آوان | (ع) | آ ـ وا ـ ن | آن جو جمع ـ ساعتون ـ لمحا. |
| اَجفان | (ع) | اجـ ـ فا ـ ن | جفن جو جمع ـ پنبڙيون |
| اُحزان | (ع) | احـ ـ زا ـ ن | حُزن جو جمع ـ غمَ. |
| احسان | (ع) | احـ ـ سا ـ ن | ڪنهن سان نيڪي ڪرڻ. |
| اِحصان | (ع) | احـ ـ صا ـ ن | مضبوط/ پاڪدامن/ پرهيزگار بنجڻ. عورت يا ماد جو پرڻجڻ. |
| احيان | (ع) | اَحـ ـ يا ـ ن | حين جو جمع ـ وقتَ ـ زمانا. |
| اِخوان | (ع) | اخـ ـ وا ـ ن | ڀائر ـ برادران |
| اَدمان | (ع) | اد ـ ما ـ ن | هميشه شراب پيئڻ. |
| اَديَان | (ع) | اَد ـ يا ـ ن | دين جو جمع ـ مذهبَ. |
| اَرڪان | (ع) | ار ـ ڪا ـ ن | رڪن جو جمع ـ ڪارندا. |
| اَزمان | (ع) | از ـ ما ـ ن | زمن جو جمع ـ زمانا. |
| اصنان | (ع) | اصـ ـ نا ـ ن | غرور ڪرڻ. |
| اَعلان | (ع) | اعــ لا ـ ن | ڪولڻ ـ ظاهر ڪرڻ. پڌري ـ پٽ. |
| اَعوان | (ع) | اعـ ـ وا ـ ن | عون جو جمع ـ مددگارَ ـ معاونين. |
| اعيان | (ع) | اعـ ـ يا ـ ن | عين جو جمع. اکيون. امراء. سڳا ڀائر ڀيڻون. |
| اَفشان | (ف) | اف ـ شا ـ ن | بوندون وَنَل ـ چٽڪارَ. |
| اَفغان | (ع) | اف ـ غا ـ ن | فرياد ـ آه زاري. هڪ قوم (مسلمان) جو نالو. |
| اقران | (ع) | اق ـ را ـ ن | قرين جو جمع ـ همسايا ـ ويجها ـ هَمسر |
| اڪوان | (ع) | اڪ ـ وا ـ ن | ڪون جو جمع ـ مخلوقات ـ موجودات |



Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| | | | ٢ـ هڪ ديو جو نالو رستم هن ماريو هو |
| اَلحان | (ع) | اَل ـ حا ـ ن | لحن جو جمع. سريلو آواز. ڳائڻ جا آواز. |
| اِمڪان | (ع) | اِم ـ ڪا ـ ن | ٿي سگهڻ. قدرت. طاقت. عدم ۽ وجود ٻنهيءَ جو ضروري نہ هئڻ. |
| انسان | (ع) | اِن ـ سا ـ ن | ماڻهو ٢ـ اک جو تارو. |
| اَوثان | (ع) | اَو ـ ثا ـ ن | وَثن جو جمع. بُت. صَنَم. |
| اَوطان | (ع) | اَو ـ طا ـ ن | وطن جو جمع. سڪونت جا شهر/ مقامَ. |
| ايران | (ف) | اِي ـ را ـ ن | فارسي زبان ڳالهائڻ وارن جو ملڪ. |
| اِيمان | (ع) | اِي ـ ما ـ ن | مڃڻ/ قبولڻ. دل سان خدا ۽ رسول پاڪ ﷺ تي يقين آڻڻ. |
| اَيوان | (ف) | اَي ـ وا ـ ن | محل ٢ـ هال. وڏو دالان ٣ـ اوطاق ٤ـ ديوان خانو. |
| باران | (ف) | با ـ را ـ ن | مينهن. بارش. |
| بالان | (ف) | با ـ لا ـ ن | دهليز. چائنٺ. |
| بحران | (ع) | بُح ـ را ـ ن | تغيرِ عظيم. خلفشار. |
| بُرَان | (ف) | بُ ـ را ـ ن | تيز. وڍيندڙ. |
| بُرهان | (ع) | بُر ـ ها ـ ن | يقيني دليل. |
| بريان | (ف) | بر ـ يا ـ ن | ڀُڳل. ڀُڃيل. |
| بُستان | (ف) | بُس ـ تا ـ ن | بوستان جو مخفف. خوشبو جو هنڌ. گلزار. چمن. باغ. |
| بَڪران | (ف) | بَڪ ـ را ـ ن | ڪُرچَڻ. ڪُرڙ (ديڳ وغيره جي). |
| بُهتان | (ف) | بُه ـ تا ـ ن | جهوٽ. ڪوڙ. دروغ. |
| ثُلثان | (ع) | ثُل ـ ثا ـ ن | ٻہ ڀاڱي ٽي ٢/٣ حصو. |
| ثَوبان | (ع) | ثو ـ با ـ ن | رجوع ڪرڻ. موٽڻ ٢ـ بيماري/ لاغري بعد جسم جو ٿلهو ٿيڻ. |
| ثوبان | (ع) | ثو ـ با ـ ن | رسول پاڪ ﷺ جي هڪ غلام جو نالو. |
| ثيران | (ع) | ثِي ـ را ـ ن | ثور يعني ڍڳو (جانور) جو جمع. |
| جاپان | (س/ف) | جا ـ پا ـ ن | پاڪستان جي مشرق ۽ آمريڪا جي مغرب ۾ مشهور مُلڪ. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جُثمان | (ع) | جُث ـ ما ـ ن | بدن۔ جِسم۔ تن. |
| جَريان | (ع) | جَر ـ يا ـ ن | پاڻي جو جاري ٿيڻ. جاري ٿيڻ. هڪ بيماري جو نالو. |
| جَولان | (ف) | جَو ـ لا ـ ن | ڀڄڻ۔ ڊوڙڻ. |
| جُولان | (ع) | جو ـ لا ـ ن | مجرمن جي پيرن ۾ وجهڻ جي زنجير. |
| چالان | (ع) | چا ـ لا ـ ن | ضبط۔ Challan. |
| چُوگان | | چو ـ گا ـ ن | بلا۔ ڏنڊو۔ نقارو/ دُهل وڄائڻ جي چوب. |
| حِرمان | (ع) | حِر ـ ما ـ ن | محروم رهڻ۔ نااميدي۔ مايوسي۔ ڪجھ نہ ملڻ. |
| حفظان | (ع) | حِف ـ ظا ـ ن | بچاءُ۔ حِفاظت۔ دفاع۔ محافظت. |
| حُوران | (ف) | حو ـ را ـ ن | حُور جو جمع ـ حُورون. |
| حيتان | (ع) | حِي ـ تا ـ ن | حوت يعني مڇيءَ جو جمع۔ مَڇيون. |
| حَيران | (ع) | حَي ـ را ـ ن | وائڙو۔ سرگشتہ. |
| حَيوان | (ع) | حَي ـ وا ـ ن | جيئرو۔ زنده۔ جاندار ٢۔ زنده ٿيڻ ٣۔ زندگي. |
| خاصان | (ف) | خا ـ صا ـ ن | خاص ماڻهو. |
| خاقان | (ت) | خا ـ قا ـ ن | بادشاه۔ بزرگ ٢۔ اڳ ۾ چيني ۽ ترڪستاني بادشاهَن جو لقب. |
| خُسران | (ع) | خس ـ را ـ ن | نقصان۔ زيان. |
| خَفقان | (ف) | خَف ـ قا ـ ن | دل جو ڌڙڪو۔دل جو ڌڪ ڌڪ ڪرڻ. |
| خُمدان | (ف) | خُم ـ دا ـ ن | شراب خانو. |
| خُوبان | (ف) | خُو ـ با ـ ن | خوب جو جمع۔ معشوقن جو جَٿو. |
| خيلان | (ع) | خِي ـ لا ـ ن | خال جو جمع يعني تِر. |
| دامان | (ف) | دا ـ ما ـ ن | دامن۔ جهولي. |
| دَربان | (ف) | در ـ با ـ ن | در جو محافظ۔ چوڪيدار. |
| دَندان | (ف) | دن ـ دا ـ ن | ڏند (دَند هنجو مخفف آهي). |
| دهِقان | (ع) | دِه ـ قا ـ ن | فارسي لفظ دهگان جو مُعرب يعني ڳنوار۔ ڳوٺاڻو۔ هاري/ زميندار. |
| دِيران | (ع) | دِي ـ را ـ ن | دار يعني گهر جو جمع. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| دِيوان | (ف-ع) | دِيـ ـ وا ـ ن | ١ـ ڪچهري ـ عدالت ـ ڪورٽ ٢ـ مسند ٣ـ دفتر ۴ـ رديف وار غزليات جو ڪتاب. |
| ذيشان | (ع) | ذيـ ـ شا ـ ن | ذي معنيٰ صاحب/ وارو ۽ شان معنيٰ عظمت وغيره يعني عظيمـ رتبيدار. |
| رُجحان | (ع) | رُجـ ـ حا ـ ن | لاڙو ٢ـ فوقيت ـ فضيلت ٣ـ زيادتي. |
| رَحمان | (ع) | رَحـ ـ ما ـ ن | گهڻو رحم ڪرڻ وارو. الله پاڪ جو نالو. |
| رَزبان | (ع) | رز ـ با ـ ن | باغبان. |
| رضوان | (ع) | رضـ ـ وا ـ ن | رضامندي ـ خوشنودي ٢ـ بهشت جي دربان فرشتي جو نالو. |
| رَمضان | (ع) | رمـ ـ ضا ـ ن | ساڙڻ وارو ـ ساڙيندڙ ٢ـ نائون اسلامي (قمري) مهينو. |
| رَوشان | (ف) | رو ـ شا ـ ن | روشن. واضع ـ ظاهر |
| رُومان | (ف) | رو ـ ما ـ ن | فرضي داستان ـ ناوِل ـ Novel. افسانو. |
| رَيحان | (ع) | ريـ ـ حا ـ ن | غلبو ٢ـ طاقت ٣ـ پاڪيزه شي ۴ـ نازبو ۵ـ گلاب کان سواءِ هر گل وغيره. |
| زِندان | (ف) | زِنـ ـ دا ـ ن | قيد خانو ـ جَيل. |
| سَاسان | (ف) | سا ـ سا ـ ن | فقير ـ گدا ٢ـ بهمن بن اسفند يار جو پٽ، ايران جي ساساني بادشاهت جو باني. |
| سامان | (ف) | سا ـ ما ـ ن | دولت ـ ثروت ـ اسباب وغيره ٢ـ هڪ شخص جو نالو جنهن جي اولاد بخارا تي حڪومت ڪئي (ساماني چئبا) آهن. |
| سُبحان | (ع) | سُبـ ـ حا ـ ن | الله پاڪ کي پاڪيزگي سان ياد ڪرڻ. |
| سُحبان | (ع) | سُحـ ـ با ـ ن | رسول پاڪ ﷺ جي خاص شاعر جو نالو (سُحبان ولد وائل). |
| سرطان | (ع) | سر ـ طا ـ ن | وِڇون ٢ـ چوٿين آسماني برج جو نالو ٣ـ هڪ بيماري جو نالو ـ ڪينسر. |
| سَڪران | (ع) | سڪـ ـ را ـ ن | مست. |
| سُلطان | (ع) | سلـ ـ طا ـ ن | بادشاه ـ والي ٢ـ قدرت ـ غلبو ٣ـ دليل ـ حجّت. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سَلمان | (ف) | سَل ـ ما ـ ن | رسول پاڪ ﷺ جي هڪ اصحابي جو نالو، ايراني هئڻ ڪري ڪيس فارسي بہ سڏيندا هئا. |
| سَوزان | (ف) | سو ـ زا ـ ن | سڙندڙ. |
| سُوهان | (ف) | سُو ـ ها ـ ن | رَيتي- روايتي. |
| سَهران | (ع) | سَهہ ـ را ـ ن | جاڳندڙ. |
| سيلان | (ع) | سِيـ ـ لا ـ ن | پاڻي/ رَت جو جاري ٿيڻ. |
| شاهان | (ف) | شا ـ ها ـ ن | شاه جو جمع. |
| شايان | (ف) | شا ـ يا ـ ن | شائيگان جو مخفف- جائز- روا- لائق- سزاوار. |
| شِريان | (ع) | شر ـ يا ـ ن | متحَرڪ رڳَ (اِن ۾ خون ڪان وڌ روح ٿيندو آهي ۽ هي دل مان قُتل آهي). |
| شيطان | (ع) | شَيـ ـ طا ـ ن | ابليس- عزازيل ٢- الله جو دشمن- اِنساني دشمن. سرڪش. نانگ |
| طوفان | (ع) | طو ـ فا ـ ن | واچوڙو- جَهڪ. هر شيءِ جيڪا سِين ڪي گهيري وٺي. بنھ اونداهي. |
| طيران | (ع) | طيـ ـ را ـ ن | اُڏامڻ. |
| عُثمان | (ع) | عُثـ ـ ما ـ ن | رسول پاڪ ﷺ جي يار/ ٽئين خليفي جو نالو (ش ٢٥هه) |
| عَدنان | (ع) | عَد ـ نا ـ ن | رسول پاڪ ﷺ جن جي اجداد مان هڪ جو نالو. |
| عِرفان | (ع) | عِر ـ فا ـ ن | سڃاڻپ- شناخت/ سڃاڻڻ ٢- الله پاڪ جي معرفت ٣- حيا- شرم. |
| عصيان | (ع) | عصـ ـ يا ـ ن | نافرماني. ٢- خلل دماغي. |
| عَطشان | (ع) | عَط ـ شا ـ ن | اُڃو- اڃايل. |
| عِمران | (ع) | عِمـ ـ را ـ ن | آبادي ٢- حضرت موسيٰ ع جي والد جو نالو. بيبي مريم ع ٢- حضرت ابو طالب جو نالو. |
| عُنوان | (ع) | عُنـ ـ وا ـ ن | ديباچو- هر شيءِ جو اوّل ٢- ڏس- پتو ٣- |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | بيهڪ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| | | | ڍنگ- طور- وجهه. |
| غُفران | (ع) | غُفُ - را - ن | بخشش- گناهه معاف ڪرڻ. |
| غَلَطان | (ع) | غُلَ - طا - ن | ٻُڏَل. اُٿلندڙ پُٿلندڙ. |
| غِلمان | (ع) | غِل - ما - ن | غلام جو جمع- جنّت ۾ مومنن کي ملندڙ خادم. |
| فَرمان | (ف) | فَر - ما - ن | شاهي حُڪم. |
| فُقدان | (ع) | فُق - دا - ن | گم ٿيڻ- وڃائجي وڃڻ- گم ڪرڻ- گمشدگي. |
| فيضان | (ع) | فَيـ - ضا - ن | ڪثرت سان پاڻي جو وَهڻ- راز جو افشان ٿيڻ. فائدو- نفعو. |
| قحطان | (ع) | قحـ - طا - ن | سام بن حضرت نوح ع نبي جو نالو. |
| قُرآن | (ع) | قُر - آ - ن | ڪلام الله جيڪو رسول پاڪ ﷺ تي نازل ٿيو- مسلمانن جو ڪتاب. |
| قُربان | (ع) | قُر - با - ن | صدقو- خيرات. مجازاً: نثار- فدا. |
| قشمان | (ع) | قش - ما - ن | وڏي ٻِڄَهه. |
| ڪَريان | (ع) | ڪَر - يا - ن | ننڍاڪڙو. |
| ڪُفران | (ع) | ڪُفَ - را - ن | ناشڪري. |
| ڪِنعان | (ع) | ڪن - عا - ن | فلسطين جو نالو جنهن کي ڪنعان بن نوح ع جوڙيو- حضرت يعقوب ع جو مسڪن- حضرت يوسف ع جي جاءِ ولادت. |
| گُذران | (ف) | گُذ - را - ن | گذرندڙ- گذرندي. خرچ ڪندي. |
| گويان | (ف) | گو - يا - ن | چوندي- ڳالهائيندي. |
| گِيلان | (ف) | گِيـ - لا - ن | ايران جو هڪ صوبو ۽ بغداد ويجهو ڳوٺ. |
| گيهان | (ف) | گيـ - ها - ن | جهان- دنيا- عالم. زمانو. |
| لامان | (ف) | لا - ما - ن | گهٽائي- ڪثرت ٢- فريب- ڪوڙ ٣- بي وفائي. ڪڏو- نانءُ- لُولُو. |
| لُبنان | (ع) | لُبـ - نا - ن | شام جي هڪ جَبل جو نالو، جيڪو |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| | | | درويشن جو مسڪن هو۔ هڪ ملڪ جو نالو. |
| لغزان | (ع) | لغ ـ زا ـ ن | ترڪندڙ. |
| لُقمان | (ع) | لُق ـ ما ـ ن | مشهور حڪيم لقمان بن باعور جو نالو، پاڻ حضرت ايوب ع جو ماسات هو، انتقال بعد فلسطين جي شهر رِملہ ۾ دفن ٿيو ٢۔ قرآن مجيد جي هڪ سوره جو نالو. |
| لَمعان | (ع) | لَم ـ عا ـ ن | روشن ٿيڻ ٢۔ ڪنوڻ جو چمڪڻ. |
| مبطان | (ع) | مب ـ طا ـ ن | وڏي پيٽ وارو |
| مَرجان | (ع) | مُر ـ جا ـ ن | مونگا. هڪ قسم جو قيمتي ڳاڙهو ساموندي پٿر. |
| مردان | (ف) | مَر ـ دا ـ ن | مرد جو جمع۔ نَر ماڻهو. |
| مَروان | (ع) | مَر ـ وا ـ ن | بني اميہ جي شخص حڪم جو پٽ۔ رسول پاڪ ﷺ جو ڏٽيل۔ حضرت عثمان رضہ جو منشي۔ خاندانِ مروانيہ جو باني |
| مَڪران | (ف) | مَڪ ـ را ـ ن | بلوچستان جي هڪ ضلعي ۽ شهر جو نالو. |
| مُلتان | (ف) | مُل ـ تا ـ ن | راوي درياء جي ڪناري تي جڙيل هڪ نهايت قديم شهر جو نالو. |
| مِهمان | (ف) | مِه ـ ما ـ ن | مِہ معنيٰ بزرگ ۽ مان معنيٰ جهڙو۔ بزرگ جهڙو۔ پَلو. دعوتي۔ مزمان Guest. |
| مَيدان | (ف) | مَي ـ دا ـ ن | فراخ زمين۔ ڪشادي زمين. |
| ميزان | (ع) | مِي ـ زا ـ ن | ساهمي ٢۔ آسماني بُرج جو نالو Libra. |
| مَيلان | (ع) | مَي ـ لا ـ ن | لاڙو۔ جُهڪڻ۔ مائل ٿيڻ ٢۔ رغبت۔ خواهش. |
| نادان | (ف) | نا ـ دا ـ ن | جاهل۔ اَبوجهہ. |
| نازان | (ف) | نا ـ زا ـ ن | ناز ڪرڻ وارو. |
| نالان | (ف) | نا ـ لا ـ ن | نالہ يعني دانهن ڪندڙ۔ روئندڙ۔ فرياد |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معني |
| --- | --- | --- | --- |
| | | | ڪندڙ. |
| نِسوان | (ع) | نِس ـ وا ـ ن | عورتون- مايون. |
| نِسيان | (ع) | نِس ـ يا ـ ن | غلطي- ڀُل- ويسارو. ويساري جي بيماري. |
| نَعلان | (ع) | نَع ـ لا ـ ن | جُتيءَ جا ٻئي پادر- جوڙو. |
| نُعمان | (ع) | نُع ـ ما ـ ن | امام اعظم ابو حنيفه ڪوفي جو نالو ٢- عرب جي هڪ باشاه جو نالو. |
| نقصان | (ع) | نُق ـ صا ـ ن | ڪوٽ- گهٽتائي- زيان- ٽوٽو. |
| نَيسان | (ف) | نَي ـ سا ـ ن | بهار جو مهينو. اپريل جو فارسي نالو. |
| نِيشان | (ف) | نِي ـ شا ـ ن | مخالفت. |
| نَيشان | (ع) | نَي ـ شا ـ ن | نِشان- مارڪ ـ Mark. |
| وِجدان | (ع) | وِج ـ دا ـ ن | وِڃايل شيءِ کي حاصل ڪرڻ/ دريافت ڪرڻ. |
| وَحدان | (ع) | وح ـ دا ـ ن | واحد جو جمع- هڪ. |
| وَحشان | (ع) | وَح ـ شا ـ ن | وَحش جو جمع. |
| وِردان | (ف) | ور ـ دا ـ ن | ورد يعني شاگرد/ مريد جو جمع. |
| وِيران | (ف) | وِي ـ را ـ ن | غيرآباد. خراب. |
| هامان | (ع) | ها ـ ما ـ ن | فرعونِ مصر جو نالو ٢- حضرت ابراهيم ع جي پاءُ جو نالو. |
| هجران | (ع) | هج ـ را ـ ن | جُدائي- ڪرڻ- قطع تعلق ڪرڻ. |
| هُرمان | (ع) | هُر ـ ما ـ ن | عقل- هوش. |
| هَيجان | (ع) | هَي ـ جا ـ ن | جوش ۾ اچڻ. |
| ياران | (ف) | يا ـ را ـ ن | يار جو جَمع- دوستَ. |
| ڪنعان | (ع) | ڪ ـ نـ ـ عا ـ ن | مشهور پيغمبر نوح ع جي پُٽ جو نالو. جيڪو ڪافر ٿيو. |
| ياسان | (ف) | يا ـ سا ـ ن | سزاوار- لائق ٢- عجم جو هڪ پيغمبر. |
| يَرقان | (ع) | ير ـ قا ـ ن | مشهور بيماري جو نالو- سائي. |
| يَزدان | (ف) | يز ـ دا ـ ن | الله پاڪ ٢- نيڪيءَ جو خدا- اسلام کان اڳ ايراني ٻن خدائن جي پوڄا ڪندا هئا جن مان نيڪيءَ جي خدا کي |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|

## گروپ ١٩٧

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اَرزان | (ف) | اَر - زان | سَستو- هَلڪو- مهانگي جو ضد. |
| بَدران | (س) | بَد - ران | عَيوضُ- پاران. |
| ترسان | (ف) | تر - سان | ڊڄندي- ڊنل- خوفزده. |
| پُرسان | (ف) | پُر - سان | پڇڻ وارو- دريافت ڪندڙ. همدرد- ڏک ڀائي. |
| پويان | (ف) | پو - يان | هلڻ وارو- ڊوڙندڙ ٢- ڊوڙندي. |
| جانان | (ف) | جا - نان | جان. معشوق- پيارو. |
| چَندان | (ف) | چَند - دان | ايترو- ايتري قدر ٢- ايسين تائين ٣- صندل جو ڪاٺ. |
| خَندان | (ف) | خَند - دان | کلندڙ- شگفته. |
| درمان | (ف) | دَر - مان | علاج- دوا. |
| دَورا | (ف) | دو - را | آسمانِ جي گردش ٢- زمانو ٣- مَٽي جي ڦيري. |
| دُونان | (ف) | دُو - نان | ڪَمِينا/ ڪميڻان. |
| دَيوان | (ف) | دَيـ - وان | دَيو جو جَمع- ديوَ- ڀُوتَ- شياطين. |
| رَخشان | (ف) | رَخـ - شان | چمڪندڙ- روشن. |
| ريشان | (ف) | ريـ - شان | زخمي- گهائِل- نهوڙيل. |
| شادان | (ف) | شا - دان | خوشحال- خوش وقت- آسودو. |
| عريان | (ف) | عُر - يان | اگهاڙو- برهنه. |
| ڪوشان | (ف) | ڪو - شان | اصل ۾ ڪوشا آهي يعني ڪوشش ڪندڙ- سعيو ڪندڙ. |
| لَرزا | (ف) | لر - زا | ڏڪندڙ- لرزندڙ. |
| مُژگان | (ف) | مُز - گان | مِزه جو جمع- پنبڻيون (اک جي پنبڻي)- پِنبَڻ. |

## گروپ ١٩٨

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| آبادي | (ف) | آ - با - دي | وَسَندي- ڳوٺ. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| آزادي | (ف) | آ ـ زا ـ دي | ڇوٽڪارو- خودمختياري- حريت. |
| اُستادي | (ف) | اُس ـ تا ـ دي | سِکيا. |
| آبداري | (ف) | آ ـ بـ ـ دا ـ ري | چمڪ- صفائي. |
| آبياري | (ف) | آ ـ بـ ـ يا ـ ري | زمين وغيره کي پاڻي ڏيڻ. |
| اُستواري | (ف) | اس ـ تـ ـ وا ـ ري | مضبوطي- استحڪام. |
| اشتهاري | (ع) | اشـ ـ تـ ـ ها ـ ري | مشهوريءَ وارو- اشتهار ڏنل. |
| آبي | (ف) | آ ـ بي | پيگلَ- ٢- پاڻي ۾ رهندڙ جانوَر وغيره ٣- پاڻيءَ سان نسبت رکندڙ- پاڻيءَ جو- پاڻيءَ وارو. |

## گروپ ١٩٩

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اورٽا | (س) | او ـ ر ـ ٽا | اَورڻ- سلٽا- ٻُڌائٽا. |
| پورٽا | (س) | پو ـ ر ـ ٽا | پورڻ. پَرپٺ ٻُرائي ڪرڻ- گِلا ڪرڻ. پيڇڻ. |
| تورٽا | (س) | تو ـ ر ـ ٽا | تورڻ- تور ڪَرٽا- وزن ڪَرٽا- آزمائٽا. |
| تُورٽا | (س) | تو ـ ر ـ ٽا | نِيائٽا- خير خوبيءَ سان هِلائٽا. |
| جُهورٽا | (س) | جهو ـ ر ـ ٽا | جهورڻ- ڏک وارا ڪرڻ- ايذائٽا- تڪليف زده ڪرڻ. غم زده ڪرڻ. |
| ڏورٽا | (س) | ڏو ـ ر ـ ٽا | ڏورڻ جو جمع- ڳولٽا. |
| سورٽا | (س) | سو ـ ر ـ ٽا | سورڻ جو جمع- چورٽا- وڏائٽا (اڳتي) |
| ڪورٽا | (س) | ڪو ـ ر ـ ٽا | ڪورڻ جو جمع- وڍٽا- ٻاڙئون ڪٽٽا. |
| گهورٽا | (س) | گهو ـ ر ـ ٽا | گهورڻ جو جمع- صدقي- قربان. |
| مُبالغا | (س) | مـ ـ با ـ لـ ـ غا | عربي مُبالغ جو سنڌي جمع- ڳالهه مان ڳالهوڙو ناهڻ- زيادتي ڪرڻ. |
| مُحاصرا | (س) | مُـ ـ حا ـ صـ ـ را | عربي مُحاصَره جو سنڌي جمع- گهيرا- هر طرف کان گهيرا ڪرڻ. |
| مُشاعرا | (س) | مُـ ـ شا ـ عـ ـ را | عربي مُشاعره جو سنڌي جمع- شعر و شاعريءَ جون مجلسون. |
| مُشاهدا | (س) | مُـ ـ شا ـ هـ ـ دا | عربي مُشاهده جو سنڌي جمع- ڏسڻ- نور |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ماٽا | (س) | ما ـ ٽا | لاڏ ـ فرمائشون. |
| ناٽا | (س) | نا ـ ٽا | خزانا. |
| هاٽا | (س) | ها ـ ٽا | لڳل ـ مُتاثر. |
| اباٽا | (س) | ا ـ با ـ ٽا | ڏاڏاٽا ـ مِٽ مائٽ ـ ماءُ، پيءُ، ڀيڻ ۽ ڀاءُ. |
| پڇاٽا | (س) | پِ ـ ڇا ـ ٽا | ڪان پوءِ ـ بعد ۾. |
| پُراٽا | (س) | پُ ـ را ـ ٽا | نَوَن جو ضد ـ اڳيان ـ فرسوده. |
| سياٽا | (س) | سِ ـ يا ـ ٽا | عقل وارا ـ سياڻپ وارا. |
| مُهاٽا | (س) | مُ ـ ها ـ ٽا | هڪ ذات ـ مَڇي مارڻ وارا. |
| نماٽا | (س) | نِ ـ ما ـ ٽا | معصومَ. البيلا ـ غريب ـ مِسڪين صفت |
| خانا | (س) | خا ـ نا | فارسي خانہ جو سنڌيءَ ۾ جمع ـ گهرَ ـ مڪانَ. |
| ڪانا | (س) | ڪا ـ نا | ڪَڪَ. |
| ڳانا | (س) | ڳا ـ نا | ڳچيءَ، ٻانهن وغيره ۾ ٻڌڻ جا مٽيِنَ وارا/ ريشمي ڏورا. |
| گانا | (س) | گا ـ نا | اُردو گانا جو سنڌي ۾ جمع، ڳيچ. |
| بَهانا | (س) | بَ ـ ها ـ نا | فارسي بهانہ جو سنڌي ۾ جمع ـ وجه ـ حوالو ـ سبب. |
| تَرانا | (س) | تَ ـ را ـ نا | فارسي ترانہ جو سنڌيءَ ۾ جمع. ڳيچ ـ راڳ ـ نغما. |
| تَوانا | (س) | تُ ـ وا ـ نا | قوّي ـ طاقتور ـ تندرست ـ ڏڱ ـ سنڌي ۾ بطور جمع استعمال ٿيندو آهي. |
| خزانا | (س) | خَ ـ زا ـ نا | عربي خزانہ جو سنڌيءَ ۾ جمع ـ سون چاندي يا دولت جو ڍير. |
| زمانا | (س) | زَ ـ ما ـ نا | عربي زمانہ جو سنڌيءَ ۾ جمع ـ وقتَ ـ عَرصا ـ سالَ. |
| زنانا | (س) | زَ ـ نا ـ نا | عورتن جهڙا. عورتن جا. |
| فَسانا | (س) | فَ ـ سا ـ نا | افسانہ جو مُخفف ـ قِصا ـ ڪهاڻيون وغيره. |
| نشانا | (س) | نِ ـ شا ـ نا | فارسي نشانہ جو سنڌيءَ ۾ جمع ـ هَدفَ. |

Gul Hayat Institute

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| يگانا | (س) | يَ ـ گا ـ نا | فارسي يگانہ جو سنڌيءَ ۾ جمع. اَمُلهہ. بي مِثل. لاثاني. دوستَ. |

### گروپ ٢٠٠

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| آستانا | (س) | آس ـ تا ـ نا | فارسي آستانہ جو سنڌيءَ ۾ جمع. بادشاهَن جي بارگاهون. فقيرن جون درگاهون. |
| آشيانا | (س) | آش ـ يا ـ نا | فارسي آشيانہ جو سنڌيءَ ۾ جمع. آکيرا. ڇت. گهر. |
| تازيانا | (س) | تاز ـ يا ـ نا | فارسي تازيانہ جو سنڌيءَ ۾ جمع. چاهُڪ. هنٽرَ. لَڪُڻ. |
| دوستانا | (س) | دو ـ سـ ـ تا ـ نا | اردو دوستانہ جو سنڌي ترجمو. دوستيءَ وارا. سازگار. |
| افسانا | (ف) | اف ـ سا ـ نا | افسانہ جو جمع. ڪَهاڻيون. |
| بيگانا | (ف) | بيـ ـ گا ـ نا | ڪجھ بہ نہ. اصطلاحاً: پراوا. ڌاريان. |
| پَروانا | (ف) | پَر ـ وا ـ نا | پَروانہ جو سنڌيءَ ۾ جمع. پتنگ. اصطلاحاً: سرفروشَ. جانثارَ. |
| پَيمانا | (ف) | پيـ ـ ما ـ نا | فارسي پيمانہ جو سنڌيءَ ۾ جمع. ماپ ڪرڻ جا ٿانوَ. پيالا. |
| جانانا | (ف) | جا ـ نا ـ نا | فارسي جانانہ جو سنڌيءَ ۾ جمع. پيارا. مَحبُوبَ. |
| جُرمانا | (ف) | جَر ـ ما ـ نا | فارسي جرمانہ جو سنڌي ۾ جمع. ڏَنڊَ |
| خسخانا | (ف) | خسـ ـ خا ـ نا | خس معنيٰ نالائق، ڪنجوس، ڪمينو، خانا معنيٰ گهر، يعني جت ڪمينا رهن. |

Gul Hayat Institute

### گروپ ٢٠١

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سارا | (س) | سا ـ را | سڀ. سمورا. جُملي. سَيئي. |
| ڪارا | (س) | ڪا ـ را | ڪاري رنگ وارا. ڪنا. عيبدار. |
| کارا | (س) | کا ـ را | کاراڻ وارا. تُرش. کَٽا. |
| گهارا | (س) | گها ـ را | ويڇا. مفاصلا. |

| لفظ | ٻولي | ٻيهڪ | معني |
|---|---|---|---|
| | | | **گروپ ۲۰۸** |
| اَچِ | (س) | اَ - چِ | آءُ. |
| بَچِ | (س) | بَ - چِ | پاسو ڪر- بچاءُ ڪر. |
| پَچِ | (س) | پَ - چِ | سَڙ. مجازاً: هِر- سِڪُ. |
| جَچِ | (س) | جَ - چِ | ٺهُ- مُناسب ٿي. |
| چَچ | (س) | چَ - چ | سنڌ جي برهمڻ گهراڻي جي باني راجا جو نالو- راجا ڏاهر جو پيءُ. |
| رَچُ | (س) | رَ - چُ | پڪو ٿي- مضبوط ٿي. رچي وڃ- رڳجي وڃ. |
| سَچُ | (س) | سَ - چُ | ڪوڙ جو ضدُ- حق. |
| ڪَچُ | | ڪَ - چُ | ڪچي شيءِ. شيشو. |
| ڳِچِ | (س) | ڳِ - چِ | ڪڇ. |
| مَچِ | (س) | مَ - چِ | جوش ۲. باھ جو ڀڙ. |
| نَچِ | (س) | نَ - چِ | نچي ڏيکار. |
| | | | **گروپ ۲۰۹** |
| ايچ | (ت) | اِي - چ | ٻي وڃ- نوش ڪر. |
| ڀيچ | (س) | ڀي - چ | مِلاءِ- گڏ- ملائي ڏِسُ. |
| پيچ | (ف) | پيَ - چ | وَر- خم- حلقو. مجازاً: ياري- نينهن. |
| ڪيچ | (س) | ڪي - چ | مُلڪ- ديس. |
| ڪيچ | (ف) | ڪَيَ - چ | سيستان جي هڪ شهر جو نالو. |
| هيچ | (ف) | هيَ - چ | ٿورڙو- ناچيز. |

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

طالب المولیٰ اکیڈمی، ہالا